آزمائشي اشاعت

# مذهبي تعليمات

## نائين ۽ ڏهين ڪلاس لاءِ

(نئين نصاب مطابق)

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

چپيندڙ:
يونيورسل بُڪ ڊيپو، حيدرآباد

سيئي حقَ ۽ واسطا سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄام شورو وٽ محفوظ آهن.

تيار ڪندڙ: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄام شورو
منظور ٿيل: صوبائي محڪمه تعليم و خواندگي ، حڪومت سنڌ
مراسلہ نمبر: سنڌ حڪومت جي تعليم ۽ خواندگيء واري کاتي جي مراسلي نمبر SO(C)SELD/STBB-18/2021، مؤرخہ: 23 فروري 2021 موجب سنڌ صوبي جي اسڪولن لاءِ مذهبي تعليمات جو واحد درسي ڪتاب
ڪتابن جي چڪاسڻ جي صوبائي ڪميٽي ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ، ڄام شورو جو چڪاسيل

نگرانِ اعلیٰ: آغاسهيل احمد (چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ)

نگران: عبدالباقي ادريس السندي

ليکڪَ: پونجراج ڪيسراڻي
نياز احمد راڄپر
پروفيسر ڊاڪٽر عبدالوحيد انڙ

**صوبائي جائزه ڪميٽي**

- انجنيئر اي. ايل جگرو
- ڊاڪٽر چمن منشا
- عبدالباقي ادريس السندي
- نڪٽ سنگھ سوڍو
- هريش مهيشوري
- چيتن داس ميگھواڙ
- پروفيسر محمد وسيم مغل

ڇپيندڙ : هي ڪتاب يونيورسل بُڪ ڊيپو، حيدرآباد ۾ ڇپيو.

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| باب پهريون: الف: مذهبن جو تعارف | 1 |
| 1. مذهب جي ذاتي ۽ نفسياتي اهميت | 2 |
| 2. مذهب جي سماجي ۽ اخلاقي اهميت | 7 |
| 3. بحرانن جي حل ڪرڻ ۾ مذهب جو ڪردار | 13 |
| 4. گناهہ ۽ جرم جو تصور | 18 |
| باب پهريون: ب: دنيا جا مذهب | 22 |
| 1. جين ڌرم (تعارف ۽ اوسر) | 23 |
| 2. مهاوير | 29 |
| باب ٻيو: سماجي ۽ اخلاقي قدر | 34 |
| 1. مالڪِ حقيقي جي وڏائي | 35 |
| 2. مکيہ مذهبن جون عبادت گاهون ۽ عبادت جا طريقا | 40 |
| 3. مذهبن ۾ پرهيزگاري، رحمدلي، همدردي ۽ سچائي جو تصور | 51 |
| 4. احتساب ۽ انساني ڪردار تي ان جو اثر | 57 |
| 5. مذهبي اعتبار سان وقت ۽ ان جي پابندي جي اهميت | 61 |

# فهرست

| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| باب ٽيون: سماجي آداب | 65 |
| 1. آداب | 66 |
| 2. عبادت گاهن جا آداب | 72 |
| 3. دفتر ۽ بينڪ جا آداب | 77 |
| 4. بس اسٽينڊ، ريلوي اسٽيشن ۽ هوائي اڏي جا آداب | 82 |
| 5. مارڪيٽ جا آداب | 88 |
| باب چوٿون: اهم شخصيتون | 93 |
| 1. ارسطو | 94 |
| 2. جرمن فلاسافر امانيول ڪانٽ | 99 |
| 3. امام غزالي رحمة الله عليه | 104 |
| 4. فلورينس نائيٽنگل | 109 |

# مذهبن جو تعارف

## تدريسي معيار

هن باب پڙهڻ کان پوءِ شاگردن ۽ شاگردياڻين مان اميد ڪجي ٿي ته اهي:

- پر امن طور گڏجي رهڻ لاءِ جيڪي گڻ ۽ قدر ناگزير آهن تن کي سڃاڻي انهن تي عمل ڪري سگهندا.
- مذهبي ۽ سماجي تناظر ۾ جيڪي ڪم چڱا ۽ برا آهن تن جي نشاندهي ڪري سگهندا.
- احساس ڪندا ته چڱن ڪمن ڪرڻ ۽ برن ڪمن کان بچڻ واري اصول تي عمل نه ڪرڻ جي ڪري جهيڙا جهڳڙا منهن ڪيندا آهن.
- دنيا جي ترقيءَ ۾ بين سان ياڳي پائيوار ٿي هلندا.

مالڪِ حقيقي انسانن جي هدايت لاءِ هر دور ۾ مقدس هستين کي ڌرتي تي موڪلي کين انهن جي مذهبي، اخلاقي، سماجي توڙي روحاني رهنمائي جي ذميواري سونپي آهي. انهن مقدس هستين پاران ڏسيل هدايتن جي روشني ۾ دنيا جون انيڪ قومون پنهنجون مذهبي ۽ سماجي ريتون رسمون سرانجام ڏينديون پيون اچن. جنهن سان ماڻهن جي سيرت ۽ ڪردار سان گڏوگڏ انهن جي رهڻي ڪهڻي، نفسيات توڙي سماجي روين ۾ مثبت تبديلي رونما ٿئي ٿي. کين نيڪي ۽ برائي، حق ۽ ناحق، سچ ۽ ڪوڙ توڙي جرم ۽ گناهه جي تفريق ڪرڻ ۾ آساني ٿئي ٿي. اهي سماج ۽ رياست ۾ جنم وٺندڙ بحرانن جي حقيقت، انهن جي سببن ۽ حل جو ادراڪ ڪري ان جي خاتمي جو انتظام ڪرڻ جي لائق بڻجن ٿا. اهڙن سماجي توڙي اخلاقي قدرن کي سمجهڻ، اپنائڻ ۽ پنهنجي زندگي جو حصو بنائڻ جي هر مذهب تاڪيد ڪري ٿو. جو ته انساني زندگي جي بهتر انداز کي مذهب خوب همٿائي ٿو. اهڙن مذهبن مان جين ڌرم به هڪ اهم عالمي مذهب آهي. جيڪو دنيا ۾ ايندڙ ڏکن مان پار پوڻ ۽ سکن کي سميٽڻ توڙي هر جاندار سان محبت ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو.

هن باب ۾ ”مذهب جي نفسياتي اهميت“، ”مذهب جي سماجي ۽ اخلاقي اهميت“، ”بحرانن کي حل ڪرڻ ۾ مذهب جو ڪردار“، ”گناهه ۽ جرم جو تصور“ سان گڏ ”جين ڌرم جي تفصيلي تعارف“ ۽ ”مهاوير“ بابت سبق شامل ڪيا ويا آهن.

# مذهب جي ذاتي ۽ نفسياتي اهميت

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- مذهب ۽ نفسيات يا مذهبيت ۽ ذهني آسودگي جي درميان فرق ڪري سگهندا.
- وضاحت ڪري سگهندا ته مذهب انسان جي نفسياتي رويي تي ڪيئن اثر انداز ٿئي ٿو.



مالڪِ حقيقي پنهنجي سموري مخلوق مان انسان کي عقل، فهم ۽ ادراڪ جي نعمت سان نوازيو آهي. هن جو ذهن هڪ لمحي لاءِ به خالي نه هوندو آهي. بلڪ هر وقت اڻ ڳڻيون سوچن، خيالن، جذبن ۽ احساسن سان پرپور هوندو آهي، پر هر ڪنهن جا خيال ۽ جذبا هڪ جهڙا نه هوندا آهن. تنهن هوندي به گڏجي زندگي گذارڻ سندن فطرت ۾ شامل آهي. انسانن کي گڏجي زندگي گذارڻ لاءِ ڪن اصولن، قاعدن ۽ اعلىٰ اخلاقي گڻن جي ضرورت پوندي آهي. جن کي اختيار ڪرڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ سان هو پُرامن، پُرسڪون، خوشحال ۽ هڪ مطمئن زندگي گذاري سگهندا آهن. ماڻهن جو اهڙو سماج ترقي ۽ خوشحالي طرف وڌندو رهندو آهي.

مذهب، عقيدن ۽ عبادتن جو هڪ منظم نظام آهي جيڪو انساني معاملن ۽ سياءَ کي اخلاقي قدرن موجب هلائي ٿو، جن تي عمل ڪرڻ سان هو پنهنجي روزمره جي حياتي بين سان گڏجي گذاري ٿو. جڏهن ته انسان جي ذهن ۽ روين جي سائنسي اڀياس کي نفسيات جو علم (Psychology) سڏبو آهي. اهو علم سمجهائي ٿو ته هڪ انسان پنهنجي سماجي، حياتياتي ۽ ماحولياتي اثر هيٺ ڪيئن سوچي ٿو، سمجهي ٿو، محسوس ڪري ٿو ۽ رد عمل ڏيکاري ٿو. جنهن سان انسان ۾ پنهنجي من اندر جي سوچ توڙي بين انسانن جي احساسن ۽ جذبن کي سمجهڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي ٿي. هي علم ان ڳالهه جي اڀياس ڪرڻ ۾ به مدد

ڪري ٿو ته هڪ ماڻهو جي شخصيت ۽ ڪردار جي نشوونما ۾ ڪهڙين حالتن، جذبن، ذهني ۽ سماجي دٻاءُ ۽ ماحول جو ڪيترو عمل دخل آهي.

مذهب جي سڪيائن جو بنياد الهامي پيغام تي مشتمل هوندو آهي. جيڪو انساني فطرت جي موافق ٿئي ٿو. مالڪِ حقيقي جي ڏنل هدايتن کي مڃڻ ۽ انهن جي پيروي ڪرڻ انسان جي مٿان گران نه ٿو رهي جو ته اهو سندن فطرت موجب لاڳو ٿئي ٿو. البته انسان پاڻ ان ۾ مشڪلاتون پيدا ڪن ٿا. ساڳي طرح مذهب جو انسان تي نفسياتي اعتبار سان به اثر آهي جو هو مالڪِ حقيقي، نيڪي، برائي، جنت ۽ جهنم جي ڳالهين تي سنجيدگي سان غور ڪري ٿو ۽ انهن لاءِ پنهنجي ذهن کي هم آهنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هو مذهب جي خلاف ڪليو ڪلايو انداز ۾ نه ٿو اچي بلڪ ڪنهن نه ڪنهن موڙ تي ان جي سامهون پنهنجو پاڻ کي عاجز سمجهي ٿو، جيڪا مذهب جي اثر انداز هجڻ جي علامت آهي.

**مذهب ۽ نفسيات ۾ فرق:** مذهب، ماڻهن جي سوچڻ جي انداز ۽ عمل تي اثر انداز ٿئي ٿو. ۽ علم نفسيات به ماڻهن جي رويي، سوچ سمجهه، تي اثر انداز ٿئي ٿو. انهن جي وچ ۾ ٿورو گهڻو فرق هيٺ بيان ڪجي ٿو:

- مذهب، اخلاقي اصول ۽ قاعدا قانون جوڙڻ ۾ مدد ڪري ٿو. جڏهن ته علم نفسيات ٻين جي جذبن ۽ احساسن کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿو.
- مذهب، ماڻهو کي پنهنجي حياتي جو مقصد ڄاڻڻ، سٺي نموني زندگي گذارڻ ۽ مالڪِ حقيقي جي ڏنل نعمتن جو شڪر بجا آڻڻ ۽ ان کي ياد ڪرڻ لاءِ اتساهي ٿو. جڏهن ته علم نفسيات ماڻهو کي پنهنجي ضمير جي مطابق زندگي گذارڻ ۽ سماج ۾ ٻين سان بهتر نموني وهنوار ڪرڻ لاءِ گهربل سياءُ ۽ روين جي جوڙجڪ ڪري ٿو.
- مذهب، انسان کي روحاني سڪون حاصل ڪرڻ جا اُپاءَ ٻڌائي ٿو. جڏهن ته علم نفسيات انسان کي پنهنجي حياتي ۾ ايندڙ مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ روحاني طور مضبوط بنائي ٿو.
- مذهب، ماڻهو کي صحيح يا غلط، سزا ۽ جزا جي باري ۾ ٻڌائي ٿو جڏهن ته علم نفسيات انسان ۾ ادراڪ پيدا ڪري ٿو، جنهن سان ڪيس سچ ۽ ڪوڙ، صحيح يا غلط ۽ حق ۽ ناحق جي وچ ۾ فرق کي سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي.

**مذهبيت ۽ ڀلائي واري سوچ جي وچ ۾ فرق:** اصولي طور تي مذهب انسانيت جي ڀلائي چاهي ٿو، تنهن ڪري هڪ ماڻهو مذهبي هوندي به انسان دوست ٿي سگهي ٿو پر عام

طور مذهبيت يا مذهبي سوچ وارو ماڻهو پنهنجن عقيدن کي صحيح سمجهي ٿو ۽ هو صرف پنهنجي مذهب، مکتبِ فکر يا فرقي وارن ماڻهن جي ڀلائي لاءِ سوچي ۽ کم کري ٿو. جڏهن ته عام ڀلائي واري سوچ ۽ جذبو رکندڙ ماڻهو پنهنجي اندر موجود صلاحيتن کي سيني انسانن جي ڀلائي لاءِ کم آڻي ٿو ۽ هر کنهن سان بهتر تعلقات رکڻ جي کوشش کري ٿو اهو ماڻهو ئي مذهب جو اصل روح سمجهندڙ ۽ انسانيت جو خير خواهه آهي.

## هن سبق مان معلوم ٿيو ته:

مذهب، عقيدن ۽ بندگي جو هڪ منظم نظام آهي، جيڪو انساني زندگي جي مڙني معاملن کي اخلاقي دائري ۾ آڻي ٿو ۽ نفسيات ۾ انساني سوچن ۽ روين بابت سائنسي طريقي سان کوجنا ۽ اڀياس کيو ويندو آهي. انسان جڏهن کنهن به ڳالهه بابت مذهبي اعتبار سان سوچي ٿو ته سندس سوچ ۽ کردار تي ان جو چٽو اثر پوي ٿو، جو ته هر مذهب بنيادي طرح الهامي پيغام تي مشتمل آهي ۽ هر بندو اهو نه چاهيندو آهي ته هو پنهنجي مالڪِ جي مخالفت کري تنهن کري مذهب جي معاملي ۾ انسان تي نفسياتي طور به اثر پوندو آهي ته هو مذهب جي پيروي کرڻ ۾ جيتوڻيڪ کمزور آهي ته به ان جي مخالفت نه کري.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. مذهب جي وضاحت کريو.
2. نفسيات جو مفهوم بيان کريو.
3. مذهبيت ۽ عام ڀلائي ۾ کهڙو فرق آهي؟

**(ب) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. ”مذهب جي سڪيائن جو بنياد الهامي پيغام تي آهي“ وضاحت کريو.
2. مذهب ۽ نفسيات ۾ کهڙا فرق آهن؟

**(ج) صحيح جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. عقل، فهم ۽ ادراک واري نعمت مليل آهي:

| | |
|---|---|
| (الف) انسانن کي | (ب) جانورن کي |
| (ج) ٻوٽن کي | (د) جبلن کي |

2. عقيدن ۽ عبادتن جي نظام کي سڏجي ٿو:

(الف) سياست (ب) عبادت

(ج) رياست (د) مذهب

3. انساني سوچن ۽ روين بابت سائنسي اڀياس جو نالو آهي:

(الف) ڪيميا (ب) فزڪس

(ج) نفسيات (د) ڪائنات

4. مذهبن جي سکيائن جو بنياد آهي:

(الف) مذهب (ب) فلسفو

(ج) برقي پيغام (د) الهامي پيغام

5. مذهب ۽ نفسيات بنيادي طور تي اثر انداز ٿين ٿا:

(الف) روين تي (ب) اُصولن تي

(ج) ارادن تي (د) ڳڻن تي

### شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

هفتي جي هڪ ذهين شاگرد ۽ شاگرداڻيون "مذهب" ۽ "نفسيات" بابت مواد گڏ ڪري ڪلاس ۾ "مذهب ۽ نفسيات جا انساني ڪردار تي پونڊڙ اثر" جي عنوان تي پاڻ ۾ ڳالھ ٻولھ ڪن ۽ ان جي نتيجن جي جدا جدا فهرست جوڙي استاد کي ڪلاس ۾ پيش ڪن.

### استادن لاءِ هدايتون

- شاگردن ۽ شاگردياڻين کي نفسيات جي ڄاڻ ڏني وڃي ۽ کين سمجھايو وڃي ته تعليم ۽ تدريس ۾ نفسيات جي ڪهڙي اهميت آهي.
- شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ Interpersonal Skill پيدا ڪرڻ لاءِ هنن کي گروپن ۾ ورهائي سبق جا مختلف پيراگراف ڏنا وڃن ته هو پاڻ ۾ ڳالھ ٻولھ ڪري پيراگرافن ۾ ڏنل نڪتن کي سمجھي ڪلاس ۾ پيش ڪن.

| نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ | | | |
|---|---|---|---|
| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
| فهم | سمجهه | برقي | بجليءَ وارو |
| ادراڪ | پروڙ، تهه تائين پهچڻ | عاجز | نماڻو، ڪمزور |
| احساس | شعور، ڄاڻ | نفسيات | سوچن ۽ روين جو علم |
| منظم | نظام ۽ طريقي سان | ضمير | منُ، دِل، اندر |
| سياءُ | لاڙو، عادت | گهيرو | حلقو، حد |
| نشو و نما | واڌ ويجهه | مڪتبِ فڪر | مسلڪ، فرقو |
| مسلڪ | فِرقو | دائرو | چڪر |
| ناگزير | ضروري، لازم، واجب | تناظر | پسِ منظر |

# مذهب جي سماجي ۽ اخلاقي اهميت

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرداڻيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- سماج جي اخلاقي ۽ سماجي جوڙجڪ ۾ مذهب جي ڪردار جي وضاحت ڪري سگهندا.
- ان ڳالهه کي سمجهي سگهندا ته مذهب ڪو مسئلو ناهي بلڪ مسئلن جو حل آهي.
- سيڪيولر اخلاقيات جو تصور بيان ڪري سگهندا.
- سيڪيولر اخلاقيات جي بانيڪارن ۽ انهن جي مکيه ڪمن بابت ٻڌائي سگهندا.
- مذهبي ۽ سيڪيولر اخلاقيات جو فرق ۽ تقابل بيان ڪري سگهندا.



سيئي مذهب پنهنجن پوئلڳن لاءِ پرامن ۽ با مقصد زندگي گذارڻ جي لاءِ هڪ منظم نظام پيش ڪن ٿا. جنهن جو اخلاقي ۽ سماجي جوڙجڪ ۾ تمام اهم ڪردار آهي. اهي انسان جيڪي نفسياتي روين، اخلاقي قدرن، ريتن رسمن، قاعدن قانونن جي جوڙ جڪ ۾ مدد ڪن ٿا. اهي ماڻهن کي روحاني سڪون مهيا ڪن ٿا ۽ هر پهلو سان هڪ سکيو ستابو، هر ڪنهن لاءِ آسانيون پيدا ڪندڙ ۽ پُرامن سماج جوڙڻ ۽ ان کي قائم رکڻ لاءِ بنياد فراهم ڪن ٿا. مذهب هيٺين طريقن سان هڪ سٺو سماج جوڙڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿا:

- مذهب ماڻهن کي سماجي ڀلائي جي ڪمن لاءِ اتساهين ٿا.
- اُهي سماج ۾ گهريلو جهڳڙن، ڦٻي، چوري، نشي ۽ ٻين سماجي برائين کي گهٽائين ٿا.
- اُهي سماج جي اخلاقي ۽ ثقافتي جوڙجڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا ۽ ماڻهن جي اخلاقن ۽ عملن کي سڌارڻ جي لاءِ رهنمائي ڪن ٿا.

- هر مذهب ٻئي جي جان، مال جي حفاظت ۽ عزت ڪرڻ جو سبق ڏئي ٿو.
- اِهي ماڻهن کي مالڪِ حقيقي جي ڏسيل رستي تي هلڻ ۽ چڱا ڪم ڪرڻ جي تلقين ڪن ٿا.
- اهي خيرات ڏيڻ، ماڻهن کي پنهنجي حق حلال جي ڪمائي مان ڪجهه حصو غريبن، يتيمن، بيواهن ۽ ضرورتمندن ۾ ورهائڻ جي ترغيب ڏين ٿا.
- اهي ماڻهن کي ڪاڏي، مال ۽ دولت جي ذخيره اندوزي ڪرڻ، غير مناسب نفعو وٺڻ کان منع ڪن ٿا ۽ ڪين سادگي سان زندگي گذارڻ جي هدايت ڪن ٿا.
- اهي انسان کي روزمره جي حياتي ۾ اعلىٰ اخلاقي قدرن تي هلڻ، پاڻ ۾ محبت ۽ ڀائيچارو رکڻ ۽ ٻين جي جذبن جو احترام ڪرڻ لاءِ همٿائين ٿا.
- اهي ماڻهن کي ديني توڙي دنياوي تعليم حاصل ڪرڻ جي هدايت ڪن ٿا.
- اهي ساهوارن تي رحم ڪرڻ ۽ عام انسانن جي ڀلائي ڪرڻ ۽ بي غرض ٿي خدمت ڪرڻ جو جذبو جاڳائين ٿا.
- اهي حق ۽ سچ جي راهه تي هلڻ جي همت پيدا ڪن ٿا ۽ پاڻ ۾ معاف ڪرڻ ۽ خود اعتمادي پيدا ڪرڻ جي هدايت ڪن ٿا.

مذهب جي اهڙي ڪردار جي ڪري چئي سگهجي ٿو تہ مذهب مسئلا پيدا نہ ٿا ڪن پر ڪيترن ئي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا. تنهن ڪري سماج ۾ جڏهن ڪي مسئلا پيدا ٿي پون تہ انهن جو حل مذهب جي تعليمات ۾ ڳولهيو وڃي.

ڪيترين ئي صدين کان پوري دنيا ۾ مذهب سماج جو حصو رهيا آهن، جيتوڻيڪ سڀني مذهبن جا عقيدا هڪ جهڙا نہ آهن. پر اهي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ هر سماج لاءِ ڪارگر رهيا آهن. قديم زمانن کان وٺي مذهبي نشان ۽ ريتون رسمون معاشري جو حصو رهيون آهن. انهن رسمن، حالتن ۽ ماحول ماڻهو جي ڪردار تي بہ اثر وڌو آهي. اهڙي طرح مذهب جي هر سماج ۾ سماجي ۽ اخلاقي اهميت نمايان رهي آهي.

اخلاقيات لاءِ استعمال ٿيندڙ انگريزي لفظ Ethics يوناني لفظ Ethos مان ورتل آهي. جنهن جي معنىٰ رسم، عادت، ڪردار ۽ خداداد صلاحيتن جو صحيح استعمال آهي. اهو علم اخلاقي اصولن بابت اڀياس ڪري ٿو تہ هڪ فرد يا سماج لاءِ ڪهڙي ڳالهہ صحيح آهي ۽ ڪهڙي غلط. انهي علم کي اخلاقي فلسفو بہ سڏيو ويندو آهي. عظيم يوناني فلسفي سقراط کي اخلاقيات جو ابو سڏيو ويندو آهي.

## اخلاقيات جون مکيہ شاخون هي آهن:

1. **نيڪي تي ٻڌل اخلاقيات (Virtue Ethics):** هن اخلاقيات جو مکيہ اصول آهي تہ هر عمل لاءِ ذهن جي چٽائي، اعلىٰ ڪردار ۽ ايمانداري واري سوچ هجڻ ضروري آهي.
2. **نتيجن تي ٻڌل اخلاقيات (Consequentialist Ethics):** هن اخلاقيات جو مکيہ اصول هي آهي تہ اهڙو عمل ڪجي جنهن جو نتيجو سڀني جي ڀلائي وارو نڪري.
3. **فرض ادائي واري وجوبي اخلاقيات (Deontological Ethics):** هن اخلاقيات جو مکيہ اصول هي آهي تہ هر عمل فرض ادائي واري شعور تحت ڪيو وڃي. ڀلي ڪجھ بہ ٿي وڃي، انصاف ڪرڻ ضروري آهي.
4. **مذهبي اخلاقيات (Religious Ethics):** اخلاقيات جي هي شاخ انساني عملن کي مذهبي نڪتہ نگاہ کان ڏسي ٿي تہ ڇا اهي مذهبي سکيائن ۽ ريتن رسمن جي مطابق آهن يا نہ؟
5. **سيڪيولر اخلاقيات (Secular Ethics):** سيڪيولر اخلاقيات انساني ڏاهپ، روحاني شعور، منطق، ادراڪ، اخلاقي وجدان، ذهني صلاحيت سان لاڳاپيل عملن سان واسطو رکي ٿي. جنهن ۾ ڪنهن مذهب سان واسطو هئڻ ضروري ناهي. اها صرف انسانيت ۽ آزاد سوچ وارن اصولن تي هلڻ لاءِ همٿائي ٿي.

اخلاقيات جي انهن قسمن ڪانسواءِ ڪن خاص پيشن سان لاڳاپيل اخلاقي اصولن تي ٻڌل اخلاقيات جا ٻيا قسم بہ آهن. مثلاً: معاشي اخلاقيات، طبي اخلاقيات ۽ راند روند جي اخلاقيات وغيره.

سيڪيولر اخلاقي سرشتي ۾ سماجي لاڳاپن، اعلىٰ اخلاقي قدرن ۾ قدرتي پرک واري ڳڻ کي اهميت ڏني وڃي ٿي. جنهن کي اڄ ڪلھ سائنسي سوچ چيو وڃي ٿو. جنهن ۾ ڪا بہ ڳالھ صرف ڪنهن جي چوڻ تي نہ ٿي قبول ڪئي وڃي پر ڇا، ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن جهڙن سوالن جا جواب حاصل ڪرڻ کان پوءِ دل ۽ دماغ جي قبوليت سان اعتبار جوڳي مڃي ويندي آهي. سيڪيولر اخلاقيات جو سونهري اصول عدم تشدد آهي جنهن موجب پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ وڙهڻ بدران بنا تشدد وارن طريقن اختيار ڪرڻ تي زور ڏنو ويندو آهي.

## هن نظريي جا مکيہ باني ۽ انهن جا خاص ڪم هي آهن:

1. **امانيول ڪانٽ (Immanuel Kant):** هيءُ هڪ جرمن فلسفي هو، هن موضوع تي لکيل سندس ڪتاب ”گرائونڊ ورڪ آن ميٽا فزڪس آف مورلس (Groundwork of the Metaphysics of Morals)“ آهي.

امانيول ڪانٽ جي خيال موجب اخلاقيات جو بنياد قدرتي قانون تي هئڻ گهرجي تہ

انسان جي هر عمل ۾ نيڪ نيتي ضروري آهي. ڪيس نيڪ ڪم ڪنهن اعلىٰ هستي کي خوش ڪرڻ يا سزا جي خوف کان نه ڪرڻ گهرجي پر پنهنجو فرض سمجهي ڪرڻ گهرجي.

2. **ترو ويلوور(Thiruvalluvar):** هي ڏکڻ هندستان جو تامل فلسفي هو. هن جو مکيه ڪم ڪتاب ”دي ڪرال“ (The Krawl) آهي. جنهن ۾ 1330 اقوال آهن. جن ۾ نيڪي، دولت ۽ پيار تي مختصر فقرن ۾ سکيائون بيان ڪيل آهن. ”دي ڪرال“ اخلاقيات جو اهم ترين ڪتاب سمجهيو وڃي ٿو.
3. **جارج جيڪب هولينڪ (George Jecon Holyoke):** هي سيڪيولر اخلاقيات جو انگريز مفڪر هو. هن جو ڪتاب ”انگلش سيڪيولرازم (English Secularism)“ آهي. هي شخص لفظ ”سيڪيولر“ لکڻ وارو پهريون ليکڪ هو. سندس خيال موجب اهڙن سماجي نظرين کي ترقي ڏجي جيڪي مذهب کان الڳ هجن ۽ انهن ۾ مذهبي عقيدن تي تنقيد يا رد نه هجي.
4. **فريڊرڪ نتشي (Fridrich Nietzsche):** هيءُ هڪ جرمن فلسفي هو. هن جا انهيء موضوع تي ٽي ڪتاب آهن.
   i. آن دي جينيالاجي آف مورلس (On the Genealogy of Morals)
   ii. بياند گُڊ اينڊ ايول (Beyond Good and Evil)
   iii. دس اسپوڪ زرٿ (Thus Spoke Zarath)

هن جي خيال موجب جيڪا شيء سيني لاءِ سٺي ۽ مددگار آهي اها سٺي آهي ۽ جيڪا شي نقصان ڪار آهي اها خراب آهي.

5. **جان اسٽيورٽ مل: (John Stuart Mill):** هي انگريز فلسفي هو. هن جو ڪتاب ”يوٽيلٽيرين ازم (Utilitarinism)“ آهي. اخلاقيات بابت سندس نظريو هو ته اهڙو ڪم ڪجي جنهن جو نتيجو سيني لاءِ سٺو نڪري.

مذهبي اخلاقيات ۽ سيڪيولر اخلاقيات ۾ فرق صرف هيءُ آهي ته مذهبي اخلاقيات، مذهبي ڪتابن ۾ لکيل اخلاقي اصولن تي هلڻ لاءِ زور ڏيندي آهي جڏهن ته سيڪيولر اخلاقيات ۾ اخلاقي قدرن کي مذهب کان الڳ رکيو ويندو آهي. رياستي معاملن ۾ چرچ، مندر يا ٻين مذهبي ادارن کي الڳ رکيو ويندو آهي.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

اخلاقيات جو انگريزي لفظ Ethics يوناني ٻولي جي لفظ Ethos مان ورتل آهي جنهن جي معنىٰ رسم، عادت ۽ ڪردار آهي. سقراط کي اخلاقيات جو باني چئجي ٿو. اخلاقيات پنهنجي مفهوم ۽ نظرين جي اعتبار سان نيڪي، نتيجي، وجوبي، مذهبي ۽ سيڪيولر اخلاقيات ۾ ورهائجي ٿي. سيڪيولر اخلاقيات ۾ سماجي گڏڻ، اخلاقي قدرن ۽ فطري پکيڙ واري صفت کي اهميت ڏني ويندي آهي سيڪيولر اخلاقيات ۾ امانيول ڪانٽ، جي ايس مل، ٽرو ويلوور ۽ ٽنشي جهڙن فلاسافرن اهم خدمتون سرانجام ڏنيون آهن.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. اخلاقيات جي تعريف ڇا آهي؟
2. وجوبي اخلاقيات وارو نظريو ڪنهن پيش ڪيو؟
3. سيڪيولر اخلاقيات مان ڇا مراد آهي؟
4. مذهبي ۽ سيڪيولر اخلاقيات ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
5. سيڪيولر اخلاقيات بابت لکيل ڪن ٻہ ٽن ڪتابن جا نالا لکو.

**(ب) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. اخلاقيات ۽ ان جا قسم وضاحت سان بيان ڪريو.
2. سماجي ۽ اخلاقي اعتبار سان مذهب جي ڪهڙي اهميت آهي؟

**(ج) صحيح جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو.**

1. سماج ۾ اخلاق جي جوڙجڪ ۾ اهم ڪردار آهي:

(الف) مذهب جو　(ب) حڪومت جو
(ج) اخلاق جو　(د) سياست جو

2. انگريزي لفظ Ethics ورتل آهي:

(الف) انگريزي مان　(ب) يوناني مان
(ج) عربي مان　(د) سنڌي مان

3. لفظ ”سيڪيولر“ سڀ کان اول لکندڙ شخص هو:

(الف) ارسطو　(ب) سقراط
(ج) غزالي　(د) جان جيڪب هو لينڪ

4. مشهور فلسفي ”ڪانٽ“ جو تعلق هو:

(الف) پاڪستان سان (ب) هندستان سان

(ج) آمريڪا سان (د) جرمني سان

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگردن ۽ شاگردياڻين مان هر هڪ کي سيڪيولر اخلاقيات بابت هوم ورڪ ڪرڻ طور هيٺين عنوانن مان ڪنهن هڪ عنوان تي هڪ هڪ صفحو لکڻ جي هدايت ڪئي وڃي.

1. سيڪيولر اخلاقيات بابت لکيل ڪتاب.
2. سيڪيولر اخلاقيات جا فلسفي.
3. سيڪيولر اخلاقيات جون خصوصيتون.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي رهنمائي ڪئي وڃي ته اهي اخلاقيات ۽ خاص ڪري سيڪيولر اخلاقيات بابت ڪتاب ۽ بي معلومات ڪتان ۽ ڪيئن حاصل ڪن.

| نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ | | | |
|---|---|---|---|
| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
| ترغيب | شوق ڏيارڻ | فقرو | جملي جو ٽڪرو |
| پائيچارو | پائپي وارو رستو | مفڪر | فڪر ڪندڙ |
| ذخيره اندوزي | ڪاڌ خوراڪ کي گڏ ڪرڻ | تنقيد | نڪته چيني، تبصرو |
| منطق | دليل آڻڻ جو علم | حامي | مدد گار |
| وجدان | ليڻ، اندر جي جاڻ | نکيڙ | پرک، جدائي |
| قبوليت | قبول پوڻ | چندو | حصو، ڦوڙي |

# بحرانن جي حل ڪرڻ ۾ مذهب جو ڪردار

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- سماج ۽ قوم جا وسيع تر معيار / اصول اپنائي سگهندا.
- قومي ۽ ثقافتي تنوع کي گڏجي اپنائيندا.
- بحران تائين پهچائيندڙ سبب ڄاڻي سگهندا.
- بحران کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي اندر صبر، سهپ ۽ تحمل جهڙين خوبين کي پيدا ڪندا / اپاريندا.
- صورتحال کي قابو ۾ ڪرڻ لاءِ ڪنهن چڱي مذهبي شخصيت جي جيون جي ڪتاب مان هڪ ٻه صفحا چونڊي سگهندا.

هڪ ڳوٺ ۾ سائين ڏنو نالي هڪ واڍو رهندو هو. سندس گذر سفر جو ذريعو واڍڪو ڪم هو. هن جو ڪٽنب پنجن ڀاتين تي مشتمل هو. سائين ڏنو ڏهاڙي واڍڪي ڪم مان ايترو ڪمائيندو هو جنهن مان سندس گهر جي خرچ جي آساني سان پورائي ٿي ويندي هئي. پر اوچتو ڪجهه ڏينهن کان روز مره جي استعمال وارين شين جي بازار ۾ اٽات جي ڪري انهن



جون قيمتون وڌي ويون مهانگائي ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هو. ڪاريگرن جي مزدوري وڌڻ بدران گهٽ ٿي وئي. تنهن ڪري سائين ڏني جو ٻه پنهنجي ڪمائي مان گذارو مشڪل ٿي پيو.

هڪ ڏينهن هن جي زال ڪيس چڪي تان اٽو وٺي اچڻ لاءِ چيو. چڪي واري هن کي اٽو مهانگو ڏنو. تنهن تي سائين ڏني هن کان ان جي مهانگي هجڻ جو سبب پڇيو، تڏهن هن جواب ڏنو ته اسان کي ڪڻڪ ملي نه ٿي. تنهن ڪري اٽي جو بحران ٿي پيو آهي. سائين ڏني دل ۾ سوچيو هن سال ڪڻڪ جو فصل ته تمام سٺو ٿيو آهي پوءِ هن بحران جو مطلب ڇا آهي؟ هن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ ڪونه آئي. شام جو هو پاڙي ۾ رهندڙ پنهنجي دوست استاد سجڻ وٽ ڪچهري لاءِ ويو ۽ ان دوران ڪانئس پڇيائين ته بحران جو مطلب ڇا آهي؟ هي روز روز نت نوان ڪهڙا بحران پيدا

ٿي رهيا آهن؟ انهن جا ڪارڻ ڪهڙا آهن ۽ انهن جو حل ڇا آهي؟ مهرباني ڪري مون کي سمجهايو. سائين ڏنو هڪ ساهي ۾ چئي ويو.

استاد سڄڻ هن کي سمجهائڻ شروع ڪيو: ”حقيقت هي آهي ته هن سال جيئن ڪڻڪ جو فصل لٿو ته ڪن وڏن واپارين زميندارن کان ڪڻڪ گهڻي مقدار ۾ خريد ڪري ذخيرو ڪري ڇڏي. زميندارن لالچ ۾ اچي ڪڻڪ سرڪاري اگهه تي خوراڪ کاتي کي وڪرو ڪري نه ڏني. تنهن ڪري ڪڻڪ جي مارڪيٽ ۾ کوٽ ٿي پئي ۽ سرڪاري گودامن ۾ ڪڻڪ گهٽ هئڻ ڪري چڪين کي به ان جي فراهمي گهٽ ٿي پئي. جيتوڻيڪ اها هٿرادو کوٽ آهي، پر ٿوري وقت لاءِ اٽي جو ملڻ محال ٿي پيو آهي. اٽي جي انهي بحران جو واحد سبب ذخيرو اندوزي آهي. ساڳئي نموني ڪجهه ڏينهن اڳي ملڪ ۾ کنڊ جو بحران ٿي پيو هو ۽ کنڊ مارڪيٽ ۾ مهانگي اگهه تي ملڻ لڳي هئي. اهڙي طرح پوري دنيا ۾ ڪورونا وائرس جي وبا پکڙجڻ جي ڪري ماڻهو گهرن تائين محدود ٿي ويا هئا. ملڪن ۾ سمورو ڪاروبار بند ٿي ويو هو. ماڻهن جو روزگار ختم ٿي ويو ۽ ڪافي ملڪ معاشي بحران جو شڪار ٿي ويا.

دنيا جي ملڪن ۾ مختلف وقتن تي پيدا ٿيندڙ بحرانن جا سبب به مختلف هوندا آهن. جن ۾ ڪي قدرتي طور جنم وٺن ٿا ۽ ڪن بحرانن جي پيدا ٿيڻ ۾ انسانن جو هٿ هوندو آهي. اهڙن بحرانن کي ختم ڪرڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي.

اهڙن بحرانن جي پيدا ٿيڻ کان اڳ ۾ انهن کي روڪڻ ۽ پيدا ٿيل بحرانن کي ختم ڪرڻ ۾ مذهب اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. ماڻهو جيترو مذهبي سکيائن تي وڌيڪ عمل ڪندا. اوترو انهن ۾ مالڪِ حقيقيءَ جو خوف، حب الوطني وارو جذبو ۽ عام ڀلائي واري سوچ پيدا ٿيندي. انهن جو پاڻ ۾ ايڪو وڌندو ۽ ثقافتي فرقن جي مختلف هجڻ مان لطف اندوز ٿيڻ جو جذبو پيدا ٿيندو. انفرادي سوچ بدران قومي سوچ پيدا ٿيندي. سماج ۾ شعور پيدا ٿيڻ جي ڪري شين جي ذخيره اندوزي ڪرڻ جو رجحان گهٽجندو. عوامي دٻاءُ جي ڪري زميندار به سرڪاري قانونن ۽ اگهن مطابق پنهنجي پيداوار سرڪاري خوراڪ کاتي کي ۽ عام مارڪيٽ ۾ وڪڻندا. عام ماڻهو به بحرانن کي منهن ڏيڻ لاءِ ٻڌي، صبر، سهپ ۽ مستقل مزاجي جو مظاهرو ڪندا ۽ انهن جي حل لاءِ مذهبي ڪتابن ۽ اڳواڻن کان رهنمائي حاصل ڪندا. ڇو ته مذهبي ڪتابن ۾ هر بحران ۽ هر مسئلي جو حل موجود آهي. ضرورت صرف انهن کان رهنمائي حاصل ڪرڻ جي آهي.

استاد سڄڻ جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي سائين ڏنو چوڻ لڳو ته اوهان مون کي بحرانن

جو مطلب، انهن جي پيدا ٿيڻ جي سببن ۽ انهن کان بچڻ بابت تمام ڪارائتيون ڳالهيون ٻڌايون آهن. هاڻي پاڻ ڳوٺ جي ساڄاهه وند ماڻهن سان گڏجي عام ماڻهن ۾ انهن ڳالهين بابت ڄاڻ ڏينداسين ۽ انهن ۾ سجاڳي پيدا ڪنداسين.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

هڪ ڳوٺاڻو جڏهن اٽي جي چڪي تان اٽو خريد ڪرڻ ويو تہ ڪيس اٽو عام قيمت کان گهڻو مهانگو مليو، جنهن تي هن چڪي واري شخص کان ايڏي وڏي اگهه وڌڻ جو سبب پڇيو تنهن تي هن ڪيس وراڻيو تہ ڪڻڪ جو بحران ٿي پيو آهي ۽ گهٽ ڪڻڪ ملڻ جي ڪري اٽو مهانگو پيو ملي. هن جڏهن معلومات ڪئي تہ سندس دوست وٽان ڪيس خبر پئي تہ ڪنهن شي جي هٿرادو نموني سان کوٽ پيدا ڪري بازار ۾ مهانگي اگهہ تي وڪرو ڪيو وڃي ٿو جنهن جو نالو بحران آهي اهو واپارين ۽ وڏن تاجرن جي غيرقانوني ڪار روائين جي ذريعي ٿئي ٿو. حڪومت کي سماج اندر چيڪ اينڊ بيلنس توڙي قانوني چڪاس جو بهتر نظام قائم ڪرڻ گهرجي ۽ عملي طرح اهڙن سببن کي ختم ڪيو وڃي جن جي ذريعي اهي بحران جنم وٺن ٿا.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. ذخيره اندوزي ڇا آهي؟
2. بحران جو مطلب ڇا آهي؟
3. ملڪي ۽ عالمي بحران ۾ ڇا فرق آهي؟
4. جديد دور جي ڪن بحرانن جا مثال پيش ڪريو جن سان عوام متاثر ٿيا هجن؟
5. بحرانن جي حل ۾ مذهب ڪهڙي رهنمائي ڪري ٿو؟

**(ب) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. سائين ڏني بحران جو مطلب ڪيئن سمجهيو؟
2. بحران جا ڪهڙا سبب آهن؟
3. اوهان جي خيال ۾ ڪنهن بہ بحران کي ڪيئن ختم ڪجي؟

(ج) صحيح جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:

1. بحران جو هڪ سبب آهي:

(الف) هٽرادو ڪوٽ (ب) هٽرادو ڪم ڪار

(ج) هٽرادو هنر (د) هٽرادو علاج

2. بحران جي حل ٿيڻ تائين عوام کي:

(الف) احتجاج ڪرڻ گهرجي (ب) صبر ڪرڻ گهرجي

(ج) محنت ڪرڻ گهرجي (د) روئڻ گهرجي

3. بازار ۾ شين جون قيمتون وڌن ٿيون جڏهن انهن جي:

(الف) پيداوار گهٽجي ٿي (ب) رسد جي پيٽ ۾ گهرج وڌي ٿي

(ج) حڪومت بدلجي ٿي (د) عوام سست ٿئي ٿو

4. سائين ڏني کي سندس زال شي وٺڻ لاءِ موڪليو هو:

(الف) کنڊ (ب) لوڻ

(ج) اٽو (د) ڪپڙو

5. بحران جي حل ۾ مددگار آهي:

(الف) سياست جو علم (ب) علم ۽ سائنس

(ج) هنري تعليم (د) مذهبي تعليم

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي**

شاگردن ۽ شاگردياڻين جي معلومات وڌائڻ لاءِ اسڪول طرفان هڪ سيمينار منعقد ڪيو وڃي، جنهن ۾ معاشي ماهرن کي ”بحران ۽ ان جي سببن جي حل“ لاءِ ليڪچر ڏيڻ لاءِ درخواست ڪئي وڃي ۽ شاگرد انهن جي معلومات جي روشني ۾ ”بحران“ بابت هيٺ ڏنل موضوعن تي نوٽس تيار ڪن.

* بحران ڇا آهي * بحران جا قسم ڪهڙا آهن
* بحرانن جا سببَ * بحرانن کي حل ڪرڻ جا طريقا

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي چيو وڃي تہ اهي اهڙا مثال پيش ڪن جن مان ظاهر ٿيندو هجي تہ مذهب جي حڪمن تي هلڻ سان ڪنهن مشڪل مان ڪيئن نڪري سگهجي ٿو. آخر ۾ استاد پنهنجي راءِ شامل ڪري.

| نوان لفظ ۽ انهن جي معنىٰ | |
|---|---|
| **لفظ** | **معنىٰ** |
| جنجال | مصيبت |
| بحران | نازڪ حالت |
| گدام | گڏ ڪري رکڻ جي جاءِ، پاندو |
| محال | ناممڪن، اڻ ٿيڻو |
| سجاڳ | بيدار، چوڪس |
| چڪاس | تپاسي، پرک، جاچ |
| تنوع | مختلف قسم، رنگارنگي |
| وبا | وچڙندڙ بيماري، وائرس |
| شعُور | سمجهہ، عقل، دانش |
| رجحان | لاڙو، ميلان |
| ساڃاهہ وند | سمجهہ دار، حياء دار |
| سيمينار | جلسو، مذاڪرو |

# گناهه ۽ جرم جو تصور

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- گناه ۽ جرم جو مفهوم بيان ڪري سگهندا.
- گناه ۽ جرم جي فرق جي سمجهاڻي ڏئي سگهندا.
- مکيه مذهبن ۾ گناه قرار ڏنل ڪمن جا نالا ۽ انهن جي گناه هجڻ ۾ هڪ جهڙائي بيان ڪري سگهندا.
- ان ڳالهه جي وضاحت ڪري سگهندا ته جرم گناه ڪڏهن بڻجي ٿو ۽ گناه جرم ۾ ڪڏهن بدلجي ٿو.
- اصلي گناه ۽ گناه ڪبيره جي وضاحت ڪري سگهندا.
- سمجهائي سگهندا ته ٽيڪس ادا ڪندڙن جو پئسو زيان ڪرڻ جرم آهي يا گناهه.
- جرئت سان چئي ڏيکاريندا ته "ڪرپشن نامنظور"، "تماڪ نوشيءِ نامنظور".



هڪ مشهور چوڻي آهي ته "انسان خطا جو گهر آهي" آڳرين تي ڳڻڻ جيترين اعلىٰ هستين کي ڇڏي ڪو به انسان اهڙو نه آهي جنهن کان ڪڏهن ڪا غلطي يا خطا سرزد نه ٿي هجي. خطائن جا به ڪي درجا هوندا آهن. ڪي خطائون درگذر ڪرڻ جهڙيون ته ڪي پڇتائڻ، مڃڻ ۽ معافي گهرڻ تي معافي جوڳيون ٿينديون آهن ۽ ڪي بلڪل معاف نه ڪرڻ جهڙيون ۽ سزا جون حقدار هونديون آهن. انهن جي درجه بندي موجب ڪي "گناه" ۽ ڪي "جرم" جي دائري ۾ اينديون آهن.

**گناه (Sin):** مالڪِ حقيقي جي حڪمن ۽ مذهبي قاعدن قانونن جي ڀڃڪڙي واري عمل کي گناه سڏبو آهي. ڪوڙ، نِڪي، لوڀ، لالچ، گلا ۽ غيبت، ڪاوڙ، حسد ۽ ساڙ، ناشڪري، شين ۾ ملاوت، گهٽ تور ڏيڻ، پوري قيمت وٺي گهٽ معيار جي شيءِ ڏيڻ، ڪنهن جو حق ماري پاڻ ترقي وٺڻ، تهمت هڻڻ، فخر ڪرڻ ۽ ٻيا اهڙا بڇڙائي وارا عمل گناه سمجهيا ويندا آهن.

**جرم (Crime):** رياست جي مروج قانون جي ڀڃڪڙي واري عمل کي جرم سڏبو آهي. غير قانوني ۽ غير اخلاقي سرگرميون جهڙوڪ: چوري ڪرڻ، قتل ڪرڻ، پرائي زمين يا جائداد تي

قبضو ڪرڻ، ڪنهن ڪمزور، هيڻي، ناسمجهہ، يتيم، بيواه جي ملڪيت دوکي سان ڦٻائڻ، ظلم ۽ زيادتي، ذخيره اندوزي، رشوت، اڻ برابري ۽ بي انصافي وغيره وڏا ڏوهہ يا جرم آهن. اهڙن ڏوهن تي هر ملڪ جي قانون مطابق سزائون مقرر ٿيل آهن.

**گناهہ ۽ جرم ۾ فرق:** گناهہ مالڪِ حقيقي جي حڪمن يا مذهبي اصولن جي ڀڃڪڙي جو نالو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو مالڪِ حقيقي جو حڪم ٽوڙيو آهي ۽ ان ۾ ڪنهن ٻئي انسان جي حقن جي ڀڃڪڙي شامل نہ آهي تہ پوءِ اهو گناهہ معافي جوڳو هوندو آهي. بشرطيڪ گناهگار پنهنجي گناهہ کي تسليم ڪري، معافي گهري ۽ وري نہ ڪرڻ جي پڪ ڏياري تہ سندس گناهہ معاف ٿي سگهي ٿو ڇو تہ مالڪِ حقيقي وڏو مهربان ۽ معاف ڪندڙ آهي.

جڏهن تہ جرم ملڪ يا رياست جي طرفان اصولن جي روشني ۾ ناهيل قاعدن ۽ قانون جي ڀڃڪڙي کي چئبو آهي. ۽ انهي تي سخت سزائون مقرر ٿيل هونديون آهن. هر ڏوهاري کي سزا ملڻ ضروري آهي ڇو تہ جرم جي انهن سزائن نہ ملڻ ڪري ماڻهن ۾ قانون جو احترام ختم ٿي ويندو ۽ ڏوهاري ڏوهہ ڪرڻ کان نہ ڊڄندا تنهن ڪري اهي ناقابل معافي هوندا آهن.

دنيا جي مکيہ مذهبن جي مقدس ڪتابن ۾ بيان ڪيل گناهن جا نالا هن ريت آهن:

اسلام ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ، لالچ، اجايو مال گڏ ڪرڻ، فخر ڪرڻ، ڪاوڙ، حرص هوس، عيش پرستي، گلا ۽ غيبت، ناشڪري، شراب نوشي وغيره گناهہ شمار ٿين ٿا.

مسيحيت ۾ فخر، لالچ، غصو، حسد ۽ ساڙ، هوس، دولت يا کاڌي کي وڌيڪ مقدار ۾ گڏ ڪرڻ يا واپرائڻ، شان شوڪت ڏيکارڻ لاءِ ڏيکاءُ ڪرڻ، ڪاهلي، خدائي رحمت کان منهن موڙڻ وغيره گناهہ قرار ڏنا ويا آهن.

سناتن ڌرم ۾ هوس، غصو، لالچ، مال ملڪيت ۾ دلچسپي، پاڻ پڏائڻ يا فخر ڪرڻ، حسد ۽ ساڙ، ڪينو، جوا کيڏڻ، کاڌي جي شين ۾ ملاوت ڪرڻ، ڪنهن جي عزت کي بري نظر سان ڏسڻ، بد خواهي وغيره گناهہ وارا عمل سمجهيا وڃن ٿا.

ٻڌ ڌرم، جين ڌرم ۽ سک ڌرم ۾ بہ مٿي بيان ڪيل برن عملن کي گناهہ سمجهيو ويندو آهي.

اهڙي طرح انهن گناهن کي سڀني مکيہ مذهبن ۾ ناجائز ۽ برو عمل قرار ڏنو ويو آهي. هر جرم گناهہ نہ هوندو آهي پر جڏهن جرم جي شدت جي ڄاڻ هجي ۽ اهو ڄاڻي ٻجهي ڪيو وڃي تہ اهو گناهہ ئي هوندو آهي. جيڪو جرم غلطي وچان يا نہ چاهيندي ٿي وڃي تہ انهي کي گناهہ سمجهي سگهجي ٿو. ٽيڪس ڏيندڙن جو پئسو زيان ڪرڻ وارو عمل گناهہ نہ پر هڪ

ناقابل معافي جرم آهي. ڪو بہ گناھ جنھن تي موت ڪان اڳ ۾ نہ پڇتائجي تہ اھو عمل شيطاني يا گناھ ڪبيره تي پوي ٿو ساڳي طرح جنھن برائي کي بار بار دھرايو وڃي يا جنھن ڪم جي مذھبي ڪتابن ۾ سخت سزا ٻڌائي وئي ھجي اھو بہ گناھ ڪبيره سڏبو آھي اھڙو شخص جيڪو اھڙين برائين کان پوءِ بہ مالڪِ حقيقي کان معافي نہ ٿو وٺي سو مالڪِ حقيقي جي رحمت کان پري ٿي وڃي ٿو.

اصل گناھ انھي نافرماني واري عمل کي سمجھيو وڃي ٿو جيڪو سڀ کان اڳ حضرت آدم عليہ السلام کان سرزد ٿيو ھو. جڏھن پاڻ مالڪِ حقيقي جي منع ڪيل وڻ جو ميوو کاڌو ھئائين. انھيءَ نافرماني جي ڪري ڪيس جنت کان ڌرتي تي موڪليوويو ھو. اھا نافرماني واري جِبلّي عادت سيني انسانن کي ورثي ۾ مليل آھي. انھي کي خانداني برائي بہ سڏيو وڃي ٿو.

اسان سيني کي انھن سيني گناھن ۽ جُرمن کان بچڻ گھرجي ۽ "تماڪ نوشي نامنظور" "ڪرپشن نامنظور" سان گڏوگڏ ھر سماجي برائي کي بہ نامنظور چوڻ گھرجي.

## ھن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

انسان جي عمل جون بہ حيثيتون آھن ھڪ نيڪ ڪم يا چڱايون ٻيو خراب ڪم يا برايون. جڏھن ماڻھو مذھبي پابنديون ٽوڙي ٿو تہ ان کي گناھ سڏيو ويندو آھي ۽ جڏھن ملڪي قانون جي برخلافي ڪري ٿو تہ ان کي جرم چئبو آھي. جيڪو مذھبي لحاظ کان گناھ ٿي ھوندو آھي. گناھ جو تصور مذھب طرفان ۽ جرم جو تصور قانون طرفان اچي ٿو ۽ ڪڏھن اھي ٻئي لفظ ھڪ ٻئي جي معنیٰ ۾ بہ استعمال ٿيندا آھن. ناحق پرائو مال کائڻ، چوري، ڌاڙو، بدڪاري، شراب نوشي، بد عنواني ۽ ڪنھن جي عزت تي حملو ڪرڻ سخت گناھ آھن. گڏوگڏ ملڪي قانون ۾ انھن تي سزائون مقرر آھن تنھن ڪري اھي جرم بہ آھن. جنھن برائي جي جيتري وڏي سزا اھو اوترو وڏو گناھ تصور ڪيو وڃي ٿو.

## مشق

(الف) ھيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. گناھِ ڪبيره ڇا کي سڏجي ٿو؟
2. اصل گناھ جو مطلب ڇا آھي؟
3. انسان کي "خطا جو گھر" ڇو سڏجي ٿو؟
4. "جرم" گناھ ڪيئن بڻجي ٿو؟
5. اوھان جي نظر ۾ سماج کي جُرمن ۽ گناھن کان ڪيئن بچائجي؟

(ب) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:

1. گناهه بابت مذهبن جو تصور ڇا آهي؟
2. جرم ۽ گناهه جا فرق بيان ڪريو.
3. اهي ڪهڙا ڪم آهن جيڪي سڀني مذهبن ۾ گناهه شمار ڪيا ويندا؟

(ج) صحيح جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو.

1. جيڪڏهن ڏوهاري کي سزا نہ ملندي تہ سماج ۾:

(الف) قانون جو احترام نہ رهندو (ب) بدامني وڌندي
(ج) ڏوهاري گهٽا ڏوهہ ڪندا (د) اهي سڀ

2. قانون جي برخلافي ڪرڻ جو نالو آهي:

(الف) سياست (ب) جرم
(ج) فرض (د) گناهه

3. گناهِ ڪبيره جو مطلب آهي:

(الف) بار بار برائي ڪرڻ (ب) جنهن ڪم لاءِ مذهب ۾ سخت سزا مقرر هجي.
(ج) جنهن برائي تي ڪو پڇتاءُ نہ هجي (د) اهي سڀ

4. ڪرپشن يا بد عنواني ڪرڻ شمار ٿئي ٿي:

(الف) گناهن ۾ (ب) جُرمن ۾
(ج) گناهِ ڪبيره ۾ (د) اهي سڀ

5. حضرت آدم عليہ السلام کي جنت مان ڪيڏي موڪليو ويو:

(الف) آسمان تي (ب) زمين تي
(ج) عرش تي (د) فرش تي

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي**

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ٻن گروپن ۾ ورهائي هيٺين عنوانن تي گهرو ڪم ڪري اچڻ لاءِ چيو وڃي ۽ هوم ورڪ ڪلاس ۾ هر هڪ ٻين جي سامهون پيش ڪري.

| گروپ: الف | گروپ: ب |
|---|---|
| جرم ۽ ان جا قسم | گناهه ۽ ان جا قسم |
| جرم جون مختلف صورتون ۽ سزائون | مختلف مذهبن ۾ گناهه ۽ انهن جي سزا |
| دنيا جا وڏا جرم | گناهه ۽ ان کان معافي جا طريقا |

## استادن لاءِ هدايتون

گناهہ ۽ جرم جو تصور ذهن ۾ ويهارڻ سان انسان جي ڪردار تي پوندڙ اثرن جو تقابل شاگردن ۽ شاگردياڻين کي سمجهايو وڃي.

| نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ | | | |
|---|---|---|---|
| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
| خطا | ڀُل، چُڪ، غلطي | حرص | هٻڇ، لالچ |
| سرزد | ٿي پوڻ، نمودار ٿيڻ | هوس | نفساني خواهش |
| تهمت | الزام | ڪاهلي | سستي |
| مروج | رواج ڏنل، هلندڙ | شدت | سختي |
| ڀڃڪڙي | خلاف ورزي، مخالفت | ڪبيره | وڏي، وڏو |
| تسليم ڪرڻ | مڃڻ | نافرماني | حڪم نہ مڃڻ |
| ڪرپشن | بدعنواني، رشوت | جِبلّي | اصلي، فطري، پيدائشي |

# دنيا جا مذهب

## تدريسي معيار

هن باب پڙهڻ کان پوءِ شاگردن ۽ شاگرديائڻين مان اميد ڪجي ٿي ته اهي:

- جاڻي سگهندا ته جين ڌرم هڪ عالمي مذهب آهي.
- مڃيندا ته جين ڌرم جي تعليمات دنيا جي ٻين مذهبن کان مختلف نه آهن.
- سمجهي سگهندا ته خواهشن کي محدود رکڻ ئي مناسب عمل آهي.
- اهڙي ڪردار جو عملي مظاهرو ڪندا جيڪو هر ڪنهن لاءِ فائديمند هجي.
- چوويهين تيرٿنڪر ڀڳوان مهاوير جي سکيائن کي اپنائي سگهندا.

دنيا جي مکيه مذهبن ۾ جين ڌرم به عالمي مذهب آهي. جيڪو پنهنجي منفرد حيثيت رکي ٿو. هن مذهب جو خاص اصول اهنسا آهي جنهن جو مطلب آهي: ڪنهن به ساهواري شيءِ کي تڪليف ۽ ايذائڻ کان بچائڻ، جنهن ۾ ننڍڙن جيت جڻين، ٻوٽن ۽ وڻن کان علاوه جانور توڙي انسان شامل آهن، اهڙي پاپ کان بچڻ لاءِ جين ڌرم جا پوئلڳ گوشت ۽ زمين اندر پيدا ٿيندڙ ڀاڄيون ڪين واپرائين.

هن مذهب جو پيشوا تير ٿنڪر هوندو آهي جنهن جي سکيائن تي هلڻ سان ماڻهن کي ڌرمي سکيائن پوري ڪرڻ ۾ مدد ملندي آهي. انهن مان آخري تير ٿنڪر ڀڳوان مهاوير آهي جيڪو ڌرم لاءِ تپسيا ڪندي ٻاهتر ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو.

باب جي هن حصي ۾ جين ڌرم ۽ مهاوير جو تفصيلي تعارف شامل ڪيو ويو آهي.

# جين ڌرم

(تعارف ۽ اوسر)

سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- ڄاڻي سگهندا ته جين ڌرم جو بنياد ڪڏهن ۽ ڪٿي پيو.
- سمجهي سگهندا ته جين ڌرم جا پوئلڳ ”جين“ سڏبا آهن.
- لفظ ”جين“ جو اصل ۽ تيرٿنڪر اصطلاح جي معنىٰ ۽ تصور بيان ڪري سگهندا.
- تير ٿنڪرن جو تعداد ۽ نالن جي فهرست جوڙي سگهندا.
- سمجهي سگهندا ته پهريون تيرٿنڪر رشڀ ناٿ ڀڳوان وشنو جو اوتار هو.
- ڏگامبر ۽ شويتامبر جينين جو فرق ۽ انهن جي موجوده صورتحال بيان ڪري سگهندا.
- ”هر هڪ شيءِ جاندار آهي“ ان جو مطلب سمجهائي سگهندا.



جين ازم، جين مت يا جين ڌرم نندي ڪند جو هڪ نرالو ۽ پراڻو ڌرم آهي. جين لفظ جي معنىٰ آهي ”فاتح“ يا جيتيندڙ يعني جنهن پنهنجو پاڻ کي جيتيو هجي ۽ پنهنجين نفساني خواهشن کي قابو ڪري پنهنجي وس ۾ ڪري ڇڏيو هجي. جين ڌرم جي پوئلڳن کي ”جين“ ۽ انهن جي عظيم پيشوائن کي جن هن ڌرم جو بنياد رکيو، ”تيرٿنڪر“ سڏبو آهي. تيرٿنڪر مان مراد اهو عظيم ساڌو آهي. جنهن تمام گهڻين تپسيائن کان پوءِ ”مڪمل شعور“ حاصل ڪيو هجي. ۽ جيڪو پنهنجي گيان جي پرچار ذريعي ماڻهن کي دنيا جي ماياوي ڄار مان ٻاهر ڪڍي انهن جو مارگ درشن ڪري يعني نجات جي سڌي راهه ڏيکاري.

جيني پيشوائن جو خيال آهي ته جين ڌرم ازل کان قائم آهي، وقت به وقت هن جي وري وري تجديد ٿيندي رهي ٿي. رُشڀ ناٿ موجوده وقت چڪر جو باني آهي ۽ مهاوير ورڌمان آخري تيرٿنڪر آهي. هن ڌرم جي چوويهن تيرٿنڪرن مان ڪنهن به پاڻ خدا يا ڀڳوان هجڻ جي دعوىٰ نه ڪئي آهي. انهن پاڻ کي ٻين ماڻهن جهڙو ماڻهو چيو ۽ آتما (روح

جي چوتڪاري لاءِ جنم مرڻ جي چڪر (آواگون) کان نڪرڻ ۽ ڪرمن کي ناس ڪرڻ جو طريقو سمجهايو.

جين ڌرم جو بنياد اَهنسا واري اصول تي رکيل آهي. هن ڌرم ۾ انسانن، جانورن، جيتن جڙين ۽ پکين جي زندگي کي وڏي اهميت ڏني وڃي ٿي. هر جيني لاءِ لازمي آهي ته هو ڪنهن به قسم جي زندگي رکندڙ وجود کي نه نقصان پهچائي ۽ نه ايذائي. انهي ڪري جيني پنهنجي وات تي پٽي ٻڌندا آهن ته جيئن ڪو جيت سندن وات ۾ وڃي زخمي نه ٿي پئي. اُهي پيرين اُگهاڙا هلندا آهن ته متان جوتن جي هيٺيان ڪو جيت اچي مري نه وڃي. اُهي ماني به ڏينهن جي روشني ۾ پچائين ۽ کائين. ڇاڪاڻ ته رات جو روشني تي جيت اچي ويندا آهن ۽ انهن جي زخمي ٿيڻ يا مرڻ جو امڪان رهندو آهي. جيني ماڻهو ڀاڄي خور آهن. گوشت بلڪل ڪو نه کائن، ويندي ٿوم، بصر ۽ پٽاٽا به نه کائيندا آهن، جو انهن کي زمين مان ڪڍڻ مهل جيتن جي زخمي ٿيڻ يا مرڻ جو انديشو رهندو آهي.

جين ڌرم جي شروعاتي دؤر ۾ ڪو به مندر ڪو نه هوندو هو، پر آهسته آهسته انهن مندر به ٺهرايا ۽ انهن ۾ پوڄا لاءِ تيرٿنڪرن جون مورتيون پڻ رکڻ شروع ڪيون. "اگم" ۽ "تتوارٿ" جين ڌرم جا مقدس ڪتاب آهن.

جين ڌرم هڪ نرالو ڌرم انهي ڪري آهي جو هن جو هڪ فرقو بلڪل قدرتي لباس ۾ رهي ٿو. هن جو ڌرمي پيشوا به ڪپڙا ڪو نه پائي، ڀيو ته هن ۾ تپسيا ڏاڍي ڪٺن آهي.

جين ڌرم وارا ٿر جي ننگر پارڪر واري علائقي ۾ به رهندا هئا پر اڄ ڪلهه هتي ڪير به نه ٿو رهي پر انهن جون مقدس جايون مندر وغيره اڃان به اتي موجود آهن.

**جين ڌرم جي اُوسر ۽ ترقي:** جين ڌرم جا چوويهه تيرٿنڪر ٿي گذريا آهن. انهن مان رشڀ ناٿ، آرستا نيمي ۽ پارس ناٿ جو ذڪر ڌرمي ڪتابن ۾ تمام گهٽي تفصيل سان ملي ٿو. چوويهين تيرٿنڪر مهاوير 569 ق.م ۾ ڌرم جي پرچار شروع ڪئي. هن جي پرچار سان ڪيترا ئي ماڻهو هن جا پوئلڳ بڻجي ويا.

**تير ٿنڪر:** جين ڌرم جي تير ٿنڪرن جو تعداد چوويهه آهي ۽ سندن نالا هيٺين ريت آهن:

(1). رشڀ ناٿ (2). اجت ناٿ (3). سنڀوا ناٿ (4). ابي نندن ناٿ (5). سماتي ناٿ (6). پدم پريا (7). سپ پرسوا ناٿ (8). چندر پريا (9). پسپادنت (10). سيتلا ناٿ (11). سريادم ناٿ (12). وسو پوجئي (13). وملا ناٿ (14). اننتا ناٿ (15). ڌرما ناٿ (16). سانتي ناٿ (17). ڪنٿو ناٿ (18). اَرا ناٿ (19). مالي ناٿ (20). مُني سُورَتا (21). نمي ناٿ (22). نيمي ناٿ (23). پرسوا ناٿ (24). مهاوير يا ورڌمان.

چوٿين صدي ق.م ۾ بهار پرڳڻي ۾ سخت ڏڪار پيو. جنهن جي ڪري جينن پنهنجي روحاني پيشوا ڀدر باهو جي اڳواڻي ۾ لڏپلاڻ ڪئي ۽ هندستان جي ٻين علائقن ۾ آباد ٿي ويا. انهي لڏپلاڻ ۾ مگڌ جو راجا چندرگپت به شامل هو. هن پنهنجو تخت ۽ تاج ترڪ ڪري ڇڏيو هو. 12 سالن جي عرصي ڪان پوءِ جڏهن اهي واپس بهار آيا ته ڏٺائون سندن غير موجودگي ۾ به وڏيون تبديليون اچي چڪيون هيون. ساڌن لاءِ ننگو ٿي رهڻ واري روايت ۾ نرمي اچي ويئي هئي. هاڻي اُهي اچي ڪپڙي جي لانگوٽي ٻڌڻ لڳا هئا. مقدس ڪتابن ۾ ڦيرڦار ڪئي ويئي هئي. اهي تبديليون ڀدرباهو کي پسند ڪو نه آيون. تنهن ڪري جين مت وارا ٻن فرقن ۾ ورهائجي ويا. (1) ڊگامبر (آسماني لباس وارا يعني اگهاڙا)، (2) شويتامبر (سفيد ڪپڙو ڍڪڻ وارا).

هندو ڌرم / سناتن ڌرم جي مخالفت ۽ ننڍي ڪنڊ ۾ مسلمانن جي راڄ قائم ٿيڻ سان به جين ڌرم ۾ ڪافي تبديليون آيون. اڳي جين ساڌو هڪ هنڌ ڪو نه ويهندا هئا ۽ گهمندا ڦرندا رهندا هئا. هاڻي اُهي رولاڪيون ڇڏي مندرن ۽ وسندين ۾ رهڻ لڳا.

تيرهين صدي ۾ شويتامبر فرقي وارن پنهنجي سماج کي وري نئين سِر ترتيب ڏنو. انهن واپار کي پنهنجي پيشي طور اختيار ڪيو. اهي هندستان جي مختلف علائقن ۾ وڃي آباد ٿيا. مندرن ۾ مورتي پوڄا جو عمل وڌيو.

سترهين صدي ۾ ڊگامبر فرقي وارن ۾ به هڪ اصلاحي تحريڪ هلي جنهن ۾ جين ڌرم جي بنيادي اصولن تي عمل ڪرڻ تي زور ڏنو ويو.

اڄ ڪلهه جين ڌرم وارا هندستان، آفريڪا، يورپ ۽ آمريڪا ۾ پنهنجي پُرامن روَين ۽ وڻج واپار جي حوالي سان وڏي ناماچاري رکن ٿا.

## هن سبق مان معلوم ٿيو ته:

جين ڌرم ننڍي ڪنڊ جو هڪ نرالو ۽ پراڻو ڌرم آهي. جين لفظ جي معنيٰ آهي جيتيندڙ، جنهن پنهنجو پاڻ کي جيتيو هجي ۽ پنهنجين نفساني خواهشن تي ضابطو حاصل ڪيو هجي. هن ڌرم جي پيشوائن کي تيرٿنڪر سڏيو ويندو آهي. هن ڌرم جا چوويهه تيرٿنڪر ٿي گذريا آهن. جين ڌرم جو بنياد اهنسا تي رکيل آهي. ڪنهن به ساهه واري کي مارڻ يا ايذائڻ مها پاپ سمجهيو ويندو آهي. جين ڌرم جا به فرقا آهن. 1. ڊگامبر يعني قدرتي لباس وارا 2. شويتامبر يعني ڪپڙي ڍڪڻ وارا.

جين ڌرم وارا هندستان ۾ وڏي تعداد ۾ رهن ٿا. انهي ڪان سواءِ يورپ، آفريڪا ۽ آمريڪا ۾ به رهن ٿا. انهن جو مکيه پيشو واپار آهي.

## مشق

(الف) هينين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. جين ڌرم جي شروعات ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿي؟
2. جين جي لفظي ۽ اصطلاحي معنيٰ بيان ڪريو.
3. جين ڌرم ۾ تير ٿنڪر جو مطلب ڇا آهي؟
4. جين ڌرم جا ڪيترا گروهه آهن ۽ انهن جون خوبيون بيان ڪريو.

(ب) هينين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:

1. جين ڌرم جي اوسر ۽ ترقي ڪيئن ٿي؟
2. جين ڌرم جي ڪن بہ ڏهن تير ٿنڪرن جا نالا لکي وضاحت ڪريو.
3. "ڏگامبر" ۽ "شويتامبر" جي وضاحت ڪريو.

(ج) صحيح جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو.

1. جين لفظ جي معنيٰ آهي:

(الف) جيتينڊز (ب) گرو
(ج) اڳواڻ (د) ساڌو

2. جين ڌرم جي عظيم پيشوائن کي سڏيو ويندو آهي:

(الف) پيغمبر (ب) اوتار
(ج) تير ٿنڪر (د) رسول

3. جين ڌرم جي تير ٿنڪرن جو تعداد آهي:

(الف) 21 (ب) 22
(ج) 23 (د) 24

4. جين ڌرم جو بنيادي اصول آهي:

(الف) اخلاق (ب) مذهب
(ج) روح (د) اهنسا

5. جين ڌرم ۾ سڀ کان وڏو پاپ هر ساهہ واري کي:

(الف) ايذائڻ آهي (ب) پيار ڏيڻ آهي
(ج) ڏڪائڻ آهي (د) ايذائڻ يا مارڻ آهي

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون جين ڌرم بابت هڪ علمي مذاڪرو منعقد ڪرڻ ڪن، جنهن ۾ مختلف گروپ جين ڌرم جي مختلف ڳالهين بابت مواد پيش ڪرڻ ڪن مثلاً:

| گروپ | ڪم |
|---|---|
| الف | جين ڌرم جو تعارف ۽ ان جا مڪتبِ فڪر |
| ب | جين ڌرم جا تير ٿنڪر |
| ج | جين ڌرم جا پيشوا |

## استادن لاءِ هدايتون

جين ڌرم جي انفرادي حيثيت کان شاگردن ۽ شاگردياڻين کي واقف ڪيو وڃي ۽ ان جي موجوده صورتحال بابت ڪين ڄاڻايو وڃي.

| نوان لفظ ۽ انهن جي معنىٰ | | | |
|---|---|---|---|
| لفظ | معنىٰ | لفظ | معنىٰ |
| تير ٿنڪر | روحاني استاد، نجات ڏياريندڙ | لانگوٽو | ڪاڇوٽي، ڌوتيءَ جو ڪپڙو |
| ساڌو | درويش، سنت | رولاڪي | سيرسفر، گهمڻ قرڻ |
| تپسيا | رياضت، جسماني تڪليف | ناما چاري | شهرت، مشهوري |
| گيان | علم، سمجهه | پاپ | گناهه، ڏوهه |
| پرچار | تبليغ | ترڪ ڪرڻ | ڇڏي ڏيڻ |
| تجديد | نئون بنائڻ | لڏ پلاڻ | هجرت، نقل مڪاني |
| اهنسا | تڪليف نه ڏيڻ | ڪٺن | مشڪل |

# مهاوير

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن لائق ٿيندا تہ اهي:

- جين ڌرم جي ”پنجن بنيادي اصولن“ بابت ٻڌائي سگهندا.
- چوويهين تيرٿنڪر (پار اُڪارڻ واري) مهاوير جي شروعاتي زندگي بيان ڪري سگهندا.
- ڄاڻي سگهندا تہ ان ڪڏهن، ڪيئن ۽ ڪٿي روحاني روشني حاصل ڪئي.
- سمجهي سگهندا تہ جينين جو عقيدو آهي تہ ”دنيا مصيبتن ۽ ڏکن جو درياءُ آهي ۽ تيرٿنڪر کين ان کي پار ڪرڻ جو رستو ڏيکارين ٿا.“
- جاندارن جي حواس جي بنياد تي تقسيم کي بيان ڪري سگهندا.
- ڪرم، موکش ۽ ٻين روحاني موضوعن بابت مهاوير جو نظريو ڄاڻي سگهندا.
- سمجهائي سگهندا تہ 72 سالن جي عمر ۾ هو بکن ڪاڻ جي ڪري چو وفات ڪري ويو.



**حياتي:** جين ڌرم جي باني مهاوير جو اصل نالو ورڌمان هو. هن جي پيءُ جو نالو سڌارٿ ۽ ماءُ جو نالو تريشلا هو. پاڻ 599 ق.م ۾ بهار جي ضلع ويشالي جي هڪ ننڍي ڳوٺ ڪنڊاگرام جي هڪ راڄ گهراڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ننڍپڻ کان ئي ڏاڍو ذهين ۽ ماءُ پيءُ جو فرمانبردار هو.

پاڻ جڏهن جوان ٿيو تہ سندس شادي يشودا نالي هڪ راجڪماري سان ٿي. جنهن مان کيس هڪ ڌيءُ ڄائي جنهن جو نالو پريا درشنا هو. ٽيهن ورهين جي ڄمار تائين هن عيش ۽ آرام واري زندگي گذاري. پر پوءِ محل واري سکي زندگي ترڪ ڪري ڇڏيائين، پاڻ هڪ ساڌو بڻجي سخت تپسيا ڪرڻ جي لاءِ جهنگ ڏانهن روانو ٿي ويو. ٻارهن سال ٻي لباسي واري حالت ۾ جهر جهنگ ۾ گهمندو رهيو. هن عرصي دوران کيس تمام گهڻا ڏک ڏاکڙا سَهڻا پيا. پر هو سخت تپسيا ۾ محو رهيو تہ جيئن کيس پنهنجي جسم ۽ روح تي ضابطو حاصل ٿئي. جڏهن کيس يقين ٿي ويو تہ کيس پنهنجو پاڻ تي ضابطو حاصل ٿي چڪو آهي تڏهن هو سماجي زندگي ڏانهن موٽي آيو ۽ ڌرمي پرچار شروع ڪري ڏنائين. پاڻ ماڻهن کي ٻڌايائين تہ اُهي

کھڙي طرح جنم مرڻ جي چڪر يعني آواگون کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهن ٿا. ڇاڪاڻ ته انهن جي زندگي خوف، ڏکن ۽ تڪليفن سان ڀريل آهي. اُهي ڏک ۽ تڪليفون انهن کي اصل سچ کان لاعلمي جي ڪري ڪيل ڪرمن جي ڪري ملن ٿيون. انهن کي مرڻ کان پوءِ به نَرڳ ۾ گذارڻو پوي ٿو يا گهٽ درجي جي جُوڻين ۾ گذارڻو پوي ٿو.

مهاوير پنهنجي عمر جا آخري ٽيهه سال روحاني آزادي جي ابدي سچ جي پرچار ۾ گذاريا. پاڻ هندستان جي ڪُجھ حصن ۾ پيرين اُگهاڙي ۽ بنا ڪپڙن جي سخت ترين مُندن ۾ هلندو رهيو ۽ انهن ماڻهن سان ملندو رهيو جيڪي ڪيس ٻڌڻ لاءِ ايندا هئا. هن جي پرچار سان لکين ماڻهو جين ڌرم جا پيروڪار بڻجي ويا.

مهاوير ٻاهتر سال ۽ ساڍا چار مهينا ڄمار ماڻي. هن 527 ق.م ۾ ڏياري جي ڏينهن پاواپُري ضلع نالندا بهار ۾ نرواڻ حاصل ڪيو.

**بنيادي سکيائون:** مهاوير جي سکيائن مطابق هر جين ساڌو توڙي عام ماڻهو کي هيٺيان پنج عهد ڪرڻ گهرجن:

1. **اهمشه (اَهنسا يا عدم تشدد):** ڪنهن به ساهه واري کي پنهنجي سوچ، زبان يا عمل سان ايذائڻ نه گهرجي. هي جين ڌرم جو وڏي ۾ وڏو عهد يا اصول آهي، جنهن تي هر جيني سختي سان عمل ڪري ٿو.
2. **ستيه (سچائي):** سدائين سچ ڳالهائڻ گهرجي. اهڙو ڪو به گفتو واتان نه ڪڍڻو آهي جيڪو سچ نه هجي. ڪا به اهڙي ڳالهه قبول ڪرڻي نه آهي جنهن جو بنياد ڪوڙ تي هجي.
3. **اَستيه (چوري ڪرڻ):** چوري ڪرڻ مها پاپ آهي. ڪنهن جو به حق ڪسي اُن تي قبضو ڪرڻ نه گهرجي. حق حلال جي روزي ڪمائڻ گهرجي ۽ ٻين جا حق ڦٻائڻ نه گهرجن.
4. **برهمچريه (پاڪ دامني):** پاڪائي واري زندگي بسر ڪرڻ گهرجي. نفساني خواهشن کي قابو ۾ رکڻ گهرجي.
5. **اپريگره (لاتعلقي):** مادي لذتن کان پري رهڻ گهرجي. ضرورت کان وڌيڪ ڪا به شيءِ نه رکڻ گهرجي ۽ نه ئي گهڻو مال گڏ ڪرڻ جي عادت رکجي. جيڪڏهن وڌيڪ ڪمائي ته اها دان ڪري ڇڏڻ گهرجي.

انهن عهدن يا اصولن تي عمل ڪرڻ کان سواءِ هر جيني کي غصي، فخر، اَناپرستي، ننڍي، دوکي بازي، هَوس ۽ لالچ کان پري رهڻ گهرجي.

مهاوير جي سکيائن جين ڌرم جي پوئلڳن جي رهڻي ڪهڻي تي تمام گهڻو اثر وڌو. سندس سکيائن جي اثر ڪري هر جيني اهنسا واري اصول تي پوري طرح عمل ڪري ٿو.

جينين ۾ ورت (روزو) رکڻ جو رواج بلڪل گهڻو آهي.

## هن سبق مان معلوم ٿيو ته:

جين ڌرم جي چوويهين تيرٿنڪر مهاوير جو اصل نالو ورڌمان هو. پاڻ 599 ق.م ۾ بهار ۾ پيدا ٿيو. ٿيهن ورهين جي ڄمار تائين پاڻ عيش ۽ آرام واري زندگي گذاريائين. پر پوءِ محل جي زندگي تياڳي تپسيا لاءِ جهنگ ڏانهن روانو ٿي ويو. جهنگ ۾ پورا ٻارهن سال ڪٺن تپسيا ڪرڻ کان پوءِ هن ڌرم جي پرچار شروع ڪئي. پاڻ ٽيهه سال ابدي سچ جي پرچار ۾ گذاريائين ۽ ٻاهتر ورهين جي ڄمار ۾ 527 ق.م ۾ نرواڻ حاصل ڪيائين.

مهاوير جي سکيائن موجب هر جيني لاءِ اَهنسا يعني ڪنهن ساهه واري کي نه ڏکوئڻ، سچائي تي هلڻ، ڪنهن جو به حق نه ڦٻائڻ، پاڪ دامني واري زندگي گذارڻ ۽ ضرورت کان وڌيڪ ڪا به شيءِ نه رکڻ جي اصولن تي عمل ڪرڻ ضروري هوندو آهي. هن جي سکيائن جو جينين جي عام زندگي تي تمام گهڻو اثر ٿيو.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

1. مهاوير ڪڏهن ۽ ڪٿي پيدا ٿيو؟
2. هن گهڻا سال جهنگ ۾ تپسيا ڪئي؟
3. هن نرواڻ ڪڏهن ۽ ڪٿي حاصل ڪيو؟
4. مهاوير جي وڏي ۾ وڏي سکيا ڪهڙي آهي؟
5. مهاوير جي سکيائن جو جينين جي عام زندگي تي ڪهڙو اثر پيو؟

**(ب) هيٺيان خال ڀريو:**

1. مهاوير جي پيءُ جو نالو __________ هو.
2. مهاوير جي چوڻ موجب ماڻهو کي ڏک ۽ تڪليفون __________ جي ڪري ملن ٿيون.
3. مهاوير __________ سال ۽ __________ مهينا ڄمار ماڻي.
4. پاڪ دامني رکڻ ۽ نفساني خواهشن کي قابو ۾ رکڻ کي __________ چئبو آهي.
5. جينين ۾ __________ رکڻ جو رواج تمام گهڻو آهي.

(ج) صحيح جملي جي پويان ” ✓ “ نشاني ۽ غلط جملي جي پويان ” × “ نشاني لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. مهاوير هڪ غريب گهراڻي ۾ پيدا ٿيو. | | |
| 2. هن ڪي ڪٿن تپسيا سان پنهنجي جسم ۽ روح تي ضابطو حاصل ڪري ورتو هو. | | |
| 3. اهمشه جي معنئ ساهه وارن تي ظلم ڪرڻ آهي. | | |
| 4. هن جي سکيا موجب هر جيني کي تمام گهڻي ملڪيت رکڻ گهرجي. | | |
| 5. جينين کي وڏيڪ ڪمايل دولت دان ڪري ڇڏڻ گهرجي. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

- شاگرد ۽ شاگرديائيون پاڻ ۾ ٽي گروپ ناهن، هڪ گروپ مهاوير جي پهرئين 30 سالن جي حياتي، ٻيو گروپ جهنگ ۾ 12 سالن جي ڪٺن تپسيا ۽ ٽيون گروپ سندس جمار جي آخري 30 سالن دوران ڌرم جي پرچار ڪرڻ بابت پڙهي اچي ٻئي ڏينهن ڪلاس اندر پاڻ ۾ بحث مباحثو ڪن.
- ”مهاوير جي سکيائن جو عام جينين جي زندگي تي اثر“ تي هڪ مضمون لکن.

## استادن لاءِ هدايتون

مهاوير جي زندگي بابت نهيل ڪا بہ ڊاڪيومينٽري جيڪا سندس پوري زندگيءَ ۽ خدمتن جي عڪاسي ڪندڙ هجي ان بابت شاگردن ۽ شاگرديائين کي نشاندهي ڪئي وڃي تہ اها ڏسي ڄاڻ حاصل ڪن.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مهاوير | وڏو سورمو، بهادر | ضابطو | ڪنٽرول، انتظام، بندوبست |
| ڪرمن | عملن، ڪرتي | مها پاپ | وڏو گناهه |
| نَرڳ | جنهن ڌرم موجب دوزخ جو نالو | گفتو | ٻول |
| جُوٽين | حياتي | ورِت | روزو |
| نرواڻ | ڇوٽڪارو | پيروڪار | پوئلڳ |
| دان | خيرات | تجديد | وري نئين سِر بحال ڪرڻ |
| محو | مشغول، خيالن ۾ گُم | | |

باب پيو

# سماجي ۽ اخلاقي قدر

## تدريسي معيار

هن باب پڙهڻ کان پوءِ شاگردن ۽ شاگردياڻين مان اميد ڪجي ٿي ته اهي:

- پورو يقين رکندا ته مالڪِ حقيقي پوري ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ آهي.
- سڀني مذهبن ۾ عام طور قابل قبول ڳالهين کي اپنائيندا.
- مالڪِ حقيقي کي وڻندڙ خوبيون معلوم ڪري پاڻ ۾ پيدا ڪندا.
- عملي مظاهرو ڪندا ته مالڪِ حقيقي جو فرمانبردار هجڻ کان علاوه ماڻهو پنهنجي ملڪي قانون جو به جواب دار آهي.
- ڄاڻي سگهندا ته خود احتسابي وارو شعور ماڻهوءَ ۾ صحتمند اخلاقي گڻ پيدا ڪري ٿو.
- سمجهي سگهندا ته هن ڪائنات ۾ ڏينهن رات ۽ موسمون وغيره هڪ مقرر وقت تي ٿين ٿا اهڙي طرح انسان کي به وقت جي پابندي ۽ اطاعت گذاري ڪرڻ گهرجي.

جنهن ماحول ۾ ماڻهو رهي ٿو، پنهنجي اردگرد رهندڙ ماڻهن سان تعلق جوڙي ٿو ۽ معاملا سرانجام ڏئي ٿو. اهو سماج سڏجي ٿو، سماج ۾ رهندڙ ماڻهن سان طور طريقي ۽ زندگي گذارڻ لاءِ هر ماڻهوءَ جو طريقو جدا آهي. جنهن کي ڪن اصولن ۽ قانونن جي ماتحت هلائڻ جو نالو "قدر" آهي. اهڙا ڪارآمد اصول ۽ قاعدا جن جي ذريعي ماڻهن جي ڪردار ۽ سماج ۾ سڌارو اچي تن کي سماجي ۽ اخلاقي قدر سڏجي ٿو.

مالڪِ حقيقي ۾ نيڪ گمان رکڻ ۽ ان جي حڪمن جي پيروي ڪرڻ سان انسان ۾ اطاعت جو جذبو جاڳي ٿو، جنهن ڪري هو پنهنجي مذهب طرفان ڏنل هدايتن مطابق بندگي ڏانهن مائل ٿئي ٿو ۽ پنهنجي پاڻ ۾ نيڪ بڻجڻ ۽ برائين کان بچڻ جي عادتن اپنائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ٻين سان همدردي، رحمدلي ۽ خيرخواهي جو جذبو ڏاري ٿو ۽ پنهنجي ڪردار کي اعليٰ مقام تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جنهن سان ان جي ذاتي ڪردار سان گڏوگڏ سماج تي به مثبت اثر پون ٿا ۽ هڪ پرامن ماحول پيدا ٿي پوي ٿو.

هن باب ۾ "مالڪِ حقيقي جي وڏائي"، "مذهبن جون عبادت گاهون ۽ عبادت جا طريقا"، "مذهبن ۾ پرهيزگاري، رحمدلي، همدردي ۽ سچائي جو تصور"، "احتساب ۽ ان جو انساني ڪردار تي اثر" ۽ "مذهبي اعتبار سان وقت ۽ ان جي پابندي ۽ اهميت" جي عنوانن سان سبق شامل ڪيا ويا آهن.

# مالڪِ حقيقي جي وڏائي

سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون هن لائق ٿيندا تہ اهي:

- عملي مظاهرو ڪندا تہ هر ڪم جي شروعات مالڪِ حقيقي جي نالي سان ڪئي وڃي.
- هن ڳالهہ کي برحق سمجهندا تہ جنهن مالڪِ حقيقي جو قدر نہ سڃاتو تہ ان ڄڻ ڪيس ڪين سڃاتو.
- اهو نتيجو ظاهر ڪندا تہ ماڻهن جي خدمت ڪرڻ، حقيقت ۾ مالڪِ حقيقي کي راضي ڪرڻ آهي.
- هن ڳالهہ جي اهميت سمجهي سگهندا تہ انساني زندگي جو اصل مقصد مالڪِ حقيقي کي سڃاڻڻ ئي آهي.



اسان جي هي دنيا توڙي پوري ڪائنات جنهن ۾ سج، چنڊ، تارا، گرهہ ۽ ڪهڪشائون شامل آهن ان جو خلقيندڙ ۽ هلائيندڙ اسان جو مالڪِ حقيقي آهي. هو اول کان آهي ۽ هميشہ قائم رهندو. هو ئي سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ، سڀني کي روزي ڏيندڙ، هر شيءِ تي قدرت رکندڙ، ٻاجهارو ۽ مهربان آهي. هن جي برابري ڪرڻ وارو ڪير بہ نہ آهي. سڀئي انسان، چرند پرند، حيوان، جيت جڻيا توڙي آبي حيات هُن جي ئي مخلوق آهن. انسان کي تہ مالڪِ حقيقي پنهنجي سموري مخلوق مان مٿاهون درجو عطا ڪيو آهي. جيڪا سندس انسان تي خاص عنايت آهي تنهن ڪري انسان کي هر دم مالڪِ حقيقي جي ساراهہ ڪرڻ گهرجي. سندس وڏائي جا گيت ڳائڻ گهرجن. ان کي ئي پل پل ياد ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي هر ڪم جي شروعات مالڪِ حقيقي جي نالي سان ڪرڻ گهرجي. جهڙي طرح شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي شاعري جي شروعات هن ريت ڪئي آهي:

اول الله عليم اعلیٰ عالم جو ڌڻي — قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهي قديم

والي واحد وحدہٗ رازق رب رحيم، — سو ساراهہ سچو ڌڻي چئي حمد حڪيم،

ڪري پاڻ ڪريم جوڙون جوڙ جهان جي.

دنيا جي سيني وڏن مذهبن جي مقدس ڪتابن ۾ انسانن کي پنهنجي خالق ۽ مالڪِ جا ڳُڻ ڳائڻ ۽ سموري مخلوق جي ڀي غرض ٿي خدمت ڪرڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي. ڇو ته مالڪِ حقيقي لاءِ ٻانهي هجڻ ۾ سڀئي انسان برابر آهن. هن کي سموري مخلوق پياري آهي. هو هر ذي روح ۾ وسي ٿو. هو هر هنڌ حاضر ۽ ناظر آهي. هو زمين تي موجود هر مخلوق کي ان جي وت آهر روزي ڏئي ٿو. جيئن چوڻي آهي ته "ڪِوِل کي ڪَڻ هاٿي کي مَڻ". جيڪڏهن ڪو ٻي سمجهه ماڻهو مالڪِ حقيقي جي مقابلي ۾ پاڻ کي يا ٻئي کي روزي ڏيندڙ سمجهي ٿو ۽ هن جي رضا لاءِ ڪو به ڪم نه ٿو ڪري ته اهو جهڙوڪ ڪجهه به نه ٿو ڪري. هو نه پاڻ کي سڃاڻي ٿو ۽ نه ئي پنهنجي خالق ۽ مالڪِ کي سڃاڻي ٿو. سندس جيئڻ اجايو آهي. هن جي حياتي هن جهان ۾ توڙي آخرت ۾ بيڪار ثابت ٿيندي. هن وٽ اڳئين جهان ۾ ڪٽي وجهڻ لاءِ ڪي به چڱا ڪم يا نيڪيون نه هونديون.

خالق منجهه خلقَ، خالقُ سڀ خلق ۾
سمجهي ڪو "سامي" چئي، وِرلو جن هڪ
مهر ڪري مالڪِ، جنهن تي پرچي پاڻيهي

(ڀائي چين راءِ ٻچومل "سامي")

مالڪِ حقيقي کي سڃاڻڻ ۽ سندس مخلوق سان چڱائي ڪرڻ جي سڀئي مذهب تلقين ڪن ٿا مثال طور:

- **اسلام:** ماڻهن ۾ بهترين ماڻهو اهي آهن جيڪي ٻين کي فائدو پهچائين ٿا. خلق جي خدمت ۾ ئي انسان جي عظمت آهي.
- **مسيحيت:** مسيحيت ۾ ٻين جي خدمت کي مالڪِ حقيقي جي خدمت ڪري مڃيو ويو آهي.
- **هندو ڌرم / سناتن ڌرم:** هندو ڌرم مطابق پَر اُپڪار يعني ٻين جي خدمت ڪرڻ ئي اصل ڌرم آهي.
- **ٻڌ ڌرم:** ٻڌ ڌرم ۾ انسان ۽ حيوان جي وچ ۾ فرق به خلق جي خدمت کي قرار ڏنو ويو آهي. مهاتما گوتم ٻڌ جو چوڻ آهي ته "جيڪو پنهنجي لاءِ جيئي ٿو اهو حيوان آهي ۽ جيڪو ٻين لاءِ جيئي ٿو سو انسان آهي."
- **زرتشت ازم، تائو ازم:** زرتشت ازم توڙي تائو ازم ۾ به عام مخلوق جي خدمت کي مالڪِ حقيقي جي خدمت چيو ويو آهي.

مالڪِ حقيقي انسان کي بي شمار نعمتن سان نوازيو آهي. تنهن ڪري ڪيس هُن جي

عظمت ۽ وڏائي جو اقرار ڪرڻ گهرجي. سندس حڪم مڃڻ گهرجي ۽ پنهنجي هر ڪم جي شروعات ان جي نالي سان ڪرڻ گهرجي. مالڪِ حقيقي جي نالي تي شروع ڪيل هر ڪم ۾ برڪت هوندي آهي.

اسان جي پياري وطن پاڪستان ۾ اسڪول جي اسيمبلي کان وٺي قومي اسيمبلي جي اجلاسن تائين هر ڪم جي شروعات مالڪِ حقيقي جي نالي سان ڪئي ويجي ٿي.

زندگي جي صورت ۾ انسان کي جيڪو مالڪِ حقيقي جو تحفو مليو آهي، ڪيس انهيءَ جي قدر ۽ قيمت جو احساس هئڻ گهرجي. هڪ دفعو مليل ان زندگي جي مقصد جي بہ پوري پوري ڄاڻ هئڻ گهرجي. ڇاڪاڻ جو هو پنهنجي انهيءَ حياتيءَ دوران مالڪ جي مخلوق جي خدمت ڪري، سندس راضپو حاصل ڪري سگهي ٿو. سياڻن سچ چيو آهي تہ:

مالڪِ حقيقي جي بندن سان محبت ڪرڻ خود مالڪِ حقيقي سان محبت آهي.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

اسان جي هي دنيا توڙي پوري ڪائنات جنهن ۾ سج، چنڊ، تارا، گرھ ۽ ڪهڪشائون شامل آهن ان جو خلقيندڙ ۽ هلائيندڙ اسان جو مالڪِ حقيقي آهي. هو اول کان آهي ۽ هميشہ قائم رهندو. هو ئي سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ، سيني کي روزي ڏيندڙ، هر شي تي قدرت رکندڙ، ٻاجهارو ۽ مهربان آهي. هن جي برابري ڪرڻ وارو ڪير بہ نہ آهي. دنيا جي سيني مذهبن جي مقدس ڪتابن ۾ انسانن کي پنهنجي خالق ۽ مالڪ جا گُڻ ڳائڻ ۽ سموري مخلوق جي ڀي غرض ٿي خدمت ڪرڻ جي تلقين ڪئي ويئي آهي. جيڪڏهن ڪو بي سمجهہ ماڻهو مالڪِ حقيقي جي مقابلي ۾ پاڻ کي وڏيڪ سمجهي ٿو ۽ هن جي رضا لاءِ ڪو بہ ڪم نہ ٿو ڪري ۽ نہ ئي پنهنجي خالق ۽ مالڪ کي سڃاڻي ٿو تہ سندس جيئڻ اجايو آهي ۽ سندس جي حياتي هن جهان ۾ توڙي آخرت يا پرلوڪ ۾ بہ بيڪار ثابت ٿيندي.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. مالڪِ حقيقي جي وڏائيءَ جون ڏس ڏيندڙ سندس صفتون ڪهڙيون آهن؟
2. اسان کي پنهنجي ڪم ڪار جي ابتدا ڪيئن ڪرڻ گهرجي؟
3. مالڪِ حقيقي جهان کي ڪهڙي ريت روزي رسائي ٿو؟
4. خلق جي خدمت بابت مذهب ڇا رهنمائي ڪن ٿا؟
5. مالڪِ حقيقي جي نعمتن جو شڪريو ڪهڙي ريت ادا ڪرڻ گهرجي؟

(ب) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:

1. مالڪِ حقيقي جي وڏائي بابت مذهبن جي تعليم ڇا آهي؟
2. مالڪِ حقيقي جون نعمتون ۽ سندس نالو ياد ڪرڻ جا ڪهڙا فائدا آهن؟

(ج) صحيح جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو.

1. انسان جي رهڻي ڪهڻي ۽ اردگرد جو ماحول سڏجي ٿو:

(الف) ماحول (ب) موسم
(ج) رواج (د) سماج

2. رهڻ ڪهڻ، ڪاروهنوار ۽ بهتر تعلق رکڻ جي اصولن جو نالو آهي:

(الف) معاشيات (ب) شهريت
(ج) قدر (د) ڪردار

3. جيڪو ٻين لاءِ جيئي ٿو حقيقت ۾ سو ئي:

(الف) مهان آهي (ب) اتم آهي
(ج) بيوقوف آهي (د) انسان آهي

4. هر چڱي ڪم جي شروعات ڪرڻ گهرجي:

(الف) مالڪِ حقيقي جي نالي سان (ب) پنهنجي ذات سان
(ج) ننڍي ڪم سان (د) اعلىٰ ڪم سان

5. ”اول الله عليم اعلىٰ عالم جو ڌڻي“ مصرع ڪو آهي:

(الف) سچل سرمست جو (ب) شيخ اياز جو
(ج) بيدل جو (د) شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي**

شاگرد ۽ شاگردياڻيون مالڪِ حقيقي متعلق هيٺين ٻن موضوعن تي نوٽس تيار ڪري ڪلاس ۾ پيش ڪن.

* مالڪِ حقيقي جون اهم صفتون
* مکيه مذهبن ۾ مالڪِ حقيقي جي وڏائي

## استادن لاءِ هدايتون

مکيه مذهبن ۾ مالڪِ حقيقي کي جن وڏائي وارن نالن سان پڪاريو ويو آهي ته ان بابت ڄاڻ ڏيڻ بعد شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ٻڌايو وڃي ته جيتوڻيڪ نالا مختلف آهن پر هر هڪ جو مقصد هڪ ذات مالڪِ حقيقيءَ تائين پهچڻ آهي.

| نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ | | | |
|---|---|---|---|
| **لفظ** | **معنيٰ** | **لفظ** | **معنيٰ** |
| ڪهڪشان | ڪير ڌارا، چمڪندڙ | حاضر | موجود |
| خلقيندڙ | پيدا ڪندڙ | ناظر | ڏسندڙ |
| ساراهه | تعريف، واکاڻ | ڪڻ | داڻو، ذرڙو |
| گيت | ڳائڻ، لات، بيت | مڻ | چاليهه سير، جهجهو |
| پل پل | هر وقت، هر گهڙي | سياڻا | عقلمند |
| قادر | قدرت رکندڙ، وس وارو | قديم | پراڻو، آڳاٽو |
| واحد وحده | پنهنجي ذات ۾ اڪيلو | اطاعت | فرمانبرداري، حڪم مڃڻ |
| حڪيم | حڪمت وارو، دانائي وارو | | |

# مکيہ مذهبن جون عبادت گاهون ۽ عبادت جا طريقا

(مکيہ مذهبن جي لاءِ احترام ۽ اجتماعي رويو)

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن لائق ٿيندا تہ اهي:

- مکيہ مذهبن جي عبادت گاهن جا نالا بيان ڪري سگهندا.
- انهن عبادت گاهن جي اهم ڳالهين جو نقشو چٽي سگهندا.
- سيني مذهبن جي عبادت گاهن جي احترام جو عملي مظاهرو ڪندا.
- مکيہ مذهبن ۾ مروج عبادت جي طريقن ڪي مختصر طور بيان ڪري سگهندا.
- ان ڳالهہ کي ساراهيندا تہ عبادت جي مختلف طريقن باوجود عبادت صرف مالڪِ حقيقي ڪي ئي جڳائي ٿي.
- ان ڳالهہ کي سمجهي سگهندا تہ عبادت سان ذهني سڪون ۽ آٿت ملي ٿي.
- ان نتيجي تي پهچندا تہ جيڪي ماڻهو مالڪِ حقيقي جي پناهہ ۾ اچن ٿا اهي ڪڏهن بہ گمراهہ نہ ٿا ٿين.
- ان نتيجي تي پهچندا تہ جن ماڻهن جا اڳواڻ مالڪِ حقيقي سان محبت ڪندڙ ۽ سندس نافرماني کان خوف رکندڙ آهن انهن جي رويي ۾ مثبت تبديلي اچي ٿي.

انسان جي حياتي گلن جي سيج نہ آهي پر ڏکن ۽ سکن جو گڏيل جهان آهي، جتي ڪيس ڪڏهن خوشيون نصيب ٿين ٿيون تہ ڪڏهن ڏکن ۽ تڪليفن کي بہ منهن ڏيڻو پوي ٿو. اهي ڏک، تڪليفون هن زندگي جو حصو آهن، انهن کان ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿجي بلڪ مڙس ٿي انهن جو مقابلو ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جي حل ڪرڻ جي تدبير ڳولهڻ گهرجي. عام طور تي اهڙين ڏکين گهڙين ۾ ماڻهو کي مالڪِ حقيقي ياد ايندو آهي، ان موقعي تي غم هلڪي ڪرڻ ۽ سڪون ماڻڻ لاءِ ماڻهو پنهنجي مالڪِ حقيقي کي دل ۾ ياد ڪندو آهي ۽ پنهنجي مذهبي عقيدن مطابق عبادت گاهہ ۾ وڃي اڪيلي سر يا ٻين سان گڏجي عبادت ڪندو آهي. جنهن سان ڪيس دلي سڪون ملندو آهي. تنهن ڪري هڪ فرمانبردار بندي کي ڏکن ۽ سکن ۾ پنهنجي مالڪِ حقيقي جي حڪمن جي پيروي لاءِ هر وقت تيار رهڻ گهرجي. دنيا ۾ جيڪي مکيہ مذهب آهن تن جي عبادت گاهن جا نالا، تعارف ۽ عبادت جا طريقا هن ريت آهن:

## مسجد

مسجد جي معنیٰ ”سجدي جي جاءِ“ آهي، مسجد مسلمانن جي عبات گاهہ آهي. جتي هو هڪ امام پٺيان صَف ٻڌي رُڪوع ۽ سجدا ڪندا آهن. مسجد هڪ چورس يا مستطيل هال هوندو آهي جنهن ۾ اڱڻ هوندو آهي ۽ هال ۾ قبلي جي رُخ ڏانهن امام جي ويهڻ لاءِ محراب هوندو آهي ڪن وڏين مسجدن ڪي ورانڊو بہ هوندو آهي. عمارت جي ڇت تي هڪ يا وڌيڪ گنبذ هوندا آهن ۽ ڪُنڊن تي منارا هوندا آهن.

مسلمان مسجدن ۾ روزانو پنج دفعا نماز پڙهندا آهن. جمعي جي ڏينهن خاص نماز کان اڳ ۾ امام خطبو ڏيندو آهي ۽ پوءِ سڀ صَفن ۾ جماعت سان نماز ادا ڪندا آهن. رمضان جي مهيني جي آخري ڏهاڪي ۾ اعتڪاف ۾ ويهندا آهن.






## گِرجا گهر

مسيحيت جي عبادت گاهه گِرجا گهر يا چرچ سڏجي ٿي، جيڪو هڪ چورس يا مستطيل هال هوندو آهي. ان جي مٿان وچ ۾ يا هڪ ڪُنڊ تي اوچو مينار هوندو آهي. هال جي اندر حضرت يسوع مسيح جي مصلوب صورت يا حضرت بيبي مريم عليها السلام جو مجسمو نهيل هوندو آهي. ديوارن تي پٿرن يا ڪاٺ سان اڪريل مذهبي واقعن جون تصويرون لڳل هونديون آهن. چرچ جي ٻاهران يا ان جي مهاڙ ۾ صليب ناهيل هوندو آهي.

مسيحي گِرجا گهر ۾ عبادت ڪندا آهن ۽ مقدس ڪتاب پڙهندا آهن. ۽ مقدس گيت ڳائيندا آهن. گِرجا گهر ۾ ويهڻ لاءِ ڪرسيون ۽ بينچون رکيل هونديون آهن. آچر جو ڏينهن مسيحين لاءِ خاص عبادت جو ڏينهن هوندو آهي.



## مندر

هندن جو مندر هڪ چورس يا مستطيل هال هوندو آهي جنهن ۾ هڪ يا وڌيڪ ننڍا ڪمرا هوندا آهن جن ۾ مورتيون رکيل هونديون آهن. انهي ننڍي ڪمري جي مٿان اوچي چوٽي وارو ڪون يعني مخروط وانگر ”شِکر“ ٺهندو آهي جيڪو جيئن اوچو ٿيندو ويندو آهي سنهو ٿيندو ويندو آهي ۽ ان مٿان ”ڪلش“ لڳل هوندو آهي. مڙهي ۾ سنتن، ٻاون، مهاراجن جون سماڌيون هونديون آهن. ان جو اڱڻ ڪشادو هوندو آهي جن جي مٿان چورس يا گول گنبذ واري اڏاوت ٺهيل هوندي آهي.

هندن ۾ ٽن وقتن جهڙوڪ: پراتہ ڪال، مڌيان ۽ سايم ڪال پوڄا جو رواج آهي. هندو مندرن ۾ ڏينهن جو ڀڄن ڪيرتن ۽ ست شاستر پڙهيا ويندا آهن. ۽ سنجها ويلي وڏي آرتي ٿيندي آهي.






# پڳوڊا

ٻڌ ڌرم جي پوڄا گھرن ڪي ٻہ مندر ئي چوندا آهن پر عمارت جي نقشن جي اعتبار سان انهن جا مختلف ٻولين ۾ مختلف ملڪن ۾ جدا نالا آهن. ٻوڌين جي پوڄا لاءِ مندر مڙهيون، مٺ يا پڳوڊا ۾ مهاتما گوتم ٻڌ جا مجسما رکيل هوندا آهن. انهن جي مٿان هندو مندر جي ڇت تي ٺهيل ڪون يعني مخروط وانگر ”شِکر“ ٺينڊو آهي. مڙهين ۾ ڀاون جي رهڻ لاءِ ڪمرا، يوگ ۽ پوڄا ڪرڻ جون جڳهيون ٺهيل هونديون آهن.

ٻڌ ڌرم جي مندرن ۽ مڙهين ۾ ڀہ ڀڄن ڳايا ويندا آهن. پوڄا ڪئي ويندي آهي ۽ مقدس ڪتاب بہ پڙهيا وڃن ٿا. ڪن ۾ ڀاوا ۽ ڀڳت يوگ ۽ ڌيان ڪندا آهن.









## جين مندر

جين ڌرم جا مندر بہ هندن جي مندرن وانگر هوندا آهن جن جي ڇت تي ”شِکر“ ۽ ڪن تي گنبذ بہ ٺهيل هوندا آهن، وڏن جين مندرن ۾ ڪيترين ئي اوچيون چوٽيون ۽ سهٽا گنبذ بہ هوندا آهن.






## ڪنيسہ

يهودين جي عبادت گاهہ جو نالو ڪنيسہ آهي جنهن کي يهودي بيت تفليہ يا بيت ڪنيست چوندا آهن ان کي انگريزي ۾ Shul ۽ يوناني ۾ Synagogue چيو ويندو آهي. جيڪو هڪ ڏگهي هال تي مشتمل هوندو آهي. جنهن تي وڏو گنبذ نهيل هوندو آهي.

يهودين جي عبادت ڏينهن رات ۾ ٽي دفعا ٿيندي آهي. صبح ٽيپهري ۽ شام جو يهودي ڪنيسہ ۾ گڏ ٿي عبادت ڪندا آهن.









## گرُدوارو

سک ڌرم جي عبادت گاهه گرُدوارو هڪ منزل يا ٻن ٽن منزلن واري اڏاوت تي مشتمل هوندو آهي جنهن جي مٿان گنبذ ۽ ڪُندن ڪان مينار نهيل هوندا آهن، انهي ۾ گرو گرنٿ صاحب، رس لنگر، ڪيرتن، شيوا هلندي رهندي آهي.

سکن جي گُردواري ۾ گرنٿ صاحب جو پاٺ ڪيو ويندو آهي ۽ ڀجن ڳائي ڪيرتن ڪيا ويندا آهن ۽ آخر ۾ لنگر ورهايو ويندو آهي.



انهن سڀني مکيہ مذهبن جي عبادت گاهن جي اڏاوت ۽ عبادت جي طور طريقي ۾ جيتوڻيڪ ٿورو گهڻو فرق آهي پر اصل ۾ سڀئي هڪ مالڪِ حقيقي جي عبادت ڪن ٿا. جيئن شاهہ عبداللطيف ڀٽائي فرمايو آهي:

قصر ايڪ در لک ڪوڙين منجهس ڪُڙڪ ڪُڙڪيون
جيڏانهن ڪريان پرک تيڏانهن صاحب سامهون.

جنهن سماج جا اڳواڻ خوفِ خدا رکندڙ ۽ ان جي مخلوق سان پيار ڪندڙ هوندا آهن تہ ان جو اثر پوري عوام تي ٿيندو آهي ماڻهن ۾ مثبت رويي جي تبديلي اچي ويندي آهي.

عبادت سان روح کي راحت ۽ دل کي سڪون ۽ آٿت ملي ٿي. جيڪو ماڻهو مالڪِ حقيقي کي ياد ڪندو آهي اهو ڪڏهن بہ گمراهہ نہ ٿو ٿئي. هن جي هر مشڪل آسان ٿي وڃي ٿي. هو هر ڪم ۾ سندس نالو وٺي ٿو تہ هن جو هر ڪم مالڪِ حقيقي بابرڪت ڪري ٿو. هن لاءِ آسانيون پيدا ٿين ٿيون. سڀني مذهبن جي ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ هر مرض ۽ هر تڪليف جو علاج مالڪِ حقيقي جو نالو آهي. جيڪو هن جو نالو وٺي ٿو. هن کي پورو ڀروسو ٿئي ٿو تہ هو ان جي پناهہ ۾ رهي ٿو.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

انسان جي حياتي گلن جي سيج نہ آهي پر ڏکن ۽ سکن جو گڏيل جهان آهي، جتي ڪيس ڪڏهن خوشيون نصيب ٿين ٿيون تہ ڪڏهن ڏکن ۽ تڪليفن کي بہ منهن ڏيڻو پوي ٿو. اهڙين ڏکين گهڙين ۾ ماڻهو مالڪِ حقيقي کي ئي ياد ڪندو آهي ۽ پنهنجي مذهبي عقيدن مطابق عبادت گاهہ ۾ وڃي اڪيلي سر يا ٻين سان گڏجي عبادت ڪندو آهي. جنهن سان ڪيس دلي سڪون ملندو آهي.

هر مذهب جون عبات گاهون پنهنجي پنهنجي سجاوٽ رکن ٿيون. جيڪي هڪ چورس، مستطيل يا ڏِگهن هالن، هڪ يا هڪ کان وڌيڪ منزلن، گنبذن ۽ منارن تي مشتمل هونديون آهن. هر مذهب جي عبادت گاهن ۾ پنهنجن پنهنجن مذهبن مطابق مورتيون، بت، مجسما ۽ تصويرون رکيل هونديون آهن.

مسلمان مسجدن ۾ روزانو پنج دفعا نماز پڙهندا آهن. مسيحي گرجا گهر ۾ مقدس ڪتاب پڙهندا ۽ گيت ڳائيندا آهن. هندو مندرن ۾ ڏينهن جو ڀڄن ڪيرتن ۽ ست شاستر پڙهندا آهن. ٻڌ ڌرم جي مندرن ۽ مڙهين ۾ بہ ڀڄن ڳايا ويندا آهن. سکن جي گُردواري ۾ گرو گرنٿ صاحب جو پاٺ ڪيو ويندو آهي. يهودين جي عبادت ڏينهن رات ۾ ٽي دفعا ٿيندي آهي. انهن سڀني مکيہ مذهبن جي عبادت گاهن جي اڏاوت ۽ عبادت جي طور طريقي ۾

جيتوڻيڪ تورو گھڻو فرق آهي پر اصل ۾ سڀئي هڪ مالڪِ حقيقي جي عبادت ڪن ٿا.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. عبادت گھر مان ڇا مراد آهي؟
2. گِرجا گھر جا ڪھڙا نالا آهن ۽ ان جو نقشو ڪيئن هوندو آهي؟
3. مسجد جي بناوٽ ڪيئن ٿيندي آهي؟
4. مندر ڇا آهي ۽ ڪھڙن مذهبن جي عبادت گاهه آهي؟
5. سِکن جي عبادت گاهه ۾ ڪھڙيون رسمون ٿينديون آهن؟

**(ب) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. مکيہ مذهبن جي عبادت گاهن جو تعارف بيان ڪريو.
2. مکيہ مذهبن جي عبادتن جا نالا ۽ طريقا لکو.

**(ج) صحيح جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو.**

1. مسلمان ڏينهن رات ۾ نمازون پڙهن ٿا:

(الف) فجر ۽ ظهر (ب) عصر ۽ مغرب
(ج) عشاء (د) اهي سڀ

2. مسيحيت جي عبادت جو خاص ڏينهن آهي:

(الف) جمعو (ب) ڇنڇر
(ج) آچر (د) سومر

3. يهودين جي عبادت ڏينهن ۾ ٿيندي آهي:

(الف) ٻہ دفعا (ب) هڪ دفعو
(ج) ٽي دفعا (د) چار دفعا

4. هندوئن، جينين ۽ ٻڌن جي پوڄا ٿيندي آهي:

(الف) مندر ۾ (ب) گِرجاگھر ۾
(ج) مسجد ۾ (د) ڪنيسہ ۾

5. گُردواري ۾ مقدس ڪتاب جو پاٺ ڪيو ويندو آهي:

(الف) بائبل جو (ب) گيتا جو
(ج) قرآن شريف جو (د) گرو گرنٿ صاحب جو

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون دنيا جي مکيہ مذهبن ۾ مروج عبادتن، انهن جي نالن توڙي عبادت گاهن ۽ انهن جي نالن بابت مذاڪرو منعقد ڪن، جنهن ۾ هر هڪ شاگرد ڪنهن نہ ڪنهن عنوان تي اسائنمينٽ پيش ڪري، جهڙوڪ:

- مکيہ مذهبن ۾ عبادت ۽ پوڄا.
- مکيہ مذهبن ۾ عبادت گاهن جا نالا.
- مکيہ مذهبن جي عبادتن ۾ هڪ جهڙايون.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي سمجهاڻي ڏني وڃي تہ مکيہ مذهبن ۾ عبادت بجا آڻڻ لاءِ عبادت گاهہ جي ڪهڙي اهميت آهي ۽ عبادت گاهہ کان علاوہ ڪهڙي ريت مالڪِ حقيقي کي راضي ڪري سگهجي ٿو.

| نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ | | | |
|---|---|---|---|
| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
| آٿت | دلاسو، آسرو | ڪلش | لوٽو |
| رڪوع | گوڏن پر جهڪڻ | يوگ | پرماتما کي پراپت ٿيڻ |
| سجدو | پيشاني زمين تي رکڻ | بيت | گهر |
| مستطيل | چوڪندي جو قسم | شيوا | خدمت، عبادت |
| محراب | مسجد ۾ نماز وقت امام صاحب جي ويهڻ جي جاءِ | اعتڪاف | رمضان جي آخري ڏهاڪي ۾ مسجد ۾ رهائش ڪرڻ |
| مصلوب | قاسي ڏنل | ڪوڙين | بي شمار |
| اڪريل | ڇٽ سالي ٿيل | آرتي | هندوئن جي پوڄا جو طريقو |
| صليب | قاسي جو نشان | مڏيان | منجهند |
| پراڻ ڪال | فجر، پرهہ ڦٽي | سايم ڪال | سانجهي |

# مذهبن ۾ پرهيزگاري، رحمدلي، همدردي ۽ سچائي جو تصور

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- سيني مکيه مذهبن ۾ پرهيزگاري جي وضاحت ڪري سگهندا.
- سمجهي سگهندا ته همدردي سيني مذهبن جو بنياد آهي ۽ هر جاندار سان همدردي جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي.
- ان ڳالهه جو احساس ڪندا ته حد کان وڌيڪ همدردي جو انجام سماجي مسئلن جي صورت ۾ ظاهر ٿي سگهي ٿو.
- ”جيڪي ٻين مٿان رحم ڪن ٿا تن تي رحم ڪيو ويندو.“ جي وضاحت ڪري سگهندا.
- رحم دلي ۽ رحم واري اپيل ۾ فرق بيان ڪري سگهندا.
- سمجهي سگهندا ته صاحب بصيرت بزرگ رحم ۽ رحمدلي جا مجسم آهن.
- ڄاڻي سگهندا ته رحمدلي سزا کي معتدل بنائي ٿي ۽ سيئي مذهب سماج ۾ سچائي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.
- ڄاڻندا ته اُهي قومون يا سماج جيڪي اخلاقي پستي ۽ باطل راهه تي هلن ٿا اُهي تاريخ مان ميسارجي ويا آهن ۽ انهن جو ختم ٿيڻ سندن مقدر آهي.



پرهيزگاري (Piety) جي معنىٰ هي آهي ته مالڪِ حقيقي لاءِ ڪنهن نيڪ ڪم دوران سندس عقيدت ۽ احترام جڏهن ته بري ڪم وقت سندس سزا جو خوف دل ۾ ڌاريو وڃي. هي ڳڻ رکندڙ ماڻهو پنهنجي سوچ، سياءُ ۽ وهنوار ۾ پرهيزگار، سچار، زاهد، نيڪوڪار، خداترس، رحمدل، مهربان، همدرد، خواهشن تي ڪنٽرول رکندڙ، مائٽن جو احترام ڪندڙ، ملڪ ۽ قوم جي لاءِ قرباني ڏيڻ جو جذبو رکندڙ، مالڪِ حقيقي کي هر دم ياد ڪندڙ ۽ هُن جي مخلوق سان محبت ڪندڙ هوندو آهي. دنيا جا سيئي مکيه مذهب

پرهيزگاري جي گڻ کي تمام گهڻي اهميت ڏين ٿا.

اسلام ۾ انسان جي افضل هئڻ جو پيمانو هن جي پرهيزگار هئڻ کي مڃيو ويو آهي. مسيحيت ۾ انهي گڻ کي مالڪِ حقيقي جو هڪ تحفو قرار ڏنو ويو آهي. سناتن ڌرم، ٻڌ ڌرم، جين ڌرم ۽ سک ڌرم ۾ به پاڻ تي ضابطو رکڻ، دان (خيرات) ڪرڻ ۽ ديا (رحم) تي تمام گهڻو زور ڏنو ويو آهي.

انسان هن جهان ۾ خالي هٿين اچي ٿو ۽ خالي هٿين واپس وڃي ٿو. مقدونيا جو بادشاهه سڪندر اعظم دنيا جي وڏن فاتح بادشاهن مان تي گذريو آهي. هن وٽ مال خزانن جي ڪا به کوٽ نه هئي. هزارين سپاهي هن جي هڪ اشاري تي پنهنجي جان قربان ڪرڻ لاءِ تيار هوندا هئا. هو جڏهن پنهنجي حياتي جا آخري پساهه کڻي رهيو هو تڏهن وصيت ڪيائين ته مرڻ کان پوءِ منهنجا هٿ ڪفن کان ٻاهر رکجو ته جيئن دنيا ڏسي ته هيڏو وڏو بادشاهه جڏهن دنيا مان وڃي ٿو ته سندس هٿ خالي هئا. تنهن ڪري جيڪي ماڻهو هن دنيا جي حقيقت سمجهن ٿا ۽ آئيندي جو ادراڪ رکن ٿا. سي هن دنيا کي هڪ مهمان خانو ۽ مالڪِ حقيقي جي مخلوق جي خدمت ڪرڻ ۽ هن کي راضي ڪرڻ جو هنڌ سمجهن ٿا.

**رحمدلي (Mercy) ۽ همدردي (Compassion):** رحمدلي مان مراد هي آهي ته پاڻ ۾ انسان توڙي ٻي مخلوق لاءِ رحم ۽ شفقت جو مادو رکيو وڃي. جڏهن ته همدردي ٻين جي ڏکن ۽ تڪليفن جي احساس رکڻ ۽ انهن جي هر طرح مدد ڪرڻ جو نالو آهي.

سيني مذهبن جو مقصد انسانن جي اخلاقي، روحاني ۽ دنياوي سڌاري سان گڏوگڏ هڪ پُرامن، پُرسڪون ۽ خوشحال معاشري جو قيام آهي. انهي مقصد جي حاصلات لاءِ عام ماڻهن ۾ پرهيزگاري، تقويٰ، سچائي، رحمدلي، همدردي، سهپ، معافي ۽ درگذر، ٻين لاءِ قرباني ڏيڻ، هر ڪنهن جو ڀلو چاهڻ ۽ ڀلا ڪم ڪرڻ وارن جذبن جو هئڻ ضروري هوندو آهي. اِهي ئي جذبا ۽ گُڻ هر مذهب جا بنياد آهن. خاص طور تي همدردي جو گڻ ته سيني مذهبن جو بنيادي سبق آهي. مقدس ڪتابن ۾ ماڻهن کي اها هدايت ڪئي ويئي آهي ته اُهي نه صرف ڏکويل انسانن سان همدردي ڪن، پر ٻي مخلوق يعني جانورن، پکين، جيتن، ۽ آبي حيات تي به ڪهل ڪن ۽ انهن سان همدردي وارو رويو رکن. جو ته مقدس ڪتابن ۾ ان جي برخلاف هلڻ جي منع ڪئي وئي آهي ۽ اعلان ڪيل آهي ته ”جيڪو ٻين تي رحم نه ٿو ڪري ان تي به رحم نه ڪيو ويندو“.

جيتوڻيڪ رحم ۽ همدردي ڪرڻ جي هر مذهب ۾ هدايت ڪئي وئي آهي. پر ساڳئي وقت همدردي ۽ ڀلائي ۾ احتياط ڪرڻ جي به ضرورت هوندي آهي جو ته حد کان وڌيڪ رحم

۽ همدردي ڪرڻ جي صورت ۾ ڪي سماجي مسئلا به پيدا ٿي سگهن ٿا. مثال طور: هڪ ماڻهوءَ کي همدردي ڪري لڳاتار حد کان وڌيڪ ڪجهه ڏبو ته هو ڪجهه وقت کان پوءِ ڪم چور ۽ ڪاهل ٿي پوندو. جيڪڏهن ڪنهن کي حد کان وڌيڪ خيرات ڏبي ته هو ان جو عادي ٿي پوندو ۽ پوءِ هو ڪو به ڪم نه ڪندو ۽ خيرات تي پاڙڻ شروع ڪندو. هڪ چوڻي آهي ته ”جنهن پني کاڌو، ان کان پورهيو ڪرڻ ڪين پڄندو.“

**رحمدلي (Mercy) ۽ رحم (Clemency) ۾ فرق:** رحمدلي مان مراد ڏکايل، غريبن، هيڻن، بيمارن ۽ ضرورتمندن جي ڏکن ۽ تڪليفن جو احساس رکڻ ۽ انهن تي رحم ڪري پنهنجي مال دولت ۽ اختيار سان ڏک درد ڏور ڪرڻ لاءِ عملي طرح ڪجهه ڪرڻ آهي پر Clemency جو مفهوم هي آهي ته ڪنهن ملزم کي سزا ڏيڻ جو فيصلو ڪرڻ ۽ فيصلي تي عمل ڪرڻ مهل جيترو ٿي سگهي، نرمي اختيار ڪرڻ. اهو لفظ ملڪي قانون جي ڪتابن ۾ استعمال ٿئي ٿو. ملڪ ۾ جيڪي موت جا سزا يافته مجرم هوندا آهن. انهن کي قانون موجب صوبي جي گورنر ۽ ملڪ جي صدر کي سزا ۾ تخفيف ڪرڻ يا معاف ڪرڻ جي اپيل (clemency appeal) يعني رحم جي درخواست ڪرڻ جو حق مليل هوندو آهي. اهڙا سزا يافته ماڻهو رحم جون درخواستون ڪندا آهن پوءِ ڪن جون سزائون گهٽ ڪيون وينديون آهن ۽ ڪن کي معاف ڪيو ويندو آهي ۽ ڪن جون سزائون برقرار رکيون به وينديون آهن.

تاريخ جو اڀياس ڪندڙ استادن ۽ ماهرن جو چوڻ آهي ته تاريخ پنهنجو پاڻ کي ورجائيندي رهندي آهي، جنهن ملڪ، قوم يا سماج جا ماڻهو بد پرهيزگاري ۽ اخلاقي طور پستي جي ڏٻڻ ۾ ڪري پوندا آهن ته اهي تباهه ۽ برباد ٿي ويندا آهن ۽ اهي پنهنجو وجود به وڃائي ويهندا آهن. تنهن ڪري اسان کي تاريخ مان سبق سِکڻ گهرجي ۽ پنهنجي سماج ۽ ملڪ ۾ موجود جيڪي سچار، پرهيزگار، نيڪوڪار، بصيرت وارا ۽ اعليٰ اخلاقي قدرن جا مجسم هجن تن کي پنهنجو رول ماڊل بنائڻ گهرجي ۽ انهن جي اعليٰ گڻن کي اپنائڻ گهرجي.

## هن سبق مان معلوم ٿيو ته:

پرهيزگاري (Piety) جي معنيٰ هي آهي ته مالڪِ حقيقي لاءِ هي گڻ رکندڙ ماڻهو پنهنجي سوچ، سڀاءُ ۽ وهنوار ۾ پرهيزگار، سچائي، زاهد، نيڪو ڪار، خدا ترس، رحمدل، مهربان، همدرد، خواهشن تي ڪنٽرول رکندڙ، مائٽن جو احترام ڪندڙ، ملڪ ۽ قوم جي لاءِ قرباني ڏيڻ جو جذبو رکندڙ، مالڪِ حقيقي کي هر دم ياد ڪندڙ ۽ هُن جي مخلوق سان محبت

ڪندڙ هوندو آهي. دنيا جا سڀئي مکيه مذهب پرهيزگاري جي گڻ کي تمام گهڻي اهميت ڏين ٿا. بادشاهه سڪندر اعظم وصيت ڪئي ته مرڻ کان پوءِ منهنجا هٿ ڪفن کان ٻاهر رکجو ته جيئن دنيا ڏسي ته هيڏو وڏو بادشاهه جڏهن دنيا مان وڃي ٿو ته سندس هٿ خالي هئا. جنهن ملڪ، قوم يا سماج جا ماڻهو بد پرهيزگاري ۽ اخلاقي طور پستي جي ڏٻڻ ۾ ڪري پوندا آهن ته اهي تباهه ۽ برباد ٿي ويندا آهن. اسان کي تاريخ مان سبق سکڻ گهرجي ۽ پنهنجي سماج ۽ ملڪ ۾ موجود جيڪي انسان سچائي، پرهيزگار، نيڪو ڪار، بصيرت جا صاحب ۽ اعلىٰ اخلاقي قدرن جا مجسم هجن تن کي پنهنجو رول ماڊل بنائڻ گهرجي ۽ انهن جي اعلىٰ گڻن کي اپنائڻ گهرجي.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. پرهيزگاري ڇا آهي؟
2. سڪندر اعظم ڪهڙي وصيت ڪئي؟
3. رحم جي اپيل جو مقصد ڇا آهي؟
4. همدردي بابت مذهبن جو ڪهڙو تصور آهي؟

**(ب) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. پرهيزگاري جي معنىٰ ۽ مفهوم تفصيل سان بيان ڪريو.
2. رحم دلي جو مطلب واضح ڪري لکو.
3. همدردي جا فائدا ۽ نقصان لکو.

**(ج) صحيح جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو.**

1. مالڪِ حقيقي لاءِ هر عمل ۾ عقيدت ۽ احترام توڙي نافرماني کان خوف رکڻ جو نالو آهي:

(الف) پرهيزگاري (ب) همدردي
(ج) رحم دلي (د) بردباري

2. جيڪو ٻين تي رحم نه ٿو ڪري ان تي:

(الف) رحم ڪيو ويندو (ب) رحم نه ڪيو ويندو
(ج) آساني ڪئي ويندي (د) ڏکيائي ڪئي ويندي

3. حد کان وڌيڪ همدردي ڪرڻ سبب:

(الف) فائدا ٿيندا　　(ب) نقصان ٿيندا

(ج) مسئلا ٿيندا　　(د) ترقي ٿيندي

4. ٻين جي ڏکن ۽ تڪليفن جي احساس جو نالو آهي:

(الف) ديانت داري　　(ب) سچائي

(ج) خوبصورتي　　(د) همدردي

5. موت جي سزا معاف ڪرائڻ لاءِ درخواست کي سڏبو آهي:

(الف) عرض نامو　　(ب) دعوت نامو

(ج) رحم جي اپيل　　(د) درخواست

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون هينين اصطلاحن جي تصور کي واضح ڪن.

- پرهيزگاري (Piety): ..................
- همدردي (Compassion): ..................
- ڪھل (Mercy): ..................
- رحم جي اپيل (Clemency): ..................

## استادن لاءِ هدايتون

دنيا جي مکيہ مذهبن ۾ پرهيزگاري، رحمدلي ۽ سچائي بابت شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ريسرچ ورڪ ڏنو وڃي، جنهن ۾ انٽرنيٽ جي مدد سان هر مذهب ۾ انهن گڻن جو تعارف پيش ڪيو وڃي.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| پرهيزگار | مالڪ جو حڪم مڃيندڙ | آب حيات | امرت، حياتيءَ جو پاڻي |
| پيمانو | ماپو، اصول | پستي | هيٺائين تنزل |
| پساهه | ساهه، دم | ڏبڻ | پاڻيائي گپ، چڪڻ |
| وصيت | ملڪيت بابت هدايت | مجسم | صورت وند، پتلو |
| تخفيف | هلڪائي، نرمي | لاچار | بي وس |
| لڳاتار | مسلسل | باطل | ناحق، ڪوڙ |
| پاڙڻ | پورو ڪرڻ | بصيرت | اندر جو سوجهرو |
| معتدل | وچٿرو | | |

# احتساب ۽ انساني ڪردار تي ان جو اثر

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن لائق ٿيندا تہ اهي:

- احتساب جي ضرورت بيان ڪري سگهندا
- ڄاڻي سگهندا تہ مالڪِ حقيقي جي فرمان مطابق هر انسان پنهنجي عملن جو پاڻ ذميوار آهي.
- اُن ڳالهہ کي سمجهي سگهندا تہ هڪ ماڻهو کي پنهنجي ڪيل ڪمن جي ذميواري کڻڻ لاءِ وڏي همت ۽ مضبوط ڪردار جي ضرورت هوندي آهي.
- ڪردار جي امتيازي خاصيتن جي وضاحت ڪري سگهندا.
- اها ڳالهہ محسوس ڪري سگهندا تہ احتساب ذاتي فطري نموني وڪ وڏائڻ جي ڪري اختيارن جو منصفاڻو استعمال ۽ ذميوارين کي ايمانداري ۽ بي ڊپائي سان ادا ڪرڻ ممڪن ٿي وڃي ٿو.

**لفظ احتساب** (Accountability) جي معنيٰ، ذميواري جي جوابدهي آهي جنهن جو مفهوم هي آهي تہ ماڻهو پاڻ کي مليل ذميواري ۽ ڪيل عمل جي جوابداري قبول ڪري ۽ جڏهن اعليٰ اختياري يا نگران ادارو ڪنهن ملازم کان سونپيل ڪم متعلق معلوم ڪرڻ چاهي تہ هو ان کي پنهنجو فرض سمجهي وضاحت پيش ڪري تہ هن مليل ذميواري کي ڪيئن سرانجام ڏنو. ان تي جيڪو خرچ پکو ٿيو، ان جو حساب ڏئي ۽ بيان ڪري تہ هن ڳهربل نتيجا ڪيتري حد تائين حاصل ڪيا آهن.



دنيا ۾ قدرت طرفان انسان کي ڪيترين ئي نعمتون عطا ٿيل آهن ۽ سماج بہ هن کي ڪيئي سهولتون فراهم ڪري ٿو. ملڪ طرفان بہ هن کي ڪيئي حق حاصل آهن جن کي هو پنهنجي روز مره جي زندگي ۾ استعمال ڪري ٿو. حقن سان گڏ فرضن جو هئڻ بہ لازمي ڳالهہ آهي. هر ماڻهو پنهنجي فرض ادائي لاءِ هن جهان ۾ پنهنجي اداري يا سماج اڳيان جوابده آهي. دنيا جي سيني وڏن مذهبن جي مقدس ڪتابن موجب هر انسان پنهنجي زندگي دوران ڪيل ڪمن يا عملن لاءِ پاڻ جوابدار آهي ۽ مرڻ پڄاڻان مالڪِ حقيقي طرفان سندس عملن جو پڇاڻو يا احتساب ضرور ٿيڻو آهي. تنهن ڪري هر انسان کي پنهنجي ڪيل عملن جي

جوابدهي لاءِ تيار رهڻ گهرجي.

**احتساب جي ضرورت:** احتساب جي ضرورت انهي ڪري هوندي آهي جو ماڻهو ذميواري جو احساس ڪندي پنهنجي حوالي ڪيل ذميواري کي دل ۽ جان سان پورو ڪري ٿو. وقت ۽ حالتن جي ضرورت مطابق مناسب فيصلا ڪري ٿو ۽ ڪاميابي سان پنهنجين ڪوشش کي گهربل نتيجن ۾ بدلائي ٿو. جنهن سان اداري جا سڀئي ملازم نندي کان وٺي سربراه تائين مقرر ڪيل ٽارگيٽ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪن ٿا. ملازمن ۾ خود اعتمادي پيدا ٿئي ٿي ۽ انهن جي اهليت ۾ اضافو ٿئي ٿو. اهڙي شعور ۽ گهربل نتيجن جي حاصل ٿي وڃڻ ڪري ملازم ۽ سندس اداري جي سٺي ساک قائم ٿي وڃي ٿي.

انهي ڳالهه ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته هڪ ماڻهو کي پنهنجن عملن ۽ فرضن جي ادائي جي احتساب لاءِ هر دم تيار رهڻ لاءِ وڏي همت ۽ مضبوط ڪردار جي ضرورت هوندي آهي. جڏهن هو پنهنجن عملن جي ذميواري قبول ڪري ٿو ۽ پنهنجو پاڻ کي احتساب لاءِ پيش ڪري ٿو ته سندس همت ۽ مضبوط ڪردار، هن جي شخصيت جي هڪ امتيازي سڃاڻپ ٿي وڃن ٿا. اهڙو ملازم ٻين ملازمن جي لاءِ مثال بڻجي وڃي ٿو. سندس احتساب لاءِ اهڙي فطري ۽ شعوري لاڙي جو نتيجو اهو نڪري ٿو جو هو پنهنجي فرض ادائي ۾ وڌيڪ ديانتدار ٿي وڃي ٿو ۽ ٻي ڊپو بڻجي، فيصلن ڪرڻ ۾ ڪنهن جو به دٻاءُ قبول نٿو ڪري ۽ پنهنجي طاقت ۽ اختيار جو منصفاڻو استعمال ڪرڻ لڳي ٿو.

**خود احتسابي:** ڪامياب ماڻهن جو اهو آزمايل نفسياتي نسخو آهي ته ماڻهو روز رات جو سمهڻ کان اڳ ۾ پنهنجي پوري ڏينهن جي ڪمن ڪارين، عادتن ۽ روين جو ليکو ۽ تجزيو ڪري ته هن پوري ڏينهن دوران ڪهڙا چڱا ڪم ڪيا ۽ ڪهڙا خراب ڪم هن کان سر زد ٿيا. هن جو ٻين ماڻهن سان رويو ڪيئن رهيو ۽ ڪهڙين عادتن جي ڪري ڪيس شرمندگي محسوس ڪرڻي پئي. چڱن ڪمن ڪرڻ تي پاڻ کي شاباس ڏئي. خراب روين لاءِ پنهنجي دل ۾ پڇتاءُ ڪري ۽ انهن کي سڌارڻ لاءِ پنهنجي ذهن کي تيار ڪري ۽ روين ۾ تبديلي آڻي تنهن کان پوءِ مالڪِ حقيقي جو نالو وٺي سمهي رهي. روزانو ائين ڪرڻ سان هن جون خراب عادتون ۽ اڻوڻندڙ رويا گهٽ ٿيندا ويندا ۽ هڪ ڏينهن اهي بلڪل ختم ٿي ويندا. اهڙي طرح خود احتسابي واري عمل کي پنهنجو معمول بنائڻ سان هو هڪ ڪامياب ۽ بهترين شخصيت جو مالڪ بڻجي ويندو.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

هڪ انسان جو پنهنجي ذات ۽ مليل ذميواري بابت پاڻ ۾ جواب داري قبول ڪرڻ جي احساس جو نالو ”احتساب“ آهي. احتساب جي ان ڪري بيحد اهميت آهي جو ماڻهو احتساب جي خوف کان پنهنجي ذميواري کي عدل سان سرانجام ڏئي ٿو ۽ ان جي پورائي ۾ جدوجهد ڪري ٿو. جهڙي طرح دنيا ۾ مليل ذميواري جي احتساب جي ضرورت آهي اهڙي طرح انسان لاءِ پنهنجي پاڻ کان مالڪِ حقيقي جي حڪمن پوري ڪرڻ بابت بہ احتساب ڪرڻ جي ضرورت آهي. انهن ٻنهي طريقن سان هڪ انسان پنهنجي ذات ۽ سماج ۾ بهتري آڻي سگهي ٿو.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. احتساب جي تعريف بيان ڪريو.
2. خود احتسابي ڇا آهي؟
3. احتساب جا ڪي بہ پنج فائدا بيان ڪريو؟
4. احتساب جو اختيار ڪنهن کي آهي؟
5. ڇا گهر جو اڳواڻ احتساب ڪري سگهي ٿو؟

(ب) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:

1. سماج ۾ احتساب ڇو ضروري آهي؟
2. احتساب بابت مذهبن جي ڪردار جي وضاحت ڪريو.

(ج) صحيح جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو.

1. احتساب جي معنيٰ آهي:

(الف) جواب داري رکڻ　　(ب) حساب وٺڻ

(ج) احساس ذميواري رکڻ　　(د) اهي سڀ

2. عملدارن کان احتساب جو اختيار حاصل آهي:

(الف) حڪومت کي　　(ب) اعليٰ اختيارين کي

(ج) نگران ۽ سربراهہ کي　　(د) اهي سڀ

3. احتساب جي ڪري ماڻهو مليل ذميواري پوري ڪري ٿو:

(الف) دل ۽ جان سان　　(ب) ايمان داري سان

(ج) نڪيءَ سان　　(د) بد عنواني سان

4. ڪامياب ماڻهن جو نسخو آهي ته رات جو سمهڻ کان اڳ پنهنجو:

(الف) ڪاڏو ڪائو (ب) ڪم پورو ڪريو

(ج) احتساب ڪريو (د) بسترو صاف ڪريو

5. خود احتسابي ٿيندي آهي:

(الف) پاڻ کان (ب) دوست کان

(ج) نگران کان (د) ملازم کان

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي**

احتساب ۽ خود احتسابي جو مطلب بيان ڪرڻ کان بعد شاگرد ۽ شاگردياڻيون مختلف شعبن بابت احتساب ۽ خود احتسابي جا ڪي مثال لکي پنهنجي استاد کي پيش ڪن.

**استادن لاءِ هدايتون**

احتساب جو مفهوم ذهن نشين ڪرائڻ لاءِ ٻارن کي سادو گهريلو ماحول جو مثال پيش ڪري سمجهائي ڏني وڃي. جنهن ۾ پيءُ پنهنجي وڏي پٽ کي گهر جي ماهوار خرچ پکي هلائڻ جي ذميواري ڏئي ٿو.

| نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ | | | |
|---|---|---|---|
| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
| منصفاڻو | عدل ۽ انصاف وارو | لاڙو | جهڪاءُ، لُڙڻ |
| جواب دهي | جواب ڏيڻ | نسخو | ترڪيب، ٽوٽڪو |
| اعلیٰ اختياري | وڏي عهدي وارو | دٻاءُ | بوجهه، سختي |
| جواب ده | جواب ڏيندڙ | پورائو | پورت، تڪميل |
| احتساب | جاچ سنڀال | بد عنواني | ٺڳي، رشوت گيري |
| ساک | اعتبار، ويساهه | عدل | انصاف |

## مذهبي اعتبار سان وقت ۽ ان جي پابندي جي اهميت

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- ٻڌائي سگهندا ته سيئي مذهب عبادتن جا مقرر وقت، وقت جي پابندي جي اهميت ٻڌائن ٿا.
- علمِ فلڪيات سان تعلق رکندڙ مسئلن ۽ فيصلن وقت صحيح وقت جي اهميت جو احساس ڪري سگهندا.




تارن ۽ گرهن جي اڀياس کي فلڪيات جو علم (Astronomy) سڏبو آهي. هن ڪائنات ۾ جيڪي گرهه، اُپگرهه ۽ تارا آهن، انهن جي گردش ۽ بيهڪ جو اسان جي ڌرتي تي جيڪو طبعي ۽ انساني معاملن ۾ اثر ٿئي ٿو. انهي جو تفصيل وار مطالعو علم فلڪيات جي دائري ۾ اچي ٿو.

مالڪِ حقيقي پوري ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ آهي. انسان کي سندس جوڙيل جهان جي مڪمل ڄاڻ نه آهي. چاڪاڻ ته اسان جي نظام شمسي جهڙيون ٻيون به ڪيترين ئي ڪائناتون وجود رکندڙ آهن. علم فلڪيات جا هزارين ماهر ۽ خلائي سائنسدان مالڪِ حقيقي جي عطا ڪيل عقل ۽ ڄاڻ سان انهن جي بابت کوجنا ۾ مصروف آهن. هن وقت تائين انسان ڌرتي جي اُپگرهه چنڊ تي قدم رکي چڪو آهي ۽ هاڻي مريخ ۽ ٻين گرهن تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

نظام شمسي ۾ شامل سڀ گرهه سج جي چوڌاري پنهنجي پنهنجي محور تي ۽ هڪ ٻئي جي چؤڦير ڦرن پيا ۽ هڪٻئي کي ڇڪين به پيا. انهن جي گردش ۽ ڇڪ جو پيمانو ۽ قوت اهڙي ته ڪمال ڪاريگريءَ سان مقرر ٿيل آهي جو ڪڏهن به انهن جي وچ ۾ ڪو ٽڪراءُ نه ٿو ٿئي. انهن جي گردش جي رفتار ۾ جيڪڏهن هڪ سيڪنڊ جيترو به فرق ٿي وڃي ته هوند سڄي نظام ۾ هڪ وڏو ڀونچال اچي وڃي، پر قدرت واري پنهنجي قدرت سان انهن سڀني جي ڇُر پر جي وقت، ڪشش ۽ محور ۾ اهڙو ته توازن رکيو آهي جو فلڪيات جا ماهر ۽ سائنسدان سو سال جي عرصي تائين ٿيندڙ چنڊ گرهڻ، سج گرهڻ يا پڇڙ تاري جي ظاهر ٿيڻ جو بلڪل صحيح وقت، تاريخ ۽ سال ٻڌائي سگهن ٿا.

ڌرتي جي گردش ٻن قسمن جي آهي. هڪ روزاني گردش، ٻيو ساليانو گردش. روزانو واري گردش ۾ ڌرتي پنهنجي مرڪز جي چوڌاري لاٽون وانگر ڦري ٿي. ڌرتي اها گردش چوويهن ڪلاڪن ۾ پوري ڪري ٿي ۽ ان جي نتيجي ۾ ڏينهن ۽ رات ٿين ٿا.

سال واري گردش ۾ ڌرتي پنهنجي محور تي سج جي چوڌاري ڦري ٿي. ڌرتي جي اها گردش ٽي سو پنجهٺ ڏينهن يا هڪ سال ۾ پوري ٿئي ٿي. انهي گردش جي نتيجي ۾ موسمون تبديل ٿين ٿيون ۽ فصل پچن ٿا.

ڌرتي جيئن تہ نظام شمسي جو حصو آهي، تنهن ڪري هن جي گردش ۽ ٻين گرهن جي چُرپُر جا اثر ڌرتي ۽ ان تي آباد انسان جي ذاتي ۽ اجتماعي زندگي تي پون ٿا. مذهبن جو، علم فلڪيات سان لاڳاپو تمام پراڻو آهي. علم فلڪيات جي اعتبار سان پراڻن مذهبن ۾ ريتن رسمن پوڄا پاٺ يا عبادت جي طريقن ۾ وڏو فرق ضرور آهي پر عبادت جي وقتن ۽ وقت جي پابندي جي وڏي اهميت آهي. اسلامي ڪيلينڊر چنڊ جي گردش مطابق ٺهيل آهي. روزو رکڻ ۽ افطار ڪرڻ، نماز پڙهڻ، عيد ملهائڻ ۽ حج ڪرڻ جا وقت قمري ڪيلينڊر جي روشني ۾ مقرر ٿيل آهن. انهن جي ادائي ۾ وقت جي پابندي ڪي بہ خاص اهميت ڏني ويندي آهي. مسيحيت ۽ يهوديت ۾ بہ عبادتن جا وقت مقرر هوندا آهن. خاص طرح سان آچر جو ڏينهن عبادت لاءِ مقرر آهي.

هندو ازم ۾ پوڄا پاٺ ۽ تهوار ملهائڻ ۽ ورت رکڻ جا وقت هندو ڪيلينڊر مطابق مقرر آهن. انهي ڪان سواءِ شادي، جنم مرڻ، نئين جڳهه اڏڻ يا ان ۾ رهائش شروع ڪرڻ، دڪان يا ڪارخانو کولڻ، سفر ڪرڻ يا ٻيو ڪم شروع ڪرڻ جا فيصلا علمِ فلڪيات جي هڪ شاخ جوتش جي جنتري ٽيپڻي مطابق ڪيا ويندا آهن. انهن ۾ بيان ڪيل گهڙيءَ پل جي پابندي جو خاص خيال رکيو ويندو آهي. ٻڌ ڌرم، جين ڌرم ۽ سک ڌرم ۾ بہ پوڄا پاٺ، ورت ۽ تهوار ملهائڻ جا وقت ۽ تاريخون علم فلڪيات جي روشني ۾ مقرر ٿيل آهن.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

تارن ۽ گرهن جي اڀياس کي فلڪيات جو علم (Astronomy) سڏبو آهي. علم فلڪيات جا هزارين ماهر ۽ خلائي سائنسدان مالڪِ حقيقي جي عطا ڪيل عقل ۽ ڄاڻ سان انهن جي باري ۾ کوجنا ۾ مصروف آهن. مذهبن جو علم فلڪيات سان لاڳاپو تمام پراڻو آهي. علم فلڪيات جي اعتبار سان پراڻن مذهبن ۾ ريتن رسمن، پوڄا پاٺ يا عبادت جي طريقن ۾ وڏو فرق ضرور آهي پر عبادت جي وقتن ۽ وقت جي پابندي جي وڏي اهميت آهي.

اسلام ۾ روزو، افطار، نماز، حج ۽ عيد ڪرڻ جا وقت علمِ فلڪيات جي روشني ۾ مقرر ٿيل آهن. مسيحيت ۽ يهوديت ۾ عبادتن جا وقت ۽ مذهبي تهوارن جون تاريخون علمِ فلڪيات مطابق آهن. هندو ازم ۾ پوڄا پاٺ ۽ تهوار ملهائڻ ۽ ورت رکڻ جا وقت، شادي، جنم، مرڻ ۽ ٻيا ڪم شروع ڪرڻ جا فيصلا علمِ فلڪيات مطابق ڪيا ويندا آهن. ٻڌ ڌرم، جين ڌرم ۽ سک ڌرم ۾ به پوڄا پاٺ، ورت ۽ تهوار ملهائڻ جا وقت ۽ تاريخون به علمِ فلڪيات جي روشني ۾ مقرر ٿيل آهن. تنهن ڪري انهن مذهبن ۾ وقت جي پابندي جي وڏي اهميت آهي.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. علمِ فلڪيات ڇا آهي؟
2. عيسوي، هجري ۽ هندو ڪيلينڊر ۾ ڇا فرق آهي؟
3. موسم، چنڊ يا سج گرهڻ جي اڳوات خبر ڪيئن پوندي آهي؟
4. اوهان جي خيال ۾ وقت جي پابندي ڪهڙي ريت ڪرڻ گهرجي؟

**(ب) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. وقت ۽ تاريخ معلوم ڪرڻ جا فطري طريقا ڪهڙا آهن؟
2. مکيہ مذهبن جي حوالي سان وقت جي اهميت واضح ڪريو.

**(ج) صحيح جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو.**

1. تارن ۽ گرهن جي اڀياس کي سڏبو آهي:

(الف) ڪائنات (ب) فلڪيات
(ج) سائنس (د) ڪهڪشان

2. زمين جي پنهنجي چوڌاري ڦيري ڏيڻ سان جڙن ٿا:

(الف) جبل (ب) وڻ ٽڻ
(ج) سال مهينا (د) رات ڏينهن

3. سج جي چوڌاري زمين جي محوري گردش مڪمل ٿئي ٿي:

(الف) 365 ڏينهن ۾ (ب) هڪ سال ۾
(ج) 12 مهينن ۾ (د) اهي سڀ

.4 نمازن، روزن ۽ عيد برات ملهائڻ ۾ اعتبار هوندو آهي:

(الف) چنڊ جو (ب) سج جو

(ج) زمين جو (د) آسمان جو

.5 زمين هڪ قسم جو آهي:

(الف) تارو (ب) گرهه

(ج) اپگرهه (د) ڪهڪشان

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي**

شاگرد ۽ شاگردياڻيون هيٺ ڏنل منصوبن جي معلومات گڏ ڪري استاد کي پيش ڪن.

| گروپ | منصوبو |
|---|---|
| A | شمسي اعتبار سان ڪيا ويندڙ ڪم ۽ انهن جي فهرست |
| B | قمري تاريخ مطابق ڪيا ويندڙ ڪم ۽ انهن جي فهرست |

**استادن لاءِ هدايتون**

دنيا جي مشهور شخصيتن جي سوانح عمرين مان سندن ڪامياب زندگي ۽ تجربن کي وقت جي پابنديءَ سان سلهاڙي سکڻجي تو. ان بابت شاگردن ۽ شاگردياڻين کي آگاهي ڏني وڃي.

نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| گرهه | سيارو، فلڪي | افطار ڪرڻ | روزو کولڻ |
| اپ گرهه | ننڍو سيارو | حج ڪرڻ | ڪعبة الله جي زيارت ڪرڻ |
| گردش | ڦيرو ڏيڻ | ڪشش | ڇڪ، جهڪاءُ |
| کوجنا | تحقيق، جاکوڙ | جوتش | تارن جو علم، علم نجوم |
| قمري | چنڊ سان تعلق رکندڙ | ٽيپڻي | سمجهاڻي، جنتري |
| محور | مدار | تهوار | ڏڻ |
| پونچاڻ | زلزلو | پڇڙ تارو | جنهن جي روشني پڇ وانگر هجي |

# سماجي آداب

## تدريسي معيار

هن باب پڙهڻ کان پوءِ شاگردن ۽ شاگرديائڻين مان اميد ڪجي ٿي ته اهي:

- هر صورت حال ۾ ان جي مناسب آدابن جو خيال رکندا.
- احساس ڪندا ته آدابن کي صرف ياد ڪرڻو ناهي بلڪ انهن کي پنهنجي زندگي جو اٽوٽ حصو بڻائڻو آهي.
- اها پرک ڪري سگهندا ته ڏيکاءُ طور آدابن جو مظاهرو ڪرڻ هڪ خالي دعوىٰ برابر آهي.
- احساس ڪندا ته بس، ريل ۽ جهاز جي سفر جي مناسب آدابن جو خيال رکڻ سان ماڻهوءَ ۾ اعتماد وڌي ٿو.

سماجي آداب (Etiquettes) مان مراد سماج ۾ بهتر تعلق پيدا ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيل اهي آداب، اصول، قاعدا، رويا ۽ اخلاقي طور طريقا آهن. جن تي سماجي زندگي ۾ هلت چلت، هڪ ٻئي سان ميل جول، ڳالهه ٻولهه، گڏجاڻين، مذهبي جاين، ڪاروبار، آفيسن، بَسن، ريل گاڏين يا هوائي جهازن جي سفر دوران عمل ڪرڻ ضروري هوندو آهي. انهي سان ماحول خوشگوار ٿيندو آهي. هر ڪو خوشي محسوس ڪندو آهي. ڪم ڪار ۾ سهولت ٿيندي آهي. هڪ ٻئي تي اعتبار، اعتماد ۽ احترام ۾ اضافو ٿيندو آهي ۽ ماڻهو قوم ۽ ملڪ ۾ مهذب شمار ٿيندو آهي.

هن باب ۾ ”آداب“، ”عبادت گاهن جا آداب“، ”دفتر ۽ بينڪ جا آداب“، ”بس اسٽينڊ، ريلوي اسٽيشن ۽ هوائي اڏي جا آداب“ سان گڏ ”مارڪيٽ جا آداب“ متعلق سبق شامل ڪيا ويا آهن.

# آداب

سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن لائق ٿيندا ته اهي:
- مناسب آدابن جي بنياد جي وضاحت ڪري سگهندا.
- وضاحت ڪري سگهندا ته هر ماڻهو کي آدابن جي ڏهن اصولن جي ڄاڻ هئڻ گهرجي.
- سماجي آدابن جي ضرورت بيان ڪري سگهندا.
- وضاحت ڪندا ته مکيه مذهبن جي "سنهري اصول" جو نقط نظر ڪهڙو آهي.



ٻين جي جذبن جو خيال، باهمي عزت ۽ همدردي، سماجي ادبن ۽ طور طريقن جا بنياد آهن. جيڪي هلڻ چلڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ زندگي جي ڪاروهنوار کي بهتر ۽ خوبصورت بڻائين ٿا. سنا آداب ۽ طور طريقا سماج جي سونهن، ناماچاري، ترقي ۽ خوشحالي جي اضافي لاءِ بنياد مهيا ڪن ٿا. تنهن ڪري انهن تي روزمره جي زندگي ۾ عمل ڪرڻ ضروري آهي. سماج جي آداب جا بنيادي ڏهه اصول هيٺ ڏجن ٿا جن جي هر ڪنهن کي خبر هئڻ گهرجي.

1. **مهربان (Please) ۽ مهرباني (Thank You) چوڻ:** جڏهن اوهان ڪنهن سان ملو ٿا ۽ هن جو توجهه ۽ دلچسپي حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا ته هن سان مهربان (Please) ڪري مخاطب ٿيو يا مهرباني ڪري مونکي معاف ڪجو (Please excuse me) چئو. جڏهن هو اوهان جي ڳالهه ڌيان ۽ دلچسپي سان ٻڌي، اوهان جي مدد ڪري يا اوهان جو ڪم ڪري ته اوهان خلوص ۽ دل جي گهرائيءَ سان هن جو ٿورو مڃو ۽ ڪيس اوهان جي مهرباني (Thank You) چئو. جيڪڏهن ڪير اوهان کي ٿينڪ يو (Thank You) چئي ته اوهان موٽ ۾ اوهان کي ڀليڪار (You are welcome) چئو. اوهان کان ڪڏهن ڪا غلطي ٿئي ته اها مڃو ۽ معاف ڪجو (Sorry) چئو.

2. **پنهنجو تعارف ڪرائڻ:** اوهان جنهن ماڻهو سان ملو ٿا، لازمي ناهي ته ان کي اوهان جو پورو نالو ايندو هجي. اڪثر ماڻهو سامهون واري ملندڙ ماڻهو جو نالو وساري ڇڏيندا آهن

۽ انهن کي ٿوري پريشاني محسوس ٿيندي آهي تنهن ڪري اوهان پنهنجو پورو نالو ڪڻي تعارف ڪرايو ۽ پوءِ هٿ ملايو. سامهون مخاطب جو به پورو نالو وٺڻ گهرجي ۽ پنيان صاحب يا صاحبه لڳائڻ گهرجي. ميٽنگ ۾ به هر ڪنهن کي پنهنجو پورو نالو ڪڻي، مختصر تعارف ڪرائڻ گهرجي.

3. **مناسب طريقي سان هٿ ملائڻ:** هر ڪنهن سان گرم جوشيءَ سان هٿ ملايو ۽ ان جي اکين ۾ نهاريندي پليڪار وارا لفظ چئو. هٿ کي حد کان وڌيڪ زور نه ڏيو، جنهن سان ان کي تڪليف پهچي. پر جيڪڏهن ڪنهن کي هٿ ملائڻ ڏکيو لڳي يا هو هٿ ملائڻ نه چاهي ته ڪيس پري کان ڪيڪارجي.

4. **هلت چلت نيڪ رکڻ:** پنهنجو هلڻ چلڻ نيڪ ۽ پروقار رکو. ڪرسي يا ڊيسڪ تي ٽنگ تي ٽنگ چاڙهي نه ويهو. قطار ۾ بيهو ۽ پنهنجي واري جو انتظار ڪريو. پنهنجي ڊريس جو خاص خيال رکو جهڙو موقعو يا تقريب هجي ان جي مناسبت سان ڪپڙا پايو. وڏي عمر وارن، عورتن، معذورن کي اٿي بيهي پنهنجي سيٽ پيش ڪريو. ڪنهن جي اڳيان نه لنگهو ۽ نه ئي ڪنگهو يا ڇڪ ڏيو. ڪنهن وبا دوران پنهنجي منهن تي ماسڪ پايو ۽ ڪنگهڻ يا ڇڪ ڏيڻ مهل پنهنجي نونٽ کي پنهنجي وات سامهون رکو.

5. **ٻين جي لاءِ دروازو کولي جهلي بيهڻ:** ايندڙ ماڻهن جي لاءِ دروازو کولي ڏيو. انهيءَ ۾ عمر، جنس جو فرق نه رکو. ڪنهن پوڙهي، ٻي وس ۽ ٻار واري ماڻهو کي ايندي ڏسو ته ڪيس دروازي مان لنگهڻ ۾ مدد ڪريو. اهو سٺي اخلاق جو اهڃاڻ آهي. جيڪڏهن ڪو ٻيو ماڻهو اوهان جي لاءِ دروازو جهلي بيٺو آهي ته ان کي مهرباني چئو.

6. **وقت جي پابندي ڪرڻ:** پنهنجي ۽ ٻين جي وقت جي قدر ۽ قيمت جو احساس رکو. توهان جو ڪنهن سان ملڻ جلڻ لاءِ وقت مقرر هجي ته انهيءَ تي پهچو. ڪنهن مجبوريءَ ڪري دير ٿيڻ جي صورت ۾ فون ڪال ڪري ڪيس مطلع ڪريو. تقريب ۾ ڪنهن کي پنهنجو انتظار نه ڪرايو ۽ نه گهڻو اڳ ۾ پهچو.

7. **ٻئي جي ڳالهه ڌيان ۽ احترام سان ٻڌڻ:** پهرئين ٻئي جي ڳالهه توجهه سان ٻڌو ۽ پوءِ ڪيس جواب ڏيو. تميز، اخلاق ۽ احترام کي هر حالت ۾ قائم رکو. وڏي آواز ۾ نه بلڪ نرمي سان ڳالهايو. ٻئي جي ڳالهه وچ ۾ نه ڪاٽيو. جيڪڏهن متفق نه آهيو ته به پاڻ تي ڪنٽرول رکو ۽ واري اچڻ تي نرمي ۽ ادب سان پنهنجي خيالن جو اظهار ڪريو. اجائي ڳالهه، پر پٺ گلا، گندگار ۽ چرچي هٽڻ کان پاسو ڪريو.

8. **موبائيل فون جي استعمال ۾ ادب جو خيال رکڻ:** آفيس، تقريب يا قطار ۾ پنهنجو موبائيل فون بند رکو يا سائيلنٽ موڊ (Silent Mode) تي رکو. عام حالت ۾ رنگ ٽون (Ringtone) وٽندڙ ۽ ننڍي آواز واري رکو. ضروري ڪال جي صورت ۾ Sorry چئي ٿورو پاسي تي وڃي آهستہ آواز ۾ ڳالهايو.

9. **تڪليف ۾ مبتلا ماڻهن جي مدد ڪرڻ:** ڪنهن کي ڪنهن بہ قسم جي مشڪل کان آزاد ٿيڻ جي جدوجهد ڪندي ڏسو تہ يڪدم ان جي مدد ڪريو. روڊ تي حادثي جي صورت ۾ زخمي ٿيل ماڻهن جي هر طرح مدد ڪريو. ڪنهن جاءِ تي باهہ لڳي يا جاءِ ڪري پئي تہ قاتل ماڻهن کي ٻاهر ڪڍڻ ۽ باهہ وسائڻ ۽ ملبو هٽائڻ وغيره وارن ڪمن ۾ حصو وٺو ۽ انهن سان هٿ ونڊرايو.

10. **هر جڳهہ صفائي سترائي جو خاص خيال رکڻ:** پنهنجي گهر، اسڪول، آفيس، تقريب، دعوت ۾ يا سير تفريح دوران کائڻ پيئڻ کان پوءِ هيڏانهن هوڏانهن پکڙيل ڪِن ڪچري، پلاسٽڪ جي ٿيلهي، ڪنهن ڊسٽ بن ۾ اڇلايو. شيشيءِ جون بوتلون ۽ ٽن ڊبا وغيره الڳ الڳ ردي جي ٽوڪرين ۾ اڇلايو.

**سماجي ادبن جي ضرورت:** هن دنيا کي رهڻ جو سنو هنڌ بنائڻ لاءِ سماجي ادبن جي تمام گهڻي ضرورت آهي. سماجي ادبن تي عمل ڪرڻ سان هر ڪنهن جي شخصيت جي سونهن، وقار ۽ عزت ۾ اضافو ٿئي ٿو. سندس ناموس کي چار چنڊ لڳي وڃن ٿا. روزمره جي ڪاروهنوار ۾ آساني ۽ سهولت پيدا ٿئي ٿي. ادارن ۽ آفيسن ۾ ڪم ڪندڙن کي سڪون، چاهہ ۽ اطمينان سان ڪم ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو. اتي جو ماحول بهتر ٿئي ٿو. انهن جي ڪارڪردگي بهتر ٿئي ٿي. ڪارخانن ۾ مالڪن جو مزدورن ۽ ملازمن جو عوام جي وچ ۾ عزت ۽ احترام وارو رشتو قائم ٿي وڃي ٿو. تنهن ڪري اهي پيداواري جڳهہ تي وڃن ٿا. سماج مان جهيڙا جهٽا گهٽجي ختم ٿي وڃن ٿا. جيڪڏهن ڪو غلطي ڪري ٿو تہ معافي ۽ درگذر جو در کليل رهي ٿو. گلا، نفرت، ڪينو، ڪدورت، حسد ۽ ساڙ جهڙن اوگڻن ۾ ڪمي اچي ٿي ۽ ماڻهن جي زندگي سڪون ۽ اطمينان واري بڻجي وڃي ٿي.

دنيا جي مکيہ مذهبن جي سکيائن موجب سماجي ادبن جو سنهري اصول Golden Rule هي آهي تہ ”اوهان ٻين سان اهڙو ئي سلوڪ ڪريو جهڙو اوهان پنهنجي لاءِ ٻين کان چاهيو ٿا.“

سٺن سماجي ادبن ۽ وهنواري طور طريقن جو ٻيو نالو ٻين جو احترام ڪرڻ، انهن

جي جذبن جو خيال رکڻ ۽ انهن جي ضرورتن کان باخبر هئڻ آهي. جنهن جي سماج ۾ تمام گهڻي اهميت آهي. ان تي عمل ڪرڻ سان هڪ خوشحال معاشرو وجود ۾ اچي ٿو. تنهن ڪري ”عزت ڏيو ۽ عزت وٺو“ .

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

ٻين جي جذبن جو خيال، باهمي عزت ۽ احترام، ڌيان ۽ همدردي سماجي ادبن ۽ طور طريقن جا بنياد آهن. جيڪي هلڻ چلڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ زندگي جي ڪاروهنوار کي بهتر ۽ خوبصورت بڻائين ٿا. سنا آداب ۽ طور طريقا سماج جي سونهن، ناماچاري، ترقي ۽ خوشحالي جي اضافي لاءِ بنياد مهيا ڪن ٿا.

دنيا جي مکيہ مذهبن جي سکيائن موجب سماجي ادبن جو سنهري اصول Golden Rule هي آهي تہ ”اوهان ٻين سان اهڙو ئي سلوڪ ڪريو جهڙو اوهان پنهنجي لاءِ ٻين کان چاهيو ٿا.“ سٺن سماجي ادبن ۽ وهنواري طور طريقن جو ٻيو نالو ٻين جو احترام ڪرڻ، انهن جي جذبن جو خيال رکڻ ۽ انهن جي ضرورتن کان باخبر هئڻ آهي. جنهن جي سماج ۾ تمام گهڻي اهميت آهي ان تي عمل ڪرڻ سان هڪ خوشحال معاشرو وجود ۾ اچي ٿو. تنهن ڪري ”عزت ڏيو ۽ عزت وٺو“ .

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. آداب ڇا کي ٿو چئجي؟
2. موبائيل فون جي استعمال جا آداب ڪهڙا آهن؟
3. ڪنهن کي تڪليف ۾ مبتلا ڏسي ڇا ڪرڻ گهرجي؟
4. ٻين سان مخاطب ٿيڻ جا آداب ڪهڙا آهن؟
5. ماڻهوءَ کي پنهنجي هلت چلت ڪيئن رکڻ گهرجي؟

**(ب) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. سماج ۾ آداب ڇو ضروري آهن؟
2. ملاقات ڪرڻ جي آدابن تي نوٽ لکو.
3. اوهان جي نظر ۾ اهي ڪهڙا آداب آهن جن جي هر ڪنهن کي ڄاڻ هجڻ گهرجي؟

(ج) صحيح جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو.

1. جيڪڏهن غلطي ٿي وڃي تہ چوڻ گهرجي:

(الف) مهربان (ب) پليڪار

(ج) معاف ڪجو (د) صاحب يا صاحبہ

2. اگر ڪنهن سان ملڻ جو وقت مقرر ڪجي تہ ضروري آهي:

(الف) فون ڪال ڪرڻ (ب) وقت جي پابندي ڪرڻ

(ج) پنهنجو تعارف ڪرائڻ (د) دير سان ملاقات ڪرڻ

3. ٻئي جي ڳالهائڻ دوران ضروري آهي:

(الف) ڪتاب پڙهڻ (ب) موبائيل فون هلائڻ

(ج) دروازو کولڻ (د) توجهہ سان ٻڌڻ

4. پنهنجي ماحول کي رکڻ گهرجي:

(الف) صاف سٿرو (ب) گوڙ وارو

(ج) بيڪار (د) ٿڌو ۽ گرم

5. سماجي آدابن جو سونهري اصول آهي تہ اوهان ٻين سان اهڙو ئي ورتاءُ ڪريو جهڙو توهان پاڻ:

(الف) ٻين سان ڪيڏو ٿا (ب) ٻين سان ڳالهايو ٿا

(ج) گڏ گهمڻ وڃو ٿا (د) ٻين کان پنهنجي لاءِ چاهيو ٿا.

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي**

شاگرد ۽ شاگردياڻيون رول پلي (Role-play) جي ذريعي ڪلاس ۾ آدابن جي ڏهن اصولن جو عملي نمونو پيش ڪن.

**استادن لاءِ هدايتون**

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي آزاد ۽ با اصول زندگي گذارڻ جي اهميت کان واقف ڪيو وڃي ۽ بااصول زندگيءَ ۾ آدابن جي حيثيت سمجهائي وڃي.

| نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ | | | |
|---|---|---|---|
| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
| ڪاروهنوار | ڪم ڪار | سماج | معاشرو |
| خلوص | سچائي | تعارف | هڪ ٻئي جي سڃاڻپ |
| ڪيڪارڻ | سلام ڪرڻ | مطلع ڪرڻ | خبردار ڪرڻ |
| ٻٿاڪ | لاڦ، اجائي ڳالهه | وقار | عزت |
| ڪدورت | نفرت | سلوڪ | طور طريقو |
| سنسار | جهان، عالَم | ناموس | هاڪ، ڌاڪو |

# عبادت گاهن جا آداب

سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- واضح ڪري سگهندا ته عبادت گاهون مذهب، ذات، نسل ۽ رنگ جي فرق ڪانسواءِ هر ڪنهن لاءِ کليل هونديون آهن.
- انهي ڳالهه کي يقيني بڻائيندا ته عبادت گاهن ۾ وڃڻ وقت مناسب لباس، پيرن اگهاڙن ۽ مقرر وقت جو خيال رکيو ويندو آهي.
- عبادت گاهن جي تقدس ۽ سارسنڀال واري نظام جو هر طرح خيال رکڻ جي ڪوشش ڪندا.
- انتشار جا سبب ڄاڻي ان کان بچي سگهندا.



ڪنهن به معاشري يا ملڪ ۾ عبادت جون جايون مقدس سمجهيون وينديون آهن. ماڻهو انهن ۾ وڃي عبادت ۽ پوڄا ڪندا آهن. هر مذهبي جڳهه ان مذهب جي مڃيندڙن جي لاءِ انتهائي ادب، احترام ۽ تقدس واري جاءِ هوندي آهي. هر ملڪ ۾ اڪثريت توڙي اقليت وارن کي پنهنجي پنهنجي عقيدي ۽ مذهب مطابق عبادت ۽ پوڄا ڪرڻ جو آئيني طرح حق مليل هوندو آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ ملڪي قانون پٽاندر هر ماڻهو کي پنهنجي مذهب يا ٻين ڌرمن جي عبادت گاهن جو احترام ڪرڻ لاءِ پابند ڪيو ويو آهي. سڀني عبادت گاهن جي تقدس بابت مقرر ڪيل اصول يا آداب هي آهن:

- سڀني مذهبن يا عقيدن جو هر ڪنهن کي احترام ڪرڻ گهرجي.
- ڪنهن به عبادت گاهه ۾ وڃڻ کان اڳ ۾ پنهنجا موبائيل فون بند ڪرڻ گهرجن.
- مناسب ڪپڙا پاتل هئڻ گهرجن ۽ پير اگهاڙا هئڻ گهرجن.
- سياح يا ٻئي عقيدي وارو هئڻ جي صورت ۾ جيئن اتي جا عبادت ڪندڙ ڪندا هجن

تيئن ڪجي نہ تہ خاموشي ۽ ادب سان هڪ پاسي ويهي رهڻ گهرجي.

## مکيہ مذهبن جي عبادت گاهن ۾ وڃڻ جا آداب:

### مسجد:

- جوتا لاهي ڇڏيو ۽ مسجد ۾ وڃڻ لاءِ وضو ڪريو يا هٿ منهن ڌوئو.
- پنهنجا پير قبلي ڏانهن نہ ڪريو.
- مٿي کي ڪنهن ڪپڙي يا ٽوپي سان ڍڪيو.
- مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت ساڄو پير اندر رکو ۽ نڪرڻ مهل کاٻو پير ٻاهر رکو.
- عورتن کي پنهنجو بدن اهڙي نموني ڍڪڻ گهرجي جو سندن ڪو بہ انگ اگهاڙو نظر نہ اچي.

### چرچ:

- عبادت شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ خاموش رهو. لائبريري جهڙي خاموشي هئڻ گهرجي.
- آچر جي ڏينهن واري ”پاڪ شراڪت (هولي ڪميونيئن) ۾ شروع کان آخر تائين شرڪت ڪجي ۽ عبادت کي مڪمل وقت ڏيڻ گهرجي.
- ڳائڻ / موسيقي تي نہ تاڙي وڄايو ۽ نہ ئي واهہ واهہ چئو.
- دعا کان پوءِ آمين چئو.

### ڪنيسہ:

- يهودي عبادت مهل هڪ ٽوپي ڪپا پائين ٿا. اها پايو.
- يهودين جي عبادت ٽي چار ڪلاڪ هلندي آهي جنهن ۾ اٿڻ ويهڻ گهٽو هوندو آهي جيئن ٻيا ڪن تيئن ڪريو نہ تہ ٻاهر هليا وڃو.
- پاڪ ڪتاب پٽ تي نہ رکو هيٺ ڪريل هجي تہ ان کي ڪٽي چمو.
- واهہ واهہ نہ ڪريو.

### ٻڌ ڌرم جو مندر يا مڙهي:

- ٽوپلا ۽ جوتا لاهيو.
- مناسب ڊريس پايو. ڪڇو نہ پر ڍڳهي پينٽ پايو.
- ٻڌ جي مورتي کي نہ ڇهو. ڪنڌ نمائي پٺي پر بہ ٽي قدم ڪٽي پوءِ واپس ورو.
- راهب، ڀائو يا راهبہ اچي تہ اٿي بيهو.

- ڪنهن شيءِ ونڻ يا ڏيڻ لاءِ ساڄو هٿ استعمال ڪريو.
- اندر داخل ٿيڻ لاءِ ڪابو پير ۽ ٻاهر نڪرڻ لاءِ ساڄو پير پهرئين ڪڍو.
- پيشوا ڪي هٿ ٻڌي، ٿورو جهڪي پوءِ نمسڪار ڪريو.

## هندو مندر يا مڙهي:

- جوتا ٻاهر لاهيو.
- پرشاد ونڻ يا ٻئي ڪنهن ڪم لاءِ ساڄو هٿ استعمال ڪريو.
- پوڄا ۾ شرڪت ڪريو نہ تہ خاموشيءَ سان هڪ پاسي ويهي رهو.
- داخلا وقت ڇت ۾ لٽڪيل گهنڊ وڄايو.
- پوڄا کان اڳ يا پوءِ ديوي ديوتائن جي جئہ ٻولايو نہ تہ ماٺ رهو.

## سکن جو گردوارو:

- جوتا ٻاهر لاهيو.
- ڪپڙي يا پڳ سان مٿو ڍڪيو.
- عبادت ۾ حصو ونو نہ تہ خاموش رهو. ڳائڻ خاموشيءَ ۽ ادب سان ٻڌو.
- واهہ گرو چئو يا ماٺ رهو. جئہ ٻولهائڻ مهل ساٿ ڏيو نہ تہ خاموش رهو.
- ڪڙاهہ پرساد ونو.

اوهان جي ڳوٺ، شهر يا پسگردائي ۾ پنهنجي مذهب جي يا ٻئي ڪنهن ڌرم جي عبادت گاهہ هجي تہ ان جي تقدس ۽ بچاءَ جو هر صورت ۾ خيال ڪريو. انهن جي سارسنڀال لهو. ڪنهن ٻئي مذهب جو ماڻهو اوهان جي عبادت گاهہ ۾ اچڻ چاهي ٿو تہ ان کي منع نہ ڪريو. ڇاڪاڻ تہ عبادت گاهون بنا ڪنهن مذهب، رنگ، ذات يا نسل جي فرق جي سڀني لاءِ کليل هئڻ گهرجن. جيڪڏهن اوهان کي ڪنهن ٻئي مذهب جي عبادت گاهہ ۾ وڃڻو هجي تہ ان جي انتظاميہ جي اجازت سان ۽ مقرر ادبن تي عمل ڪندي وڃڻ گهرجي.

اوهان جي علائقي ۾ ڪنهن ٻئي مذهب جي عبادتگاهہ تباهہ حال هجي تہ ان جا ڪارڻ معلوم ڪرڻ گهرجن تہ جيئن انهيءَ کي وڌيڪ تباهي کان بچائي سگهجي.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

ڪنهن بہ معاشري يا ملڪ ۾ عبادت جون جايون مقدس سمجهيون وينديون آهن. ماڻهو انهن ۾ وڃي عبادت ۽ پوڄا ڪندا آهن. هر مذهبي جڳهہ ان مذهب جي مڃيندڙن جي لاءِ انتهائي ادب احترام ۽ تقدس واري جاءِ هوندي آهي. سڀني عبادت گاهن جي تقدس بابت

مقرر ڪيل اصول يا آداب تي عمل ڪرڻ هر فرد جو فرض آهي. سيني مذهبن يا عقيدن جو هر ڪنهن کي احترام ڪرڻ گهرجي. ڪنهن بہ عبادت گاهہ ۾ وڃڻ کان اڳ ۾ پنهنجا موبائيل فون بند ڪرڻ گهرجن. مناسب ڪپڙا پاتل هئڻ گهرجن ۽ پير اگهاڙا هئڻ گهرجن. سياح يا ٻئي عقيدي جي هئڻ جي صورت ۾ جيئن اتي جا عبادت ڪندڙ ڪندا هجن تيئن ڪجي نہ تہ خاموشي ۽ ادب سان هڪ پاسي ويهي رهڻ گهرجي.

اوهان جي ڳوٺ، شهر يا پسگردائي ۾ پنهنجي مذهب جي يا ٻئي ڪنهن ڌرم جي عبادت گاهہ هجي تہ ان جي تقدس ۽ بچاءَ جو هر صورت ۾ خيال ڪريو. انهن جي سارسنڀال لهو. ڪنهن ٻئي مذهب جو ماڻهو اوهان جي عبادت گاهہ ۾ اچڻ چاهي ٿو تہ ان کي منع نہ ڪريو. چاهڻ تہ عبادت گاهون بنا ڪنهن مذهب، رنگ، ذات يا نسل جي فرق جي سيني لاءِ کليل هئڻ گهرجن.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. مسجد ۾ ويهڻ جي آدابن جي اوهان کي ڪهڙي ڄاڻ آهي؟
2. مندر ۾ وڃڻ جا آداب لکو.
3. چرچ ۾ وڃڻ جا ڪهڙا آداب آهن؟
4. ڪنيسہ جا آداب لکو.
5. ٻڌ ڌرم ۽ سکن جي مذهبي جاين تي وڃڻ جا آداب ڪهڙا آهن؟

**(ب) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. ڪنهن بہ معاشري ۾ مذهبي جاين جي ڪهڙي اهميت آهي؟
2. عبادت گاهن جي تقدس بابت مقرر ڪيل آداب ڪهڙا آهن؟

**(ج) صحيح جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو.**

1. ڪنهن عبادت گاهہ ۾ وڃڻ کان اڳ ضروري آهي:

(الف) نوان ڪپڙا پائڻ (ب) موبائيل فون بند ڪرڻ
(ج) شيون ورهائڻ (د) واهہ واهہ ڪرڻ

2. ڪنهن شيءِ جي ڏيڻ وٺڻ لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي:

(الف) پلاسٽڪ جي ٿيلهي (ب) نئون ٿانءُ
(ج) کاٻو هٿ (د) ساڄو هٿ

3. مسجد ۾ وڃڻ وقت وضو ڪرڻ سان گڏ ضروري آهي:

(الف) جوتا لاهڻ ۽ متو ڍڪڻ (ب) خيرات ڪرڻ

(ج) نوان جوتا ۽ ڪپڙا پائڻ (د) پرساد وٺڻ

4. ڪنهن ٻئي مذهب يا ڌرم جو ماڻهو اوهان جي عبادت گاهه ۾ اچڻ چاهي تو تہ:

(الف) ان کي پرساد ڏيو (ب) ان کي منائي ڪارايو

(ج) ان کي منع نہ ڪريو (د) ان کي روڪي ڇڏيو

5. ڪنهن بہ عبادت گاهہ ۾ وڃڻ لاءِ ضروري آهي:

(الف) خاموش رهڻ ۽ مناسب لباس پائڻ (ب) جوتا ۽ ٽوپلا پائڻ

(ج) پرساد وٺڻ ۽ واهہ گرو چوڻ (د) نوان ڪپڙا پائڻ

### شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون پنهنجي ويجهي علائقي ۾ وڃي اتي پنهنجي توڙي ٻين مذهبن جي عبادت گاهن کي ڏسي ۽ اتان جي نگران کان ان بابت معلومات وٺي نوٽ ڪري ڪلاس ۾ پيش ڪن.

### استادن لاءِ هدايتون

مڪيہ مذهبن جي عبادت گاهن جي آداب معلوم ڪرڻ لاءِ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي منصوبي طريقي (Project Method) هيٺ ڏنا وڃن.

| نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ | | | |
|---|---|---|---|
| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
| تقدس | پاڪيزگي | انتشار | وکوڙ، ڦوٽ، مونجهارو |
| پوڄا | بندگي | ٻولهائڻ | ڳالهائڻ |
| انگ | عضوو | پسگردائي | چوڌاري |
| اڪثريت | گهڻائي | راهب | مذهبي اڳواڻ |
| پرساد | مذهبي ڪاڏو | اقليت | ٿورائي |
| آئيني | قانوني | منع ڪرڻ | روڪڻ |
| انتظاميہ | انتظام هلائڻ وارو | پيشوا | اڳواڻ، رهنما |
| ديوي | پوڄا لائق | ڌرم | مذهب |
| پڳ | پٽڪو | سياح | گهمندڙ سير سپاٽو ڪندڙ |

# دفتر ۽ بينڪ جا آداب

سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون هن لائق ٿيندا تہ اهي:

- اهڃاڻ رکندا تہ ڪم ڪار لاءِ ڪهڙي دفتر ڪڏهن وڃڻ گهرجي.
- ان ڳالهہ جي اهميت سمجهندا تہ ڪنهن دفتر ۾ لاڳاپيل ملازم سان ملڻ لاءِ ڪهڙي اعتماد جي ضرورت آهي.
- بينڪ ۾ وڃڻ مهل گهربل ڪائونٽر تلاش ڪري اتي پنهنجي واري جو انتظار ڪندا.
- ڄاڻندا تہ پئسا جمع ڪرائڻ ۽ ڪيرائڻ جو طريقو ڪهڙو آهي.
- ڄاڻي سگهندا تہ بچت ڪرڻ لاءِ بينڪ مان رهنمائي حاصل ڪري سگهجي ٿي.




دفتر ۽ بينڪون اجوڪي زندگيءَ جو اهم حصو آهن. هر ماڻهو کي مختلف ڪمن ڪارين ۽ پئسن جي ڏيتي ليتي جي لاءِ دفترن ۽ بينڪن ۾ وڃڻو پوي ٿو. جيئن تہ دفترن ۽ بينڪن ۾ ڪم ڪار لاءِ ويندڙ ماڻهن جو تعداد تمام گهڻو هوندو آهي ۽ ان جي ڀيٽ ۾ اتي ڪم ڪندڙ ملازمن جو تعداد گهٽ هوندو آهي تنهن ڪري ڪم کي آساني سان تڪڙو اُڪلائڻ ۽ ماحول کي خوشگوار رکڻ لاءِ ڪن ضروري اصولن، آدابن ۽ قاعدن بابت هر ڪنهن کي ڄاڻ هئڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي تمام گهڻي ضرورت هوندي آهي.

## دفتر ۽ بينڪ وڃڻ وارن لاءِ گهربل اصول ۽ آداب هي آهن:

1. جنهن ڪم لاءِ آفيس وڃڻو آهي، ان جي اڳواٽ تياري ضروري آهي، گهربل ڪاغذ پٽ، شناختي ڪارڊ وغيره جون اضافي فوٽو ڪاپيون ڪنهن لفافي ۾ وجهو. گهر کان رواني ٿيڻ مهل انهن کي هڪ دفعو وري چيڪ ڪريو.
2. جنهن سيڪشن ۾ ڪم هجي ان کي ڳولي واسطيدار ميز تي ويٺل ڪلارڪ يا آفيسر وٽ وڃو.
3. جيڪڏهن انهيءَ ميز جي اڳيان ٻيا ماڻهو بہ بيٺل هجن تہ قطار ناهيو ۽ پنهنجي واري جو انتظار ڪريو. قطار ڊگهي هجي تہ صبر ڪريو. قطار ۾ پنهنجي جاءِ نہ ڇڏيو ڪنهن کي

ڌڪا نہ ڏيو ۽ اڳ ۾ ٿيڻ جي ڪوشش نہ ڪريو. قطار ۾ بيٺي وقت گذارڻ لاءِ پنهنجي موبائيل فون تي ڪا ويڊيو يا گيت ڏسڻو يا ٻڌڻو هجي تہ ڪن تي ائيرفون لڳايو. فون جي گهنٽي سائلينٽ تي رکو. جيڪڏهن ضروري ڪال ڪرڻي هجي تہ ٿورو پاسيرا ٿي ڳالهايو. پنهنجي ڳالهہ ٻولهہ مختصر رکو ۽ آواز آهستي رکو فون تي ميسيج يا اي ميل پلي چيڪ ڪريو. دير تي چڙ نہ ڏيکاريو. ڪنهن ٻئي جي لاءِ قطار ۾ جاءِ نہ والاريو.

4. واسطيدار ملازم سان اعتماد سان سوچي سمجهي ڳالهايو، ملازم جي ڳالهہ ڌيان سان ٻڌو، ان جي ڳالهہ وچ ۾ نہ ڪاٽيو، بازاري ٻولي يا پرڏيهي ٻولي جا ڏکيا لفظ استعمال نہ ڪريو، سمجهڻ جوڳا هجن تہ پلي استعمال ڪريو، هن جي اکين ۾ نهاري آهستي پر ٻڌڻ جوڳي آواز ۾ پنهنجي ڳالهہ سمجهايو ۽ گهربل ڪاغذ پيش ڪريو.
5. پنهنجي چهري جا تاثرات قدرتي رکو، ڪاوڙ، حيرت يا نفرت وارا تاثر نہ ڏيو، هٿ جا اشارا قدرتي انداز وارا ڪريو جو ڪنهن کي برا نہ لڳن، ڪنڌ لوڏي بہ مثبت رويي جو اظهار ڪري سگهجي ٿو.
6. گهڙي گهڙي پنهنجن وارن تي هٿ نہ ڦيريو، آڱرين مان ٽڙڪا نہ ڪڍو ۽ نہ ئي بال پين يا چاٻيون ميز ۽ ڪائونٽر تي وڄايو.
7. وڏي عهدي واري لاءِ سائين، سائڻ، سر، ميڊم يا محترم جا لفظ استعمال ڪريو.
8. بينڪ ۾ ڪم ڪار لاءِ وڃڻ وقت دفتر جي اصولن ۽ آدابن تي عمل ڪرڻ سان گڏوگڏ هيٺين آدابن جو خيال رکڻ بہ ضروري هوندو آهي.

- بينڪ ۾ چيڪ مٽائڻو هجي يا پئسا پنهنجي کاتي ۾ جمع ڪرائڻا هجن تہ چيڪ يا پئسن جمع ڪرائڻ وارو فارم گهر کان ئي ڀري وڃڻ گهرجي، نہ تہ بينڪ ۾ نهيل ڊيسڪ تي ڀري صحيح ڪري گهربل ڪائونٽر تي وڃجي، ڪائونٽر تي رش هجڻ جي صورت ۾ قطار ۾ بيهي پنهنجي واري جو انتظار ڪجي.
- يوٽيلٽي بل ۽ چالان جي ادائگي ڪرڻي هجي يا آن لائن رقم موڪلڻي هجي تہ لاڳاپيل ڪائونٽر تي وڃجي، اتي بہ گهڻا ماڻهو اڳ ۾ بيٺل هجن تہ لائين ۾ بيهي پنهنجي واري جو انتظار ڪجي.
- بينڪ ۾ پنهنجي موبائيل فون کي سائلينٽ يا وائيبريشن موڊ تي رکجي، ضروري ڪال جي صورت ۾ زور سان نہ ڳالهائجي، ڊگهو نہ ڳالهائجي ۽ چئجي تہ پوءِ ڳالهايون ٿا.
- پئسا وصول ڪرڻ ڪانپوءِ اتي ئي پاسي تي بيهي ڳڻجن، گهٽ يا وڌ هجڻ جي صورت

۾ ڪيشيئر سان رجوع ڪجي.

- ڪنگهه ٿئي يا ڇڪ اچي ته پنهنجي ٻانهن جي ٺونٺ ڪي منهن تي ڏجي يا منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏجي.
- ڪورونا وائرس جي وبا يا فلو جي صورت ۾ منهن تي ماسڪ پائڻ گهرجي ۽ مفاصلي رکڻ لاءِ ناهيل نشانين تي بيهجي.
- ڇهري تي هر دم مسڪراهٽ رکجي، سامهون ملازم پلي نه مسڪرائي پر اوهان مسڪرائي ان جي مهرباني (Thank You) چئو.
- جيڪڏهن اوهان کي پنهنجي بچت جا پئسا بينڪ ۾ رکڻا هجن ته بينڪ مئنيجر سان ملي بينڪ ۾ هلندڙ بچت جي اسڪيمن بابت پوري معلومات وٺي، اطمينان ڪري پنهنجي پسند واري اسڪيم جو بچت کاتو کولرائڻ گهرجي، بچت کاتو کولرائڻ کان پوءِ ان جي هلائڻ لاءِ لکيل هدايتن تي عمل ڪرڻ گهرجي.

شاگردن لاءِ بينڪ ۾ اسپيشل بچت کاتو کولرائڻو پوندو آهي ڪافي بينڪن وارا ٻارن ۾ بچت جي عادت وجهڻ لاءِ پنهنجي عملي کي اسڪولن ۾ موڪليندا آهن، بينڪ عملي ۽ اسڪول انتظاميه طرفان شاگردن کي بچت کاتا کولرائڻ لاءِ همٿايو ويندو آهي. اهڙي موقعي جو فائدو وٺندي هر شاگرد ۽ شاگردياڻي کي پنهنجي بچت لاءِ اهڙو بينڪ بچت کاتو کولرائڻ گهرجي ۽ پوءِ هر مهيني پنهنجي خرچيءَ مان ڪجهه بچت ڪري پنهنجي کاتي ۾ جمع ڪرائيندو رهڻ گهرجي ته جيئن اهي ضرورت وقت ڪم آڻي سگهجن.

## هن سبق مان معلوم ٿيو ته:

دفتر ۽ بينڪون اڄوڪي زندگي جو اهم حصو آهن. هر ماڻهو کي مختلف ڪمن ڪارين ۽ پئسن جي ڏيتي ليتي جي لاءِ دفترن ۽ بينڪن ۾ وڃڻو پوي ٿو. ڪم کي آسان، تڪڙو اُڪلائڻ ۽ ماحول کي خوشگوار رکڻ لاءِ ڪن ضروري اصولن، آدابن ۽ قاعدن بابت هر ڪنهن کي ڄاڻ هئڻ ۽ عمل ڪرڻ جي تمام گهڻي ضرورت هوندي آهي.

جنهن ڪم لاءِ آفيس وڃڻو آهي ان جي تياري ضروري آهي، گهربل ڪاغذات ۽ شناختي ڪارڊ وغيره جون اضافي فوٽو ڪاپيون ڪڍڻ گهرجن. واسطيدار ملازم سان اعتماد سان سوچي سمجهي ڳالهايو، ملازم جي ڳالهه ڌيان سان ٻڌو ۽ ڳالهه وچ ۾ نه ڪاٽيو. وڏي عهدي واري لاءِ سائين، سائڻ، سر، ميڊم يا محترم جهڙا لفظ استعمال ڪريو. بينڪ يا اهم دفتر ۾ پنهنجي موبائيل فون کي بند يا سائلينٽ موڊ تي رکجي، ضروري ڪال هجي ته آهستي ڳالهائجي يا بعد ۾ ڪال ڪرڻ جو چئجي.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. دفتر مان ڇا مراد آهي؟
2. بينڪ جا ڪهڙا ڪم آهن؟
3. آن لائين منتقلي مان ڇا مراد آهي؟
4. شاگردن ۽ شاگردياڻين کي بينڪ مان ڪهڙا فائدا ملي سگهن ٿا؟
5. بل ڀرڻ جو طريقو پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪريو.

**(ب) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. ڪنهن به دفتر ۾ وڃڻ کان اڳ ڪهڙي ضروري تياري ڪرڻ گهرجي؟
2. بينڪ جون اندروني احتياطي تدبيرون بيان ڪريو.
3. بينڪ ۾ کاتي کولرائڻ جو طريقي ڪار پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪريو.

**(ج) صحيح جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو.**

1. بينڪ جي اهم ڪمن ۾ ڪم اچن ٿا:

(الف) بِل جمع ڪرائڻ (ب) قرض فراهم ڪرڻ
(ج) کاتا کولرائڻ ۽ ڏيتي ليتي ڪرڻ (د) اهي سڀ ڪرڻ

2. سرڪاري ادارن ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن جو ڪم آهي:

(الف) عوام جي خدمت ڪرڻ (ب) سرڪاري ڪم ڪرڻ
(ج) پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ (د) قانون موجب هلڻ

3. جيڪڏهن دفتر ۽ بينڪ ۾ رش هجي ته ماڻهو کي گهرجي:

(الف) جلدي ڪري (ب) پنهنجي واري جو انتظار ڪري
(ج) ڪنهن کي مدد لاءِ چوي (د) موبائل فون تي ڳالهائي

4. ڪم مڪمل ٿيڻ تي سامهون واري کي:

(الف) الوداع ڪجي (ب) مهرباني جا لفظ چئجن
(ج) مبارڪ ڏجي (د) سلام ڪجي

5. بينڪ ۾ بچت کاتي کولرائڻ جو مقصد آهي:

(الف) بچت ڪرڻ (ب) ملازمت وٺڻ
(ج) ڪاوڙ ڪرڻ (د) خوش ٿيڻ

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون بينڪ ۾ کاتو کولرائڻ ۽ ثانوي اعلىٰ ثانوي بورڊ جي امتحاني دفتر ۾ امتحاني فارم جمع ڪرائڻ جي خاڪ بندي ڪن، جنهن ۾ شاگرد ۽ شاگردياڻيون عملي جو ڪردار (Role-play) ادا ڪن.

## استادن لاءِ هدايتون

دفترن ۽ بينڪن مان پنهنجي ضروري ڪم مڪمل ڪرڻ لاءِ وڃڻ، عملي سان ملڻ ۽ ضروري دستاويزن گڏ ڪرڻ بابت شاگردن ۽ شاگردياڻين کي آگاهي ڏني وڃي.

| نوان لفظ ۽ انهن جي معنىٰ | | | |
|---|---|---|---|
| لفظ | معنىٰ | لفظ | معنىٰ |
| اعتماد | ڀروسو، يقين | سائڻ | مرتبي واري |
| واسطيدار | واسطو رکندڙ | ميڊم | محترم |
| اکلائڻ | ختم ڪرڻ | آن لائين | سڌو، سئون |
| سيڪشن | حصو | يوٽيلٽي بل | گيس، بجلي، پاڻي ۽ ٽيليفون جا بل |

# بس اسٽينڊ، ريلوي اسٽيشن ۽ هوائي اڏي جا آداب

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- آمد و رفت جي مختلف ذريعن جي پيٽ ڪري سگهندا ۽ نمايان فرق بيان ڪري سگهندا.
- ڄاڻندا ته اڳواٽ سيٽ بڪ ڪرائڻ، سفر ڪي يقيني بنائڻ جو سبب آهي.
- ان ڳالهه کي يقيني بڻائيندا ته ريلوي اسٽيشن تي وڃڻ لاءِ سفر جي يا پليٽ فارم جي ٽڪيٽ هجڻ لازمي آهي.
- ڄاڻي سگهندا ته فضائي سفر، هوائي اڏي تي اچڻ کان جهاز ۾ سوار ٿيڻ تائين هلڻ، ڳالهائڻ ۽ شڪريه ادائي وغيره جا مناسب آداب اپنائڻ ضروري آهن.
- ڄاڻندا ته انهن جڳهن تي وقت بابت ڏنل هدايتن تي عمل ڪرڻ بي حد ضروري آهي.
- سمجهي سگهندا ته انهن آدابن تي عمل ڪرڻ سان لهه وچڙ ۾ ايندڙ ماڻهن جي لاءِ سهولت آهي.
- ڳالهه ٻولهه وقت نرمي سان ٽڌو تي ڳالهائڻ جو مظاهرو ڪندا.



سفر انساني زندگي جو حصو آهي. زندگي به هڪ سفر آهي. هر ماڻهو کي ڪنهن نه ڪنهن ڪم سانگي يا سير تفريح لاءِ سفر ڪرڻو پوي ٿو، پر سفر سٺائو ۽ پر لطف هجي انهيءَ لاءِ اڳواٽ رٿابندي ۽ تياري ضروري هوندي آهي. بي صورت ۾ سفر جو مزو ختم به ٿي سگهي ٿو. سفر ۾ ڪي مسئلا پيدا ٿيڻ جا امڪان رهندا آهن پر اهي حل ٿيڻ جوڳا هوندا آهن. اڳئين زماني ۾ ماڻهو ٿوري مفاصلي لاءِ پيرين پنڌ ويندا هئا ۽ وڏي مفاصلي لاءِ وهٽن جهڙوڪ: گهوڙي، گڏهه يا اٺ تي سواري ڪندا هئا. اڄ ڪلهه جو دؤر سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جو آهي هن دور ۾ وهٽن بدران موٽر ڪارن، بسن، ريل گاڏين ۽ هوائي جهازن وسيلي سفر ڪيو وڃي ٿو. جيڪي وهٽن کان وڌيڪ تيز، آرامده ۽ سهولت وارا آهن. زماني بدلجڻ سان سفر جا طور طريقا، اصول ۽ آداب به تبديل ٿي ويا آهن. جن جو ڄاڻڻ هر انسان لاءِ ضروري ٿي پيو آهي.

**بس اسٽينڊ:** ڳوٺن کان شهرن تائين ۽ شهرن کان ٻين شهرن تائين بسن ذريعي سفر ڪرڻ

آسان ۽ سهولت وارو هوندو آهي، ڇاڪاڻ جو اهي گهرن جي ويجهو ئي ملي وينديون آهن، بسن تي سوار ٿيڻ لاءِ بس اسٽينڊ تي انتظار ڪرڻو پوندو آهي، بس اسٽينڊ تي ۽ بس ۾ سوار ٿيڻ کان پوءِ هيٺين اصولن ۽ آدابن تي عمل ڪرڻ گهرجي.

1. وقت جي پابندي ڪرڻ گهرجي، بس جي اچڻ واري مقرر وقت کان 5-10 منٽ اڳ ۾ پهچڻ گهرجي.
2. بس ۾ سوار ٿيڻ لاءِ قطار ۾ بيهڻ گهرجي، هڪ ٻئي کي ڌڪا نه ڏيڻ گهرجن، ڊوڙي اڳ ۾ سوار ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪرڻ گهرجي جو انهيءَ کي غير مهذب عمل سمجهيو وڃي ٿو. دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ ٻار به بس ۾ سوار ٿيڻ لاءِ قطار ناهين تا ۽ پوءِ آرام سان بس ۾ چڙهن ٿا.
3. بس ۾ سوار ٿيڻ کان پوءِ خالي پيل سيٽن تي ويهي رهجي جيڪڏهن اڳيئن بس اسٽاپ تي ڪو پوڙهو يا معذور ماڻهو بس ۾ چڙهي ته ان کي پنهنجي سيٽ ويهڻ لاءِ پيش ڪجي.
4. شهر کان ڪنهن ٻئي ڏور واري هنڌ ڏانهن ڊگهي مسافري ڪرڻي هجي ته ان لاءِ ٽڪيٽ اڳواٽ بڪ ڪرائجي ته سفر سهولت وارو ۽ يقيني بڻجي ويندو.
5. بس جي سفر دوران پنهنجو سفري سامان يا ٿيلهو وغيره ٻين جي سيٽن جي اڳيان يا سيٽن جي وچ واري لنگهه ۾ نه رکڻ گهرجن.
6. ٻين مسافرن سان عزت ۽ سهڪار وارو رويو رکجي، ڪنهن سان گهڻو ڳالهائڻ نه گهرجي، ڳالهائجي ته به آهستي آواز ۾ ڳالهائجي جيڪڏهن سيٽ ڊرائيور جي پر سان هجي ته ان سان هرگز نه ڳالهائجي.
7. لهڻ کان اڳ ۾ پنهنجو سامان وري چيڪ ڪري ڪٽجي، ڪنڊيڪٽر جي چوڻ تي پنهنجو سامان ڪٽي بس کان هيٺ لهجي.



**ريلوي اسٽيشن:** ريل گاڏي ذريعي سفر آمدورفت جي سيني ذريعن کان وڌيڪ سهولت وارو، آرامده ۽ پر لطف سمجهيو ويندو آهي ڇاڪاڻ جو انهي مان مسافر بيزار نه ٿيندو آهي، پنهنجي سيٽ تان آرام سان اٿ ويهه ڪري سگهندو آهي ۽ وات تي ايندڙ قدرتي نظارن مان به لطف اندوز ٿيندو رهندو آهي، ريل گاڏي جي سفر دوران ۽ ريلوي اسٽيشن تي هيٺين اصولن ۽ آدابن جو ڌيان رکڻ

تمام ضروري آهي:

1. ريلوي جي مسافري لاءِ اڳواٽ رٿابندي ۽ ٽڪيٽ جي بڪنگ بي حد ضروري هوندي آهي، ٽڪيٽ بڪ ٿيڻ جي صورت ۾ وقت، ڊبو/ بوگي نمبر ۽ سيٽ نمبر جي اڳواٽ خبر پئجي ويندي آهي ۽ سفر يقيني ٿي پوندو آهي. اهڙي طرح مقرر وقت ۽ تاريخ تي ڪنهن مسئلي کي منهن نہ ٿو ڏيڻو پوي. ريلوي اسٽيشن تي داخلا لاءِ سفري ٽڪيٽ جو هئڻ بلڪل لازمي هوندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي گاڏي ۾ سوار ڪرائڻو هجي يا ڪنهن جو آڌرڀاءُ ڪرڻو هجي تہ ڪيس پليٽ فارم جي ٽڪيٽ وٺڻي پوندي آهي.
2. ريل گاڏي جي سفر دوران گهٽي جاءِ والاري پنهنجو سامان رکڻ آداب جي خلاف آهي، تنهن ڪري پنهنجو سامان صرف پنهنجي سيٽ هيٺان يا مٿان سامان رکڻ واري پٽي يا جاءِ تي رکجي تہ جيئن ٻين مسافرن کي تڪليف نہ ٿئي، سائيڊ واري ٽيبل جو بہ مالڪ ٿي ويهي رهڻ نہ گهرجي، استعمال ڪري پوءِ ڇڏي ڏجي.
3. پاڻ سان گڏ آندل ماني تيز خوشبوءِ واري نہ هجي، پاڃي رس واري نہ هئڻ گهرجي، کائي پي پوءِ صفائي ڪري ڇڏجي.
4. باٿ روم کي گهڻي دير لاءِ استعمال نہ ڪرڻ گهرجي ۽ اتان جي صفائي جو خاص خيال رکڻ گهرجي.
5. وچ واري لنگهہ ۾ هڪ پاسي تي هلو، سامهون ايندڙ ماڻهو کي پاسيرا ٿي جاءِ ڏيو.
6. ڪنهن ڏانهن گهوري نہ نهاريو.
7. ٻار گڏ هجن تہ انهن کي گهڻي ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ يا ٻين مسافرن کي تنگ ڪرڻ نہ ڏيو.




**هوائي اڏو:** هوائي جهاز ذريعي سفر، بس ۽ ريل گاڏي جي ڀيٽ ۾ تمام تيز هوندو آهي، ملڪ اندر تمام وڏي مفاصلي وارن هنڌن ڏانهن وڃڻ يا پرڏيهہ وڃڻ لاءِ هوائي سفر تيز ترين ذريعو آهي. هوائي اڏي تي ۽ هوائي سفر دوران هيٺين اصولن ۽ آدابن تي عمل ڪرڻ ضروري هوندو آهي.

1. هوائي سفر لاءِ بہ اڳواٽ رٿابندي، تياري ۽ ٽڪيٽ جي بڪنگ ضروري هوندي آهي.
2. فلائيٽ کان اڳ ۾ پنهنجي سامان جي پيڪنگ مڪمل ڪرڻ گهرجي بيگن جي تعداد ۽ وزن بابت ايئرلائين کان اڳواٽ معلوم ڪجي، سفر لاءِ گهربل ٽڪيٽ، شناختي ڪارڊ،

پاسپورٽ ۽ ٻيا سفري ڪاغذات وغيره وڏي ڌيان ۽ خبرداري سان هٿ، پني يا ڪلهي تي ڪٽڻ واري ننڍي ٿيلهي ۾ رکڻ گهرجن.

3. فلائيٽ جي مقرر وقت کان لڳ ڀڳ اڍائي ڪلاڪ اڳ ۾ هوائي اڏي تي پهچڻ گهرجي، پنهنجو سامان ٽرالي تي رکي چيڪ-اِن ڪلڻ تي ايئرلائين واري ڪائونٽر تي وڃي پنهنجا سفري ڪاغذات ۽ سامان انهن جي حوالي ڪريو، اتي اوهان کان جيڪو پڇيو وڃي ان جو احترام ۽ ادب سان جواب ڏيو، ضروري داخلائن کان پوءِ اوهان کي بورڊنگ پاس، پاسپورٽ ۽ ٿيلهي ۽ بيگ تي ٽيگ لڳائڻ لاءِ ملندا، اهي انهن تي لڳائي وڏيون بيگون انهن جي حوالي ڪريو ۽ صرف ننڍو ٿيلهو هٿ ۾ رکو.

4. انهي کان پوءِ سيڪيورٽي مان گذرڻ مهل جيئن هدايتون ڏنيون وڃن انهن تي عمل ڪريو، انهن جي هدايتن پٽاندر پنهنجا پرس، بوٽ، گهڙي، منڊي، پينٽ جو بيلٽ ڪا ٻہ ڌاتو واري شيءِ، سڪا، هٿ جا ڪنگڻ وغيره اسڪريننگ واري هلندڙ پٽي تي رکو پوءِ پاڻ بہ اسڪريننگ واري دروازي منجهان گذرو پوءِ اسڪريننگ مان گذريل سامان کڻي وٺو.

5. انهن سڀني مرحلن مان گذرڻ مهل پنهنجو رويو سهڪاري رکو، پنهنجو فون بند رکو، پنهنجي ڳالهائڻ، هلڻ چلڻ ۽ شڪريہ ادائي وغيره وارن آدابن جو خيال رکو جنهن سان هوائي اڏي تي ڪم ڪندڙ عملي کي پنهنجي ڪم ۾ سهولت ۽ آساني ٿئي.

6. ويٽنگ لائونج / انتظارگاهہ ۾ پنهنجو بيگ ٻئي جي سيٽ تي نہ رکو پر هيٺ پيرن ۾ يا پنهنجي هنج ۾ رکو. هاڻي توهان چانهہ ڪافي يا پاڻي خريد ڪري پي سگهو ٿا، خالي ٿيل بوتل، ڪوپ يا ٽن ردي جي ٽوڪري ۾ اڇلايو، ريسٽ روم يا واش روم جيڪي مردن لاءِ ۽ عورتن لاءِ الڳ الڳ هوندا آهن انهن جي اڃيان نشان ڏسي استعمال ڪريو، فون آهستہ آواز ۾ ڪريو ۽ پاڻ ۾ وڏي آواز ۾ گفتگو نہ ڪريو، جڏهن جهاز ۾ سوار ٿيڻ جو اعلان ٿئي تڏهن مقرر گيٽ منجهان لائين ناهي لنگهو، وهيل چيئر وارن مسافرن ۽ بزرگن کي پهرئين لنگهڻ ڏيو پوءِ جهاز ۾ سوار ٿيو.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

سفر انساني زندگيءَ جو حصو آهي. زندگي بہ هڪ سفر آهي. هر ماڻهوءَ کي ڪنهن نہ ڪنهن ڪم سانگي يا سير تفريح لاءِ سفر ڪرڻو پوي ٿو پر سفر سٺائو ۽ پر لطف هجي انهيءَ لاءِ اڳواٽ رٿابندي ۽ تياري ضروري هوندي آهي. ٻي صورت ۾ سفر جو مزو ختم بہ ٿي سگهي ٿو.

ڪنهن به سواريءَ ۾ سوار ٿيڻ لاءِ وقت جي پابندي ڪرڻ گهرجي، اڳواٽ سيٽ يا ٽڪيٽ بڪ ڪرائجي، صفائي جو خاص خيال رکجي، پنهنجو سامان حفاظت سان رکجي ۽ لهڻ مهل سامان ياد گيري سان چيڪ ڪري ڪٽجي، بس ۾ خالي پيل سيٽن تي ويهي رهجي، ڪو پوڙهو يا معذور ماڻهو بس ۾ چڙهي ته ان کي پنهنجي سيٽ ويهڻ لاءِ پيش ڪجي، ريل گاڏي ۾ پاڻ سان گڏ آندل ماني تيز خوشبوءِ واري نه هجي، پاڇي رس واري نه هئڻ گهرجي، باٿ روم ۾ اجايو وقت نه ويهجي. هوائي سفر لاءِ به اڳواٽ رٿابندي، تياري ۽ ٽڪيٽ جي بڪنگ ضروري هوندي آهي. فلائيٽ کان به ٽي ڪلاڪ اڳ ۾ سفر لاءِ گهربل ٽڪيٽ، شناختي ڪارڊ، پاسپورٽ ۽ ٻيا سفري ڪاغذات وغيره وڏي ڌيان ۽ خبرداري سان کڻڻ گهرجن.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. آڳاٽي دور جي سوارين جو تعارف لکو.
2. جديد دور جي تيز رفتار سوارين بابت لکو.
3. بس اسٽينڊ ڪهڙن ماڻهن لاءِ فائديمند آهي؟
4. ريلوي جي سفر کي ماڻهو ڇو ترجيح ڏيندا آهن؟
5. هوائي سفر ڪرڻ لاءِ ڪهڙيون شيون هجڻ ضروري آهن؟

(ب) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:

1. بس اسٽينڊ جو مطلب ۽ ان جا آداب لکو.
2. ريلوي اسٽيشن جي آدابن تي نوٽ لکو.
3. هوائي اڏي جي آدابن کي مثالن سان واضح ڪريو.

(ج) صحيح جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو.

1. موجوده دور کي سڏجي ٿو:

(الف) سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جو دور (ب) ادب ۽ انصاف جو دور

(ج) سياست جو دور (د) مذهب جو دور

2. سڀ کان وڌيڪ آرام وارو ۽ تيز ترين سفر آهي:

(الف) بس جو (ب) ريل جو

(ج) ڪار جو (د) جهاز جو

3. سفر تي وڃڻ کان اڳ ضروري ڪم آهي:

(الف) ٽڪيٽ بڪ ڪرائڻ (ب) سامان تيار رکڻ

(ج) وقت کان اڳ پهچڻ (د) اهي سڀ

4. سفر دوران استعمال لاءِ سامان:

(الف) ضروري ۽ مختصر هجي (ب) گهٽ هجي

(ج) سنو ۽ اعلىٰ هجي (د) نہ هجي

5. سفر ۾ انتظار کي ختم ڪرڻ لاءِ:

(الف) آرام ڪرڻ گهرجي (ب) مطالعو ڪرڻ گهرجي

(ج) موبائل هلائڻ گهرجي (د) اهي سڀ

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي**

شاگرد ۽ شاگردياڻيون سندن زندگي ۾ بس، ريل يا هوائي جهاز ذريعي ڪيل ڪنهن سفر کي ڪهاڻي جي صورت ۾ لکن ۽ ان لاءِ هڪ ڏينهن مقرر ڪري سيني جي سامهون پيش ڪن.

**استادن لاءِ هدايتون**

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي سمجهايو وڃي تہ سفر دوران اجنبين سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ توڙي انهن کان کاڌي پيتي جون شيون وٺي کائڻ ۾ ڪهڙا احتياطي اپاءَ وٺڻ گهرجن جيئن ڪنهن مشڪل ۾ ڦاسڻ کان ماڻهو بچي سگهي.

| نوان لفظ ۽ انهن جي معنىٰ | | | |
|---|---|---|---|
| **لفظ** | **معنىٰ** | **لفظ** | **معنىٰ** |
| تفريح | دِل خوشي، وندر | بورڊنگ پاس | جهاز ۾ چڙهڻ جو پاس |
| سٽائو | آسان، سهنجو | ڏاتو | لوهہ وغيره |
| وهٽ | سواريءَ جو جانور | اسڪريننگ | برقي معائنو |
| پرلطف | مزي وارو | آرامده | سهولت وارو |
| ائيرلائين | هوائي ڪمپني | پٽاندر | مطابق |
| پاسپورٽ | هوائي اجازت نامو | فضائي | هوائي |

# مارڪيٽ جا آداب

سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ ڪان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- مارڪيٽ جي مفهوم ۽ ان جي سرگرمين بابت ڄاڻي سگهندا.
- مختلف شين جي خريد ۽ فروخت لاءِ گهربل ذاتي ۽ پيشه وارانه صلاحيتن ۽ آدابن کي اپنائي سگهندا.



مارڪيٽ هڪ وسيع معنيٰ وارو لفظ آهي، عام طور انهي لفظ جي معنيٰ آهي منڊي يعني اهو مستقل هنڌ جتي ماڻهو سيڙتو سامان، گهرج وارين شيون يا چوپايو مال خريد يا وڪرو ڪرڻ لاءِ اچي گڏ ٿيندا هجن، منڊي ۾ طلب ۽ رسد جو اثر قيمتن تي ٿيندو آهي، اهو هنڌ ڪليل به ٿي سگهي ٿو ته ڇت وارو به، انهي هنڌ تي تجارتي ڏيتي ليتي ٿيندي آهي، اهو علائقو جتي ڪنهن شيءِ جا خريدار ۽ واپرائيندڙ گهڻي تعداد ۾ رهندا هجن ته ان علائقي کي ان شيءِ جي مارڪيٽ سڏبو آهي، عملي طور مارڪيٽنگ ڪرڻ مان مراد هي آهي ته ڪنهن شيءِ يا خدمت جي خريداري يا وڪري وڌائڻ لاءِ تشهير ڪرڻ ۽ بين ڪاروباري مرڪزن يا گراهڪن کي پهچائڻ وارين سرگرميون وغيره سر انجام ڏيڻ.

اڄوڪي زماني ۾ جيئن دنيا جي آدم شماري وڌي رهي آهي تيئن روزي ڪمائڻ جا طريقا به بدلجي رهيا آهن، پيپر ڪرنسي جي جاءِ تي ڊيجيٽل ڪرنسي جو استعمال وڌي رهيو آهي، ڪمپيوٽر ۽ سمارٽ فون جي استعمال ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿي رهيو آهي اڄ جو ماڻهو پنهنجي گهر ۾ ويهي، پنهنجي ذهن سان دستڪارين ۽ سائنسي ايجادن / مشينن ۾ ڪجهه جدت آڻي، نئين نموني ڊزائين / ٽيڪنڪ سان روزمره جي استعمال جي ڪا شيءِ ٺاهي ۽ ان کي وڪرو ڪري ڪافي رقم ڪمائي سگهي ٿو.

اسان جو صوبو سنڌ ڪيترن ئي هٿ جي هنرن ڪري ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ وڏي

ناماچاري رکي ٿو. پر هنر مندن کي پنهنجي مصنوعات جي مارڪيٽنگ ڪرڻ جو ڏانءُ نہ هئڻ ۽ ان جي جديد طريقن جي ڄاڻ نہ هئڻ ڪري، انهن جو مناسب معاوضو نہ ٿو ملي، تنهن ڪري اهي دل برداشتہ ٿي انهي ڪم ۾ نہ ڪا نواڻ آڻين ٿا ۽ نہ ڪو ٻي ڪا شيء ناهين ٿا، ڪافي هنرمند گهراڻن پنهنجي اصلي ڪرت کي ترڪ ڪري ڇڏيو جيڪا ڏاڍي افسوس جوڳي ڳالهہ آهي، پر چوندا آهن تہ مايوسي ڪفر آهي، پنهنجي ملڪ ۾ ڪافي نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين مارڪيٽ جي طلب ۽ مارڪيٽنگ جي طور طريقن کي سمجهڻ شروع ڪيو آهي ۽ اهي پنهنجي لاءِ ڪجهہ ڪمائڻ ۾ ڪامياب ٿي رهيا آهن، انهن وانگر ٻيا نوجوان بہ پنهنجن ذهنن کي استعمال ڪري، پنهنجن تصورن کي حقيقت جو روپ ڏئي، مارڪيٽ ۾ آڻي سگهن ٿا. اهي پنهنجي مصنوعات جو مارڪيٽنگ جا جديد طور طريقا ۽ اصول استعمال ڪري وڪرو وڌائي سگهن ٿا، مثال طور: ڪو بيروزگار ڇوڪرو يا ڇوڪري مارڪيٽ مان ڪپڙو، ريگزين، ساديون جوتيون، چپل، ٻارن جا بوٽ ۽ پرس خريد ڪري انهن تي مختلف قسمن ۽ رنگن جي مٽين، مصنوعي هيرن، موتين، لعلن، پشم، اُن، ڌاڳن، ليس جي جڙاءَ ۽ سلائي سان جديد ڊزائين ڏئي يا زنانہ ۽ مردانہ شلوار ڪڙين تي ڀرت جو ڪم ڪري، پنهنجي نئين مصنوعات کي مارڪيٽ ۾ متعارف ڪري پنهنجن ذاتي ۽ پيشہ ورانہ صلاحيتن ۽ مارڪيٽنگ جي ڏانءَ، اصولن کي استعمال ڪري جهجهو ناڻو ڪمائي سگهي ٿو.

عالمي سطح تي دنيا جي مشهور ڪاروباري ادارن ڏانهن ڏسبو تہ معلوم ٿيندو تہ اميزون، دراز، نائيڪي جهڙن مشهور ڪاروباري ادارن پنهنجو ڪم ننڍي سطح کان شروع ڪيو هو.

نئين پروڊڪٽ يا شيء کي پروموٽ (وڪرو وڌائڻ) ڪرڻ جا بهترين طريقا هي آهن:

- سڀ کان پهرئين ڪن حقيقي واپرائيندڙن ۽ گراهڪن کي ڳولي هٿ ڪجي ڪين اها شيءَ ڏئي راءِ ونجي.
- اسپيشل تعارفي پيشڪش ڪريو، ڊسڪائونٽ / رعايت ڏيو يا هڪ وٺڻ تي هڪ فري ڏيو.
- پنهنجي ڪاروبار کي اڳتي وڌائڻ لاءِ اندروني ۽ ٻاهرئين معلومات گڏ ڪريو ۽ وقت بوقت سروي ڪرائيندا رهو.
- سوشل ميڊيا جو استعمال ڪريو، گوگل، ماءِ بزنس، فيس بڪ، مارڪيٽ پلس ويب سائيٽ ٺاهيو ۽ ان کي وقت بوقت اپ ڊيٽ ڪندا رهو.
- ڪو ايونٽ، ميلو يا نمائش وغيره منعقد ڪريو يا انهن ۾ حصو وٺو، اتي ماڻهن کي

پنهنجي شيء پيش ڪريو، مفت ۾ ڏيو يا گهٽ قيمت ۾ ڏيو.

- مارڪيٽنگ جو ردعمل معلوم ڪندا رهو.
- پراڻن گراهڪن سان لهه وچڙ ۾ رهو، پراڻين شين ۾ نواڻ آڻڻ ۽ ڊزائين کي جديد بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا رهو.
- بلاگ لکو.

جيڪڏهن اوهان وٽ ڪنهن شيء کي نئين شڪل ڏيڻ يا ايجاد ڪرڻ جو خيال يا تصور آهي ته پوءِ ان کي حقيقت جو روپ ڏيڻ لاءِ اڄ ئي شروعات ڪريو، دير نه ڪريو.

”هر ڪم ۾ ڪاميابي پهرئين قدم کڻڻ سان ئي شروع ٿيندي آهي“

## هن سبق مان معلوم ٿيو ته:

اهو علائقو جتي ڪنهن شيء جا خريدار ۽ واپرائيندڙ گهڻي تعداد ۾ رهندا هجن ته ان علائقي کي ان شيء جو مارڪيٽ سڏبو آهي. اڄوڪي زماني ۾ جيئن دنيا جي آدم شُماري وڌي رهي آهي تيئن روزي ڪمائڻ جا طريقا به وڌي رهيا آهن، پيپر ڪرنسي جي جاءِ تي ڊيجيٽل ڪرنسي جو استعمال وڌي رهيو آهي، ڪمپيوٽر ۽ سمارٽ فون ذريعي ماڻهو پنهنجي گهر ۾ ويهي روزمره جي استعمال جي ڪا شيء خريد و فروخت ڪري ڪافي رقم ڪمائي سگهي ٿو. نئين ڪاروبار کي شروع ڪرڻ لاءِ ننڍي سطح کان ڪم شروع ڪرڻ گهرجي، عالمي سطح تي دنيا جي مشهور ڪاروباري ادارن ڏانهن ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته اميزون، دراز، نائيڪي جهڙن مشهور ڪاروباري ادارن پنهنجو ڪم ننڍي سطح کان شروع ڪيو هو. جيڪڏهن اوهان وٽ ڪنهن شيء کي نئين شڪل ڏيڻ يا ايجاد ڪرڻ جو خيال يا تصور آهي ته پوءِ ان کي حقيقت جو روپ ڏيڻ لاءِ اڄ ئي شروعات ڪريو، دير نه ڪريو.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. طلب ۽ رسد جو مطلب ڇا آهي؟
2. مارڪيٽنگ ڇو ضروري آهي؟
3. موجوده دور ۾ واپار ۽ تجارت جا ڪهڙا ذريعا آهن؟
4. سوشل ميڊيا ذريعي ڪاروبار جي اهميت ڇا آهي؟
5. اوهان جي خيال ۾ تعليم ۽ هنر لاءِ مارڪيٽ جي ڪهڙي اهميت آهي؟

(ب) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:

1. پراڻي دور جي منڊين ۾ واپار جو طريقو ڇا هوندو هو؟
2. جديد دور ۾ مارڪيٽ جو مفهوم ڪهڙين شين تي شامل آهي؟
3. ڪاروبار لاءِ مارڪيٽ جي اهميت واضح ڪريو.

(ج) صحيح جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو.

1. صوبو سنڌ پوري دنيا ۾ مشهور آهي:

(الف) راند روند جي ڪري (ب) ثقافت جي ڪري
(ج) تاريخ جي ڪري (د) هٿ جو هنر جي ڪري

2. ايندڙ زماني ۾ ڪاغذي ڪرنسي جي جاءِ تي هوندي:

(الف) سائنسي ترقي (ب) آمريڪي ڪرنسي
(ج) ڊجيٽل ڪرنسي (د) پاڪستاني ڪرنسي

3. ڪاروبار ۾ ڪاميابي لاءِ شروعات ڪجي:

(الف) ننڍي پيماني تي (ب) وڏي پيماني تي
(ج) جديد پيماني تي (د) سائنس پيماني تي

4. جديد مارڪيٽنگ جو اهم ذريعو آهي:

(الف) مارڪيٽ (ب) ليبارٽري
(ج) سوشل ميڊيا (د) ڪاليج

5. بازار جو بنيادي ڪم آهي:

(الف) پڙهائڻ (ب) تجربو ڪرڻ
(ج) سينگارڻ (د) ڏيتي ليتي ڪرڻ

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي**

شاگرد ۽ شاگردياڻيون جديد دور جي ڪاروباري اصطلاحن کي انٽرنيٽ ذريعي معلوم ڪن مثلاً: اسٽاڪ ايڪسچينج، ڪرنسي، طلب ۽ رسد

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي جديد دور ۾ آن لائين مارڪيٽنگ توڙي پروفيشنل مهارتن مان فائدو وٺڻ لاءِ بين الاقوامي مارڪيٽ جي آدابن کان واقف ڪريو جيئن ذاتي ۽ قومي لحاظ کان سندس ذات تي ڪو حرف نہ اچي.

| نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ | | | |
|---|---|---|---|
| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
| طلب | گهرج | سروي | جاچڻ، اندازو لڳائڻ |
| رسد | مهيا ڪرڻ، پهچائڻ | نمائش | ڏيکاءُ |
| جدت | نواڻ | حصيدار | حصو رکندڙ |
| مصنوعات | ٺهيل شيون | سطح | متاچرو |
| ڪرت | ڌنڌو | ناڻو | پيسا، ڏوڪڙ |
| ڏاء | هنر، طريقو | | |

# اهم شخصيتون

## تدريسي معيار

هن باب پڙهڻ کان پوءِ شاگردن ۽ شاگردياڻين مان اميد ڪجي ٿي تہ اهي:

- افلاطون جي شاگرد ۽ سڪندر اعظم جي استاد ارسطو جي حالات زندگي بابت ڄاڻي سگهندا.
- ان ڳالهہ کي سراهيندا تہ سندس نظريا اڄ تائين وقت سان نهڪندڙ آهن.
- جرمن فلاسافر ڪانٽ ۽ سندس اخلاقي نظريي بابت ڄاڻي سگهندا.
- ايران جي گهڻ رخي شخصيت، امام غزاليءَ جي حالات زندگي ۽ ڪمن کي ڄاڻي سگهندا.
- انگريز سماج سڌارڪ ۽ ماهر شماريات فلورينس نائيٽنگل جي ڪيل خدمتن بابت معلوم ڪري پاڻ کي پرجوش محسوس ڪندا.

انسان جي فطرت ۾ تلاش، ڳولا ڦولا ۽ اڻ ڄاتل شين کي پرکڻ ۽ سڃاڻڻ جي امنگ شامل آهي ۽ سندس اها تمنا ٻالڪپڻ کان ڪراڙپ تائين جاري رهي ٿي. هميشہ هو ڪنهن نئين خبر، نئين ڳالهہ ۽ جستجو طرف جلدي مائل ٿي وڃي ٿو. سکڻ جو اهو سلسلو ڪتابن ۽ تجربن توڙي مشاهدن واري دنيا مان انسان کي حاصل ٿيندو رهي ٿو. پر جڏهن ڪا اعليٰ ۽ مهان شخصيت پنهنجي فن ۽ فڪر ۾ ڪامل ٿي وڃي ٿي تہ ڪيترائي ماڻهو ان کي پنهنجي علمي اُمنگ جو مرڪز بڻائي ان جي پيروي ڪرڻ ئي پنهنجي ڪاميابي سمجهن ٿا. مذهب، فلسفي، اخلاق، ادب، سياست، سائنس ۽ سماجي شعبن ۾ سندس ڪيل خدمتن کي سامهون رکي، پنهنجي مستقبل سنوارڻ جون راهون طي ڪن ٿا. اهڙن اعليٰ شخصيتن مان ارسطو، ڪانٽ، امام غزالي ۽ فلورينس نائيٽنگل بہ آهن.

هن باب ۾ سندن شخصيت، فن ۽ فڪر توڙي اعليٰ خدمتن بابت معلومات حاصل ڪنداسين.

# ارسطو

سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- ڄاڻندا ته ارسطو ڪڏهن ۽ ڪٿي پيدا ٿيو.
- هن يوناني فلاسافر ۽ سائنسدان جي زندگي بابت مختصر طور ڄاڻي سگهندا.
- سمجهائي سگهندا ته ارسطو جي اخلاقيات ڪهڙن اصولن تي ٻڌل آهي.
- اخلاقي قدرن ۽ خوشيءَ بابت سندس خيالات بيان ڪري سگهندا.
- وضاحت ڪندا ته ڪهڙا گڻ اعليٰ ڪردار جوڙڻ جو سبب آهن.
- سندس ڪتاب ”The Nicommchean Ethics“ تي روشني وجهي سگهندا.



**حالات زندگي:** يونان علم، فلسفي ۽ سائنس ۾ قديم دور کان نمايان رهيو آهي. ستاگرا اتر يونان جي هڪ شاهي حڪيم نيڪو ميڪس جي گهر ۾ 384 ق.م ڌاري هڪ سدا ملوڪ نينگر پيدا ٿيو. جيڪو اڳتي هلي ملڪ جو عظيم سائنسدان، فيلسوف، حڪيم ۽ استاد ٿي گذريو جنهن جي علم کان هزارين لکين ماڻهن فائدو پرايو. اهو يونان جو ارسطا طاليس آهي. دنيا ان عظيم هستي کي ”ارسطو“ جي نالي سان سڃاڻي ٿي. ارسطو شروعاتي تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪئي، جنهن ۾ حڪمت، طب، ادب ۽ حياتيات جي مروج نصاب مطابق تعليم ورتائين. هو اڃان ننڍڙو ئي هو ته سندس ماءُ وفات ڪري وئي. ڏهن ورهين جي عمر ۾ سندس پيءُ به هي جهان ڇڏي ويو. ڪجهه عرصو پنهنجي علائقي ۾ گذارڻ بعد ارڙهن سالن جي عمر ۾ اٿينس هليو ويو. جيڪو ان وقت علم، فن ۽ حڪمت جو مرڪز هو. ارسطو اٿينس ۾ افلاطون جي مڪتب ۾ داخل ٿيو ۽ پنهنجي فڪر ۽ علم کي پنهنجي استاد افلاطون جي تعليم سان واس ڏيندو رهيو. گڏوگڏ درس و تدريس سان وابسته رهيو. مشهور فاتح ۽ حڪمران سڪندر مقدوني سندس شاگرد هو. مقدونيه جي بادشاهه فيلقوس جڏهن وفات ڪئي ته ويهن سالن جي نوجوان سڪندر کي حاڪم بڻايو ويو. هو اڃان حڪمراني ۽ سياست کان اڻ واقف هو، تنهن

ڪري سندس ماءُ اولمپياس ارسطو کي پنهنجي محل ۾ گهرايو ته جيئن هو کيس بهترين حڪمراني ۽ تقرير جي فن کان روشناس ڪرائي. ارسطو سڪندر کي سبق ڏنو ته ”هر انسان مالڪِ حقيقي جو بندو آهي ۽ هر هڪ کي باعزت زندگي گذارڻ جو پيدائشي حق حاصل آهي.“ ارسطو 335ق.م ۾ لائسيم نالي سان پنهنجو مڪتب قائم ڪيو. جنهن ۾ تعليم، تدريس ۽ تحقيق جو ڪم ٿيندو هو. سڪندر مختلف ملڪن تي ڪاهن ڪندي اتان جا جانور ۽ ٻيون اهم شيون ڏانهس موڪليندو هو. جن کي ارسطو حڪمت ۽ طب توڙي مختلف علمي نوعيت جي ڪمن ۾ ڪتب آڻيندو هو. ان ئي دور ۾ پاڻ جماليات، اخلاقيات، سياست، نفسيات، طبيعيات ۽ منطق بابت بحث مباحثا منعقد ڪيائين. گڏوگڏ قلمي پورهئي ۾ مصروف رهيو. کيس منطق ۽ حياتيات جو باني تصور ڪيو وڃي ٿو. سڪندر اعظم جي 323 ق.م ڌاري وفات کان پوءِ ارسطو اٿينس کي ڇڏي. پوديبيا جا وڻ اچي وسايا پر زندگيءَ سندس ساٿ نه ڏنو ۽ پاڻ 322 ق.م ڌاري وفات ڪري ويو. سڪندر اعظم پنهنجي استاد جي تعريف ۾ چيو هو: ارسطو زنده رهندو ته هزارين سڪندر تيار ٿي پوندا. پر هزارين سڪندر گڏجي هڪ ارسطو نه ٿا تيار ڪري سگهن.

**ارسطو جو اخلاقياتي فڪر:** ارسطو جي خيال ۾ هر انسان خوشي ۽ سڪون جو ڳولائو آهي ۽ اصل خوشي اها آهي جيڪا سٺن ڪمن ڪرڻ سان حاصل ٿيندي آهي. ڪائنات ۾ هر شي جو ڪو نه ڪو مقصد آهي. جنهن کي ان شي جو ڪردار يا عمل سڏجي ٿو. تنهن ڪري دنيا جي هر شي جي سٺائي ان ڳالهه ۾ آهي ته اها پنهنجو ڪردار سٺي نموني ادا ڪري. انسان جي حقيقي راحت جسماني لذت ۾ ناهي بلڪ کيس حقيقي خوشي عقلي استدلال ذريعي ئي حاصل ٿي سگهي ٿي. جو ته حيوانن جي برخلاف سندس ڪردار ۽ عمل اختياري هوندو آهي. جڏهن ته حيوان جِبِلي طور ڪردار ادا ڪن ٿا ۽ جسماني لذت ماڻين ٿا.

انسان ۾ سفلي جذبات ۽ حسياتي محرومي کي مجاهدي ۽ عقلي استدلال ذريعي ڪمزور ڪري کيس اخلاقي عادتن جو قائل ڪري سگهجي ٿو ۽ جنهن وقت انسان مٿان عقلي استدلال ۽ اخلاق جو خمار چڙهندو آهي، ان وقت هو مالڪِ حقيقي جو پرتو هوندو آهي.

**نيڪوما چين اخلاقيات ۽ ٻيون تصنيفون:** سڪندر جي اوچتي موت جي ڪري ارسطو کي اچانڪ اٿينس ڇڏڻو پيو، جنهن ڪري سندس ڪيترييون ئي تصنيفون سندس مڪتب ۾ رهجي ويون. بطليموس جي مطابق ارسطو جون هڪ هزار تصنيفون آهن. جنهن ۾ منطق، طبيعيات. موسميات، هيئت، حيوانيات، سياسيات ۽ ادب ۾ شعر و شاعري بابت ڪتاب شامل آهن. تن مان ”نيڪوماچين اخلاقيات“ هڪ اهم ڪتاب آهي جيڪو ڏهن حصن تي

مشتمل آهي. جنهن تي پوڊيموس نظرثاني ڪئي. ان جو پهريون، ٽيون ۽ ڇهون حصو محفوظ آهن.

هن ڪتاب ۾ ارسطو انفرادي ۽ اجتماعي خوشيءَ جي نشاندهي ڪندي ان کي اعليٰ مقصد قرار ڏنو آهي. جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هن جذبات کان مٿاهون ٿي عقل، فضيلت ۽ تدبر کي بنياد بڻايو آهي. جو تہ انسان سماج ۾ رهي ٿو ۽ ڪيس گڏيل ڀلائي وارو رويو ئي اختيار ڪرڻ گهرجي.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

يونان جو عظيم فلسفي، سائنسدان ۽ مفڪر ارسطا طاليس جنهن کي دنيا ارسطو جي نالي سان سڃاڻي ٿي. 384 ق.م تي ستاگرا اتر يونان ۾ پيدا ٿيو. جواني ۾ ان دور جي علمي مرڪز اٿينس هليو ويو، جتي افلاطون جو شاگرد بڻيو. گڏوگڏ سندس مڪتب ۾ درس و تدريس سان بہ وابستہ رهيو. سڪندر مقدوني سندس شاگرد هو. ان جي زير سرپرستي ارسطو حڪمران گهراڻي جي تمام ويجهو رهيو. اخلاقيات، فلسفي، سياست ۽ سائنسي شعبن ۾ پاڻ ڪيترائي علمي بحث مباحثا ڪيائين. ”نيڪوماچين اخلاقيات“ سندس اخلاقي فلسفي بابت اهم ڪاوش آهي.

### مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. ارسطو ڪهڙن فنن بابت ڪم ڪيو آهي؟
2. ارسطو جي استادن ۽ شاگردن بابت اوهين ڇا ٿا ڄاڻو؟
3. ارسطو جا لکيل اهم ڪتاب ڪهڙا آهن ۽ انهن جو مڪمل ڳاڻيٽو ڇا آهي؟
4. ارسطو سڪندر اعظم کي ڪهڙو درس ڏنو؟
5. سڪندر اعظم پنهنجي استاد ارسطو بابت ڪهڙي راءِ ڏني؟

**(ب) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. ارسطو جي شروعاتي زندگي بابت وضاحت ڪريو.
2. ارسطو جي تعليم ۽ تدريس بابت وضاحت ڪريو.
3. ارسطو جو اخلاقي نظريو ڇا آهي؟

(ج) صحيح جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو.

1. ارسطو جي والد نيڪو ميڪس جو ڌنڌو هو:

(الف) هارپو (ب) درزڪو

(ج) استادي (د) حڪمت

2. ارسطو جي استاد جو نالو آهي:

(الف) سقراط (ب) بقراط

(ج) افلاطون (د) جالينوس

3. ارسطو جو اخلاقيات بابت مشهور ڪتاب آهي:

(الف) ڊيونٽيلاجيڪل اخلاقيات (ب) نيڪوماچين اخلاقيات

(ج) ڪيمياء سعادت (د) ڪاليداس

4. ارسطو کي باني شمار ڪيو وڃي ٿو:

(الف) منطق ۽ حياتيات جو (ب) طبيعيات ۽ ڪيميا جو

(ج) رياضي ۽ فلڪيات جو (د) ڪمپيوٽر ۽ آءِ ٽي جو

5. ارسطو جي وفات جو ماڳ آهي:

(الف) اٿينس (ب) روم

(ج) ستاگرا اتر يونان (د) پوڊيبيا

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي**

شاگرد ۽ شاگردياڻيون ٽي گروپ ٺاهي هيٺين اسائنمينٽ تيار ڪن.

| گروپ | گهربل ڪم / اسائنمينٽ ورڪ |
|---|---|
| A | ارسطو جي خانداني زندگي |
| B | ارسطو جون علمي ۽ تدريسي خدمتون |
| C | ارسطو جو لکيل ادبي مواد |

## استادن لاءِ هدايتون

يونان جي تهذيب ۽ اتان جي علمي شخصيتن بابت شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ڪنهن مناسب ڪتاب يا ڊاڪيومينٽري جي نشاندهي ڪئي وڃي جنهن سان سندن ڄاڻ ۾ اضافو ٿي سگهي.

| نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ | | | |
|---|---|---|---|
| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
| شاهي | حڪمراني، بادشاهي | ڪاهہ | حملو |
| سدا مَلوڪ | تمام سهڻو، خوبصورت | استدلال | ثابتي، دليل بازي |
| مروج | رواج ڌنل، هلايل | خمار | مدهوشي، ننداڪڙائي |
| مجاهدو | رياضت، تپسيا | پرتو | شعاء، عڪس، تجلي |
| رويو | چال چلت، ريت | تدبر | دورانديشي، ويچار |
| واس ڏيڻ | خوشبوءِ ڏيڻ، نيڪي ڪرڻ | جماليات | فلسفي جي هڪ صِنف جنهن جو تعلق فن جي حسن ۽ تنقيد سان هجي |
| جِبلّي | فطري، قدرتي | | |

# جرمن فلاسافر امانيول ڪانٽ

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- جرمن فلاسافر ڪانٽ جي زندگيءَ بابت ڄاڻي سگهندا.
- ڪانٽ جي ”ڊيونٽالاجيڪل مورال ٿيوري“ واري نظريي جي وضاحت ڪري سگهندا.
- انهن پهلوئن جي فهرست ٺاهي سگهندا جن تي عمل ڪرڻ سان انهن کي سنو يا خراب چئي سگهجي ٿو.
- سندس خيال ۾ سڀ کان ”اعلىٰ حتمي اخلاقي اصول“ ڪهڙو آهي.



**حالات زندگي:** جرمن فلسفي امانيول ڪانٽ جو تعلق هڪ غريب گهراڻي سان هو. پاڻ 22 اپريل 1724ع ڌاري ڪانگسبرگ، جرمنيءَ ۾ پيدا ٿيو. ڪانٽ پنهنجي دور جو مشهور فلاسافر هجڻ سان گڏوگڏ ماهر طبيعت دان، لائبريرين، استاد، مصنف، رياضي دان ۽ بهترين ماهر تعليم پڻ هو.

امانيول ڪانٽ جا ابا ڏاڏا اصل ۾ اسڪاٽ لينڊ جا رهاڪو هئا. جتان لڏپلاڻ ڪري جرمنيءَ جي ڪانگسبرگ علائقي ۾ اچي آباد ٿيا. ڪانٽ جي ماءُ مسيحيت جي سخت پيروڪار عورت هئي. تنهن ڪري ننڍپڻ ۾ مذهبي ڳالهين تي ڪانٽ کي ڀرپور نموني عمل ڪرڻو پوندو هو. غربت جي ڪري ڪانٽ ننڍي هوندي ئي محنت مزدوري ڪري پنهنجي تعليمي خرچن جو پورائو ڪندو هو. ڪانٽ قد جو ننڍڙو، سادي ۽ شرميلي طبيعت جو مالڪ هو، پر فلسفي ۽ آزاد فڪري جي حوالي سان هو تمام وڏي قد جو فلاسافر هو. ڪانٽ پنهنجي شرميلي طبيعت جي ڪري ڪنهن به عورت سان وهانءُ نه رچائي سگهيو. پهريون دفعو جنهن عورت سان محبت جي اظهار جو ارادو ڪيائين. ان ڪنهن ٻئي سان وڃي لانئون لڌيون. ڪجهه وقت کان پوءِ جڏهن هڪ ٻيءَ عورت سان اظهار ڪيائين ته هوءَ مورڳو شهر ئي ڇڏي وئي. تنهن بعد ڪانٽ پنهنجي پوري ڄمار ڪنوارو ٿي گذارڻ ۾ ئي بهتري سمجهي.

كانٽ تعليم جي شعبي سان وابسته رهيو ۽ ڪانگسبرگ يونيورسٽي جرمنيءَ ۾ درس و تدريس جون خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. سندس دور ۾ فلسفي جي ميدان ۾ انگريز فيلسوف لاڪ ۽ هيوم جي فڪرن ۽ نظرين جو وڏو چرچو هو. جنهن ۾ حواسن ۽ تجربن جي بنياد تي حاصل ٿيندڙ علم کي اهم وسيلو سمجهيو ويندو هو. ان سان عوام مونجهه جو شڪار هئي. ڪانٽ پندرهن ورهين جي محنت کان بعد 1781ع ۾ ”خالص عقل جي چنڊ ڇاڻ“ (Critique of Pure Reason) نالي ڪتاب لکيو. جنهن ۾ عقل جي اهميت ۽ ڪردار کي کولي بيان ڪيائين ته اسان جي ڪنهن به شي بابت ڄاڻ ظاهري طور محدود آهي. ان جي اصليت تائين رسائي ناممڪن آهي. ان موقف تحت ڪانٽ جي فڪر کي مظهريت وارو فلسفو ڪونيو وڃي ٿو.

**ڪانٽ جو وجوبي اخلاقيات وارو نظريو:** جرمن فلسفي امانيول ڪانٽ فلسفي جي ميدان ۾ جيتوڻيڪ نظريه علم (Epistemology) وسيلي وڏي شهرت ماڻي. جنهن بابت هن پيو ڪتاب ”عملي عقل جي چنڊ ڇاڻ“ (Critique of Practical reason) نالي پڻ 1786ع ڌاري لکيو. جنهن ۾ هن ڄاڻايو ته مذهب جو بنياد اخلاقيات آهي ۽ اها اخلاقيات هميشه واري، مضبوط ۽ غير تبديل ٿيندڙ آهي. ان جو بنياد محض تجربا ناهن. بلڪ ان کان متاهين آهي. ان کان علاوه جنهن نظريئي ڪانٽ کي گهڻو فروغ ڏنو اهو ”ديونٽالاجيڪل مورال ٿيوري“ يعني ”وجوبي اخلاقيات وارو نظريو“ آهي. جنهن جو مطلب آهي اخلاقي معيار مطابق پورو لهندڙ ڪنهن اصول يا ڪم کي باقاعده ذميواري سان سرانجام ڏيڻ ۽ نتيجي جو انتظار ڪرڻ کان سواءِ پنهنجي نيت ۽ ارادي کي درست رکڻ. ٻين لفظن ۾ اسان جو هر ڪم اهڙو هجڻ گهرجي جنهن ۾ آفاقيت هجي. توهين اهو ڪجهه چاهيندا هجو جيڪو ٻيا به ڪري سگهن جنهن جو مقصد سماج جي بهتري آهي. جنهن کي ضمير جو آواز به چئبو آهي. ڪانٽ جي خيال مطابق اهو ئي اخلاقيات جو بنياد آهي.

امانيول ڪانٽ فلسفي کان علاوه به ڪيترائي مقالا لکيا جن ۾ سائنس ۽ طبعي جاگرافي شامل آهي. سندس منفرد ڪم ”جنرل نيچرل هسٽري اينڊ ٿيوري آف هيونز“ آهي. جنهن ۾ تارن جي هڪ جهڳٽي بابت سندس مفروضو بيان ٿيل آهي.

ڪانٽ جي يونيورسٽي جي هڪ شاگرد جي ايف هربرٽ سندس فلسفي ۽ نظرين کي پنهنجي تعليمي نظام ۾ شامل ڪيو. ان کان علاوه سندس خاص شاگردن ۾ جوهان گوٽليب ٽنشي به شمار ڪيو وڃي ٿو.

امانيول ڪانٽ جي وفات 12 فيبروري 1804ع تي ڪانگسبرگ جرمني ۾ ٿي، جيڪو

اڄ ڪلهه روس جو حصو آهي ۽ ڪيلننگرادِ نالي سان هڪ انتظامي مرڪز ۽ بندرگاهه آهي جتي امانيول ڪانٽ جو هڪ خوبصورت مقبرو جڙيل آهي.

**هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:**

جرمنيءَ سان تعلق رکندڙ امانيول ڪانٽ مشهور فيلسوف، طبيعت دان، استاد، مصنف ۽ رياضي دان ٿي گذريو آهي. ڪانٽ جا وڏا اسڪاٽ لينڊ جا وينل هئا. جتان جرمني جي ڪانگسبرگ ۾ اچي آباد ٿيا. جتي ڪانٽ پيدا ٿيو ۽ بنيادي تعليم حاصل ڪيائين ۽ مٿاهين تعليم پرائڻ بعد ڪانگسبرگ يونيورسٽيءَ ۾ بطور استاد ڪم ڪندو رهيو جتي ڪيس فلسفي جي مختلف پهلوئن بابت سوچڻ ۽ ان تي لکڻ جو موقعو مليو. پاڻ فلسفي بابت مظهريت واري فلسفي ۽ وجوبي اخلاقيات واري نظريي سبب گهڻو سڃاتو وڃي ٿو.سندس خيال ۾ ڪنهن بہ ڪم کي باقاعدگي ۽ سڻي ارادي سان سرانجام ڏيڻ ئي هڪ اهم ذمہ داري آهي جيڪا اخلاقيات جو بنياد آهي. ڪانٽ جي سائنسي توڙي تعليمي خدمتن کي تمام سٺي پذيرائي ملڻ سان گڏ سندس فلسفي کي پڻ دنيا امن جي ڦهلاءَ ۽ تعليم جي واڌاري لاءِ ڪتب آڻڻ لاءِ ڪوشان آهي. ڪانٽ جي وفات 1804ع ۾ ٿي. اڄ ڪلهه سندس آرام گاهه روس جي ڪيلننگرادِ شهر ۾ واقع آهي.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. امانيول ڪانٽ ڪهڙن شعبن ۾ ڪم ڪيو آهي؟
2. امانيول ڪانٽ جي ڪتابن جا نالا تحرير ڪريو؟
3. ڪانٽ جي ”وجوبي اخلاقيات واري نظريي“ جو ڇا مطلب آهي؟
4. ڪانٽ جي شاديءَ بابت اوهان ڇا ٿا ڄاڻو؟
5. ڪانٽ جي وفات ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿي؟

**(ب) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. امانيول ڪانٽ جي ننڍپڻ ۽ شخصيت بابت نوٽ لکو.
2. امانيول ڪانٽ جي فلسفي بابت ڪيل ڪم جي وضاحت ڪريو.

**(ج) صحيح جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو.**

1. امانيول ڪانٽ جو تعلق جنهن گهراڻي سان هو، اهو آهي:

(الف) غريب　(ب) بادشاهه

(ج) مزدور　(د) عام

2. كانٽ جي خاندان جو مذهبي تعلق هو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | اسلام سان | (ب) | مسيحيت سان |
| (ج) | يهوديت سان | (د) | ٻڌ ڌرم سان |

3. ڪانٽ ڪانگسبرگ يونيورسٽيءَ ۾ بطور ڪم ڪيو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | ڪاريگر | (ب) | خادم |
| (ج) | استاد | (د) | نگران |

4. ڊيونٽالوجيڪل مورال ٿيوري جو مطلب آهي:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | وجوبي اخلاقيات | (ب) | رسمي اخلاقيات |
| (ج) | غير رسمي اخلاقيات | (د) | عارضي اخلاقيات |

5. ڪانٽ جي آخري آرامگاهه واقع آهي:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | جرمني ۾ | (ب) | امريڪا ۾ |
| (ج) | جاپان ۾ | (د) | روس ۾ |

### شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

ڪانٽ جي ڊيونٽالوجيڪل مورال ٿيوري بابت انٽرنيٽ تان ويڊيو ڊائون لوڊ ڪري ڪلاس ۾ هلائي وڃي.
هر هڪ شاگرد يا شاگرداڻي ويڊيو ڊاڪيومينٽري جي روشني ۾ ان نظريي جو مطلب تحرير ڪري ڪلاس ۾ پيش ڪري.

### استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي جرمن فلاسفر امانيول ڪانٽ جي فلسفي ”ڊيونٽالاجيڪل مورال ٿيوري“ لاءِ انٽرنيٽ تي موجود ويڊيو کي ڏسي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي

| نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ | | | |
|---|---|---|---|
| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
| وهانءُ | نڪاح، شادي | مفروضو | خيال ڪيل، مجيل |
| آفاقيت | زماني سان هلندڙ چلندڙ | بندرگاهه | سامونڊي جهازن جي اچڻ وڃڻ جي جاءِ |
| لانئون لهڻ | پرڻجڻ، شادي ڪرڻ | مقبرو | مزار، تربت |
| چرچو | مشهوري، ساراهه | مظهريت | ظاهر ٿيڻ، ڏيکارڻ |
| محدود | ٿورو، واجبي، پورو پنو | پذيرائي | قبوليت، منظوري |

# امام غزالي

سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- دنيا جي مشهور صوفي، قانون دان، مفکر ۽ فلسفي امام غزالي جي زندگي بابت ڄاڻي سگهندا.
- مختصر بيان ڪندا ته سندس ڪتاب ”ڪيمياءِ سعادت“ ۾ ڪهڙن موضوعن تي بحث ڪيو ويو آهي.
- ڄاڻي سگهندا ته سندس مذڪوره ڪتاب انگريزي زبان ۾ ڪهڙي نالي سان آهي ۽ ڪنهن ترجمو ڪيو آهي.
- وضاحت ڪندا ته هڪ سائنسي سوچ رکندڙ امام جي خيال مطابق ماڻهو ڪهڙن ٻن قسمن ۾ ورهايل هوندا آهن.
- سندس بنيادي اخلاقي قدرن بابت وضاحت ڪري سگهندا.
- امام غزالي جي اخلاقي نظريي کي مختصر طور بيان ڪري سگهندا.

**حالات زندگي:** دنيا جي مشهور صوفي، قانون دان، مفڪر ۽ فلسفي امام غزالي جو پورو نالو محمد بن محمد بن احمد ۽ لقب حجة الاسلام آهي. سندس خاندان جو اباڻو پيشو سُٽ سان لاڳاپيل هو تنهن ڪري پاڻ غزالي نسبت سان مشهور ٿيو. طوس جي علائقي طابران ۾ 450 هه ڌاري هڪ غريب علمي گهراڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ اڃان ننڍڙو ئي هو ته سندس والد وفات ڪندي پنهنجي هڪ دوست کي پارت ڪندي چيو ته منهنجي هنن ٻن ننڍڙن محمد ۽ احمد جي سهڻي نموني تعليم ۽ تربيت جو بندوبست ڪجانءِ ان لاءِ آءٌ ڪجهه رقم تنهنجي حوالي ڪريان ٿو. جيستائين اها رقم هئي ته ٻئي ڀائر گڏجي رهندا هئا پر ٿوري عرصي ۾ ملڪيت ختم ٿيڻ بعد ان شخص پنهنجي غربت جو بهانو ڏيکاري کين ان علائقي جي مشهور مڪتب ۾ داخل ڪرايو. جتي پاڻ شيخ احمد راذڪاني وٽ پڙهڻ لڳو.

اتان جرجان هليو ويو جتي امام ابو نصر اسماعيلي کان علم حاصل ڪيائين. امام غزالي هن استاد جو درس ٻڌندي ان جا نوٽس به ناهيندو هو. هڪ دفعي ڳوٺ واپس ٿيندي سندس سامان چور ڦري ويا جنهن ۾ اهي ڪاپيون به هيون جيڪي هن تيار ڪيون هيون. پاڻ پنهنجي ان علمي دستاويز جي ڳولا ۾ چورن جي سردار سان وڃي مليو. انهن کيس ڪاپيون ته واپس ڪيون پر کيس مهڻو ڏنائون ته اهو علم ڪهڙي ڪم جو جيڪو ڪتابن ۾ بند هجي.

ان کان پوءِ امام غزالي اهي سڀ سبق ياد ڪري ورتا جيڪي قلمبند ڪيا هئائين. ان بعد علم جي جستجو ڪندي پاڻ نيشاپور روانو ٿيو ۽ امام الحرمين جي درس ۾ شامل ٿي پنهنجي شهرت ۾ اضافو ڪيائين ۽ سندس استاد امام الحرمين جو خاص معاون ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. سندس دوستن ۽ مريدن جو حلقو چار سئو تائين پهچي ويو. سندس استاد جو چوڻ هو: امام غزالي بحر زخار (اونهو سمند) آهي. 28 سالن جي عمر تائين پاڻ نيشاپور ۾ رهيو ۽ امام الحرمين جي لاڏاڻي بعد بغداد آيو ۽ نظام الملڪ جي دربار ۾ پنهنجي علم جي ڌاڪ ويهاريائين جنهن ڪان متاثر ٿي بادشاهه ڪيس مدرسه نظاميه جو نگران مقرر ڪيو. 484 هه ۾ پاڻ اتي درس و تدريس شروع ڪيائين.

ٿورڙي ئي عرصي ۾ سندس درس و تدريس، تقرير، بيان توڙي علمي فضيلت جو چرچو بغداد ۾ ڦهلجي ويو ۽ سندس تعلق حڪومتي سربراهن تائين قائم ٿي ويو. 485هه ۾ عباسي خليفي مقتدي بالله ڪيس پنهنجو سفير بڻائي ملڪ شاهه سلجوقي جي راڻي بيگم ترخان خاتون ڏانهن موڪليو. خليفو مستظهرمن الله به امام غزالي جو خاص معتقد هو. امام صاحب خليفي جي چوڻ تي هڪ ڪتاب لکيو جنهن جو نالو مستظهري رکيائين. پاڻ بيت المقدس ۽ حرمين شريفين جا سفر ڪري آخر عمر ۾ پنهنجي آبائي علائقي ۾ اچي رهيو ۽ تصنيف و تاليف سان گڏوگڏ عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول ٿي ويو ۽ 505هه/1111ع ڌاري طوس ۾ وفات ڪيائين جتي هارونيه نالي جڳهه جي ويجهو سندس آرام گاهه واقع آهي.




**امام غزالي جي تصنيف ڪيمياءِ سعادت:** امام غزالي تاريخ جو اهو نامور مصنف ٿي گذريو آهي. جنهن پنهنجي وقت جو استعمال تصنيف ۽ تاليف جي لاءِ تمام گهڻو ڪيو آهي. هڪ اندازي موجب پاڻ روزاني جي حساب سان سورهن صفحا لکي ويندو هو. تنهن ڪري سندس ڪتابن جو تعداد به ڪافي آهي. جنهن ۾ فلسفو، منطق، علم ڪلام ۽ تصوف جا موضوع شامل آهن. پاڻ انساني ڪردار جي سڌاري ۽ اندر کي روشن ڪرڻ بابت "احياء علوم الدين" نالي ڪتاب لکيائين. جيڪو چئن جلدن تي مشتمل هو. ان کان پوءِ ان ئي ڪتاب کي مختصر ڪري "ڪيمياءِ سعادت" نالي تيار ڪيائين. جنهن ۾ مذهبي عبادتن، انساني معاملن، عادتن، انسان کي برباد ڪندڙ ڳالهين ۽ ماڻهو کي نجات ڏياريندڙ خوبين کي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. هي ڪتاب پهرئين عربي ٻوليءَ ۾ ۽

پوءِ مصنف فارسيءَ ۾ لکيو بعد ۾ دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿي ڇپيو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ مرزا قليچ بيگ ترجمو ڪيو جڏهن تہ هن ڪتاب کي ڪلاؤڊ فيلڊ نالي شخص انگلش ۾ ترجمو ڪيو جنهن جو نالو (The chemy of happiness) آهي.

**امام غزالي جو اخلاقي نظريو:** امام غزالي جي فڪر موجب پختي ۽ پڪي عادت جو نالو اخلاق يا خلق آهي. پوءِ اهو خلقِ حَسن بہ ٿي سگهي ٿو ۽ خراب عادتن جي ڪري خلق سيئہ يا برو اخلاق بہ بڻجي ٿو. ان کي ماڻهن جي طبيعتن مطابق واضح ڪري سگهجي ٿو. عام طور تي اخلاق جي اعتبار سان ماڻهو چئن قسمن جا آهن:

1. اڻ ڄاڻ ماڻهو جن کي حق ۽ ناحق توڙي بري ۽ چڱي جي پرک ناهي.
2. جن کي برائين جي ڄاڻ آهي پر چڱائين ڪرڻ جي عادت ڪين اٿن.
3. جيڪي برائي کي ئي صحيح سمجهن ٿا ۽ ان جي پيروي ڪن ٿا.
4. جن ماڻهن جو جنم ئي بري ماحول ۾ ٿيو ۽ اٿڻ ويهڻ توڙي ڪم ڪار بہ اتي ڪن ٿا.

انهن ماڻهن مان جيڪي ماڻهو چڱي فطرت وارا آهن تن کي تعليم ۽ تربيت ذريعي سڌاري سگهجي ٿو ۽ انهن جي برائين کي ختم ڪرائي چڱائين ڏانهن مائل ڪري سگهجي ٿو. البتہ بري فطرت وارن ماڻهن کي سڌارڻ محال آهي. ان لاءِ وڏي مجاهدي، وقت ۽ محنت جي ضرورت آهي.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

حجة الاسلام محمد بن محمد غزالي جنهن کي علمي دنيا ۾ امام غزاليءَ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. ايران جي طوس علائقي ۾ 450 هجري ڌاري پيدا ٿيو. ننڍپڻ ۾ ئي والدين جي شفقت کان محروم ٿي ويو. سندس تعليم ان دور جي نامور تعليمي ادارن ۾ ٿي. پاڻ تعليم کان بعد درس و تدريس سان وابستہ ٿي ويو. گڏوگڏ سفارتي خدمتن ۾ بہ ڀهرو ورتائين. ان بعد بادشاهہ نظام الملڪ جي زير نگراني مدرسہ نظاميہ سنڀالي علمي خدمتن ۾ مصروف ٿي ويو. آخري عمر ۾ واپس پنهنجي وطن طوس ۾ رهي تصنيف ۽ تاليف جو ڪم ڪندو رهيو. پاڻ تفسير، حديث، فقہ، تصوف ۽ اخلاقيات بابت ڪيترائي ناياب ڪتاب لکيائين جنهن مان "ڪيمياءِ سعادت" بہ هڪ اهم ڪتاب آهي.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. تعليم سکڻ واري دور ۾ امام غزاليءَ سان ڪهڙو واقعو پيش آيو هو؟
2. امام غزاليءَ جي ڪتابن لکڻ بابت اوهان ڇاڻا ڄاڻو؟
3. امام غزالي جو سياسي ۽ سفارتي ڪردار ڪهڙو هو؟
4. امام غزالي اخلاقي ڪردار جي حوالي سان ماڻهن کي ڪيئن ورهايو آهي؟
5. امام غزاليءَ آخري عمر ۾ ڪهڙي مصروفيت اختيار ڪئي؟

**(ب) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. امام غزاليءَ جي تصنيف ”ڪيمياءِ سعادت“ تي نوٽ لکو.
2. امام غزالي ڪٿان تعليم حاصل ڪئي ۽ سندس استاد ڪهڙا هئا؟
3. امام غزاليءَ جو اخلاقي نظريو ڇا آهي؟

**(ج) صحيح جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو.**

1. امام غزالي پيدا ٿيو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | ايران ۾ | (ب) | افغانستان ۾ |
| (ج) | پاڪستان ۾ | (د) | سعودي عرب ۾ |

2. امام غزاليءَ جي خاندان جو پيشو هو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | واپار | (ب) | سٽ ڪتڻ |
| (ج) | ملازمت | (د) | استاد |

3. ڪتاب ”The chemy of happiness“ جو انگريزي ترجمو آهي:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | احياء علوم الدين جو | (ب) | منقذ من الضلال جو |
| (ج) | ڪيمياءِ سعادت جو | (د) | چوٽڪارو جو |

4. امام غزاليءَ جي آخري آرامگاهه واقع آهي:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | سيستان ۾ | (ب) | سجستان ۾ |
| (ج) | هارونيه ۾ | (د) | نيشاپور ۾ |

5. امام غزاليءَ کي تعليمي اداري جو نگران مقرر ڪيو ويو هو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | مڪتب طفل جو | (ب) | مدرسہ صولتيہ جو |
| (ج) | مدرسہ دارالهدیٰ جو | (د) | مدرسہ نظاميہ جو |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

انٽرنيٽ جي مدد سان شاگرد ۽ شاگردياڻيون امام غزالي رحہ جي شخصيت بابت هيٺيون تحقيقي ڪم تيار ڪري استاد کي ڏيکارن:

- امام غزاليءَ جي لکيل ڪتابن جي فهرست.
- امام غزاليءَ بابت سنڌي/ اردو ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتابن جي فهرست.
- امام غزاليءَ جي ڪتاب ”ڪيمياءِ سعادت“ جي ٻين ٻولين ۾ ٿيل ترجمن جي فهرست.

## استادن لاءِ هدايتون

سنڌي ٻوليءَ ۾ امام غزالي جي ڪتابن جي ڇپيل ترجما جن جن ماڻهن طرفان تيار ڪيا ويا آهن، تن بابت شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ٻڌايو وڃي.

| نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ | | | |
|---|---|---|---|
| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
| حجة الاسلام | اسلام جي علامت | رياضت | محنت، مشقت، ورزش |
| سُٽ | ڪتيل ڪپهه يا اُن جا ڌاڳا | محال | ناممڪن |
| دستاويز | لکت، ڪاغذ پٽ | مجاهدو | ڪوشش ڪرڻ. |
| جستجو | ڪوشش، جدوجهد | درس و تدريس | پرهڻ ۽ پڙهائڻ |
| امام الحرمين | ٻن پاڪ جاين جو اڳواڻ | ڪيمياء | چوڙي ناهڻ جو هنر، سون چاندي جو حيلو |
| ڏاڪ | هاڪ، ناماچاري | سعادت | خوش نصيبي، |
| ناياب | اڻ لڀ، املھ | | |

# فلورينس نائيٽنگل

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- فلورينس نائيٽنگل جي ابتدائي زندگي بابت ٻڌائي سگهندا.
- واضح ڪندا ته ڪيس ”نرسنگ جي ماءُ“ ۽ ”ٻتين واري عورت“ جو سڏيو ويندو آهي.
- ڪريميه جنگ دوران سندس ٿهل ٽڪور ڪرڻ وارين خدمتن لاءِ هڪ منتظم ۽ اتساهيندڙ ڪردار کي بيان ڪري سگهندا.
- سندس ”ماحولياتي نظريي“ مان خاص ڳالهين کي ساراهي سگهندا.
- نرسنگ بابت لکيل سندس لکڻين بابت ٻڌائي سگهندا.



**حالات زندگي:** فلورينس نائيٽنگل هڪ انگريز خاتون هئي. جيڪا جديد نرسنگ جو بنياد وجهندڙ مڃي وڃي ٿي. پاڻ هڪ سٺي سماج سڌارڪ، شماريات جي ماهر ۽ ماحوليات جو اونو رکندڙ شخصيت جي مالڪ هئي. فلورينس جي پيدائش 12 مئي 1820ع تي اٽلي جي شهر فلورينس ۾ ٿي. سندس پيءُ جو نالو وليم شور نائيٽنگل ۽ ماءُ جو نالو فرانسس نائيٽنگل هو. اهي هڪ سکئي ستابي گهراڻي سان تعلق رکندڙ هئا. فلورينس کي ننڍي هوندي ئي نرس ٿيڻ جو بي حد شوق هو. ايتري تائين جو گڏين راند ڪندي هوءَ پنهنجي گُڏين کي بيمار سمجهندي پاڻ نرس طور سندن ٿهل ٽڪور ڪندي هئي ۽ کين مرهم پٽي ڪري ٺيڪ ڪرڻ جي مشق ڪندي هئي.

فلورينس جي تعليم گهر ۾ ئي دستوري انداز ۾ والدين جي زير نگراني ٿي. جتي هن جرمني، فرينچ ۽ اٽالين ٻولين سان گڏوگڏ حسابن ۾ به مهارت حاصل ڪري ورتي. ان دوران هوءَ پنهنجي گهر ۽ پاڙي جي بيمارن جي ٿهل ٽڪور ڪندي هئي. نرسنگ جو شعبو ان دور ۾ تمام گهٽ درجي وارو سمجهيو ويندو هو. جنهن ڪري فلورينس جي خاندان وارا ڪيس ان طرف وڃڻ کان روڪيندا رهيا پر هوءَ پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ تي اٽل رهي. 1844ع ۾

هن جرمنيءَ جي لوٿرن اسپتال ۾ نرسنگ جي شاگرد طور داخلا ورتي ۽ پوءِ سالن تائين يورپ ۽ انگلينڊ جي مختلف اسپتالن ۾ ڪم ڪندي رهي. ان دوران ڪيترن ئي ماڻهن طرفان سندس سونهن ۽ سهڻي ڪردار جي ڪري شاديءَ جا پيغام پڻ وٽس آيا پر هن ان ڳالهه ڪي پنهنجي مقصد ۾ رڪاوٽ تصور ڪندي شاديءَ کان انڪار ڪري ڇڏيو. جنهن تي سندس مائٽ بي حد غمگين ٿي ويا. پر هوءَ پنهنجي ڳالهه تي قائم رهي. 1853ع ۾ هوءَ لنڊن جي هارلي گهٽيءَ جي ضعيف عورتن واري اسپتال جي نگران مقرر ٿي. ٿوري ئي عرصي ۾ 1853ع ڌاري يوڪرين جي علائقي ۾ واقع ڪريميه جڳهه تي جنگ ڪريميه رونما ٿي پئي. جنهن ۾ هڪ طرف روس ۾ ٻئي طرف فرانس، برطانيه ۽ خلافت عثمانيه آمهون سامهون هئا. ان ۾ برطانوي فوجين جو به وڏو تعداد هو.

جنگ جي زخمين جي پرگهور لهڻ لاءِ خصوصي طور فلورينس کي گهرايو ويو. جيڪا پنهنجي زير تربيت عملي سان جنگي زخمين جي علاج معالجي لاءِ اتي پهچي وئي. سندس ماتحت 38 نرسون ڪم ڪري رهيون هيون. پر هوءَ رات جو بتي هٿ ۾ کڻي پاڻ زخمين جي خيمن ۾ وڃي سندن نگراني ڪندي هئي. تنهن ڪري کيس "بتين واري خاتون" به سڏجي ٿو. فلورينس جديد نرسنگ کي متعارف ڪرائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. تنهن ڪري کيس "نرسنگ جي ماءُ" (جديد نرسنگ جي موجد) به چيو وڃي ٿو. هن لنڊن ۾ سينٽ ٿامس نرسنگ اسڪول ۾ باقاعدي نرسنگ جي تعليم ڏيڻ جي شروعات ڪئي. جيڪو دنيا جو پهريون سيڪيولر نرسنگ اسڪول هو. جيڪو اڄ ڪلهه ڪنگز ڪاليج لنڊن جو حصو آهي. فلورينس جي جدوجهد سان هي شعبو پوري دنيا ۾ رائج آهي.

**ماحولياتي نظريو ۽ لکڻيون:** فلورينس هڪ تجربيڪار نرس هئڻ سان گڏوگڏ ماهر فن به هئي تنهن ڪري هوءَ بيمارن جي مناسب علاج لاءِ انهن جي علاج دوران مناسب ماحول کي وڏي اهميت ڏئي ٿي. جو ته سندس خيال ۾ مريض جي صحتياب ٿيڻ تي اردگرد جي ماحول، خوراڪ ۽ رهڻي ڪهڻي جو وڏو اثر پوندو آهي، تنهن ڪري مريضن جي لاءِ تازي هوا، صاف پاڻي، پاڻي جي بهتر نيڪال، ڪاڌي ۽ ماحول جي صفائي ۽ روشني جي مناسب انتظام جو هجڻ لازم آهي.

فلورينس برطانوي فوج لاءِ پنهنجي خدمتن پيش ڪرڻ دوران صحت، اسپتال انتظاميه ۽ ماحولياتي جاڻ بابت ڪيترين ئي تحريرون لکيون. 1860ع ۾ سندس ڪتاب (Notes on Nursing) شايع ٿيو جيڪو نرسنگ جي اصولن بابت آهي ۽ دنيا جي ڪيترن ئي ٻولين ۾ شايع ٿيل آهي. ان کان علاوه به سئو کن رپورٽون، ڪتابچا ۽ ڪتاب سندس لکڻين

۾ شامل آهن.

فلورينس نائيٽنگل طرفان انسانيت لاءِ ڪيل اعليٰ خدمتن جي عيوض برطانوي حڪومت کيس 1883ع ۾ ”رائل ريڊ ڪراس“ 1907ع ۾ آرڊر آف ميرٽ جهڙن اعزازن سان نوازيو. گڏوگڏ عالمي سطح تي نرسنگ سان تعلق رکندڙ هر شعبو سندس خدمتن جي اعتراف ڪرڻ کان سواءِ اڌورو سمجهيو ويجي ٿو. دنيا جي سماج سڌارڪ، انسانيت پسند هي شخصيت 13 آگسٽ 1910ع تي ميفيئر لنڊن ۾ لاڏاڻو ڪري وئي.

## هن سبق مان معلوم ٿيو ته:

جديد نرسنگ جو بنياد رکندڙ، سماج سڌارڪ، ماهر شماريات ۽ ماحول دوست شخصيت جي مالڪ فلورينس نائيٽنگل اٽلي جي شهر فلورينس ۾ پيدا ٿي ته مائٽن سندس نالو به فلورينس رکي ڇڏيو. فلورينس ننڍپڻ کان ئي نرسنگ جي شعبي کي پسند ڪندي هئي. راند ڪندي به کيس مريض جي ٿهل ٽڪور ڪرڻ وارو ڪردار وڻندو هو. سندس اهڙي دلچسپي ۽ لڳاءَ جي ڪري هوءَ وڏي ٿي هڪ ماهر نرس سان گڏ بهترين منتظم ۽ ان شعبي کي نئين سر اڏيندڙ بڻجي وئي. جنهن ڪري دنيا سندس ڪردار ۽ خدمتن کي ساراهڻ کان سواءِ رهي نه ٿي سگهي. فلورينس ڪريميه جنگ ۾ بيمارن جي خوب پرگهور لڌي. ڪيترين ئي عورتن کي نرسنگ جي سکيا ڏني. سندن تربيت لاءِ اسڪول قائم ڪيو ۽ انهن جي لاءِ ”نوٽس آن نرسنگ“ جي نالي سان ڪتاب لکيو. سندس اهڙي ڪردار ۽ خدمتن جي ڪري هوءَ اڄ تائين عوام جي دلين ۾ زنده آهي.

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. فلورينس کي سندس خدمتن عيوض ڪهڙن اعزازن سان نوازيو ويو؟
2. فلورينس جنگ ڪريميه دوران ڪهڙا اپاءَ ورتا؟
3. ”بتين واري خاتون“ مان ڪير مراد آهي ۽ ڇو؟
4. صحت مند ڪرڻ لاءِ مريض کي ڪهڙين انتظامي شين جي گهرج هوندي آهي؟
5. فلورينس نائيٽنگل جي والدين جو تعارف ڇا آهي ۽ انهن کيس نرسنگ اپنائڻ کان ڇو منع ڪيو؟

(ب) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:

1. فلورينس نائيٽنگل جي ذاتي زندگي بابت اوهين ڇا ٿا ڄاڻو؟
2. فلورينس نائيٽنگل جي نرسنگ لاءِ ڪيل خدمتن جي وضاحت ڪريو.
3. فلورينس نائيٽنگل جي ”ماحولياتي نظريي“ مان ڇا مراد آهي؟

(ج) صحيح جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو.

1. ”ٻتين واري خاتون“ لقب هو:

(الف) يوآن ريڊلي جو (ب) ميران ٻائي جو
(ج) فرانسس نائيٽنگل جو (د) فلورينس نائيٽنگل جو

2. فلورينس نائيٽنگل جي پيدائش ٿي:

(الف) لنڊن ۾ (ب) امريڪا ۾
(ج) اٽلي ۾ (د) جرمني ۾

3. جنگ ڪريميه واقع ٿي:

(الف) روس ۾ (ب) لنڊن ۾
(ج) يوڪرين ۾ (د) فرانس ۾

4. جنگ ڪريميه دوران فلورينس جي ماتحت نرسن جو تعداد هو:

(الف) 37 (ب) 38
(ج) 39 (د) 40

5. فلورينس نائيٽنگل جي ڪتاب جو نالو آهي:

(الف) نوٽس آن نرسنگ (ب) نيڪوماچين
(ج) ميڊيڪل سائنسز (د) ماڊرن نرسنگ

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي**

فلورينس نائيٽنگل جي خدمتن بابت هڪ ڊاڙو ملهايو وڃي جنهن ۾ سندس حالات زندگي ۽ نرسنگ بابت خدمتن تي مضمون پڙهيا وڃن ۽ شاگردياڻيون فلورينس جي ڪردار جو عملي نمونو پيش ڪندي مريضن جي نمائشي ٿهل ٽڪور ڪن.

## استادن لاءِ هدايتون

جديد نرسنگ جي بانيڪار فلورينس نائيٽنگل بابت تيار ڪيل ڊاڪيومينٽري بابت شاگردن ۽ شاگردياڻين کي رهنمائي ڪئي وڃي ۽ ان جي ڏسڻ کان بعد ڪلاس ۾ هر هڪ شاگرد ۽ شاگردياڻي کان ان جا تاثرات معلوم ڪيا وڃن.

| نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ | | | |
|---|---|---|---|
| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
| نرسنگ | دائپو، مريضن جي سار سنڀال | اعتراف | اقرار، قبوليت |
| شماريات | ڳاڻيٽي جو علم | اڌورو | اڻ پورو |
| ٽهل ٽڪور | خدمت چاڪري، سار سنڀال | سماج سڌارڪ | سماج سڌاريندڙ |
| خيما | تنبو | لڳاءُ | تعلق، رابطو |
| متعارف | ناميارو، واقف | منتظم | انتظام سنڀاليندڙ |
| موجد | ايجاد ڪندڙ | اڏيندڙ | قائم ڪندڙ، جوڙيندڙ |
| اعزاز | مانُ، مرتبو | سرمايو | ڌن، موڙي، ملڪيت |